# سنڌي صورتخطي

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

# سنڌي صُورَتخَطي

(نئين سر وڌيڪ سڌاريل ۽ وڌايل)

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

حيدرآباد

2016ع

# انتساب

مٺڙي امڙ جي نالي

جنهن مون کي سنڌيءَ ۾

لولي ڏني.

غ- الانا

## خاص اشارا

هن ڪتاب ۾ ڪي نشان ڪم آندا ويا آهن، جن جي سمجهاڻي ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ ممڪن آهي تہ اهڙا نشان ٻين ڪتابن ۾ ٻي معنيٰ رکندا هجن.

[ ] چورس ڏنگيون (Square brackets)۔ انهن ڏنگين ۾ ڏنل نشان ڏيکارين ٿا تہ اهي آواز (Sounds) آهن.

// ليڪن جي وچ ۾ ڏنل نشان ڏيکارين ٿا تہ اهي "صوتيہ" (Phonemes)، حرف يا اکر کي ڪامائن اندر رکيو ويو آهي.

> بدلجي ٿئي ٿو.

# عنوان جي فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| | ناشر نوٽ | 7 |
| | ٻئي ڇاپي جو مهاڳ | 9 |
| | ٽئين ڇاپي جا پيش لفظ | 10 |
| | چوٿين ڇاپي جا پيش لفظ | 23 |
| | پنجين ڇاپي جو مهاڳ | 26 |
| 1. | سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ ۾ قدامت جا اهڃاڻ | 35 |
| 2. | ديسي سنڌي رسم الخط جا ڌار ڌار نمونا | 41 |
| 3. | خواجڪي سنڌي صورتخطي | 44 |
| 4. | عربي- سنڌي صورتخطي | 50 |
| | ڇچنامي ۾ لکيل سنڌي لفظ | 68 |
| | البيرونيءَ جي ڪتاب ۾ ڏنل سنڌي لفظ | 71 |
| | جپسي ٻوليءَ جا لفظ جيڪي سنڌي ٻوليءَ سان هڪجهڙائي ڏيکارين ٿا | 83 |
| | البيرونيءَ طرفان ٺاهيل سنڌي نوان حرف | 86 |
| 5. | مخدوم ابوالحسن جي سنڌي | 97 |
| 6. | رسم الخط لاءِ سرڪاري ڪميٽي | 100 |
| 7. | ايلس واري صورتخطي | 106 |
| 8. | ايلس جي ٺاهيل صورتخطيءَ جون خصوصيتون | 108 |
| 9. | ايلس واري صورتخطيءَ ۾ ڪي وڌيڪ خصوصيتون هي آهن | 111 |
| 10. | سُر (Vowels) | 116 |

| | | |
|---|---|---|
| .11 | شد | 120 |
| .12 | جزم | 121 |
| .13 | تنوين | 121 |
| .14 | همزو | 122 |
| .15 | گهٽا سُر | 124 |
| .16 | وسرگائي | 126 |
| .17 | ايلس جي صورتخطيءَ تي ڊاڪٽر ترومپ جي تنقيد | 127 |
| .18 | ايلس جي صورتخطيءَ ۾ لفظن جي صورتن ۾ اختلاف | 133 |
| .19 | هاڻوڪيءَ صورتخطيءَ ۾ عام خاميون | 140 |
| .20 | صاف سر ۽ جزم | 149 |
| .21 | وسرگ آواز | 153 |
| .22 | شد | 155 |
| .23 | ببليوگرافي | 156 |

## ناشر پاران

مون کي اڄ بيحد خوشي ٿي رهي آهي تہ آءٌ سنڌي ٻوليءَ جي هاڪاري عالم ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرمئن ۽ موجوده بورڊ آف گورنرس جي سينيئر ميمبر سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا جي هن ڪتاب 'سنڌي صورتخطي' جو پنجون ڇاپو شايع ڪري پڌرو ڪري رهيو آهيان. هن ڪتاب جو چوٿون ڇاپو پڻ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سال 1993ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو جڏهن تہ پهريان چار ڇاپا ترتيبوار سال 1964ع، 1965ع ۽ 1969ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا هئا.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جون سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل ڪاوشون سنڌ ۽ هند ۾ ڪنهن کان بہ ڳجهيون نہ آهن. سندس تصنيفون نہ رڳو سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ بي بها واڌارو آهن پر اهي يونيورسٽين ۾ سنڌي ادب جي شعبن جي نصاب تي رکيل هئڻ ڪري شاگردن لاءِ پڻ ڪورس جي ڪتابن طور اهميت جون حامل آهن. اهو ئي سبب آهي جو هن ڪتاب جا هيستائين چار ڇاپا پڌرا ٿي کپي چڪا آهن. ساڳيءَ ريت اٿارٽيءَ پاران ڇپيل ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جا ٻيا ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا'، 'سنڌي صوتيات'، 'سنڌي لنگئافون' ۽ 'استادن لاءِ هدايتون' وغيره پڻ علمي ادبي حلقن توڙي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي شاگردن لاءِ اوترائي اهم آهن، جيترو هيءُ ڪتاب اهم آهي.

مون سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمئن جي حيثيت سان اداري جي چارج وٺڻ شرط ئي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي ڪوٺائي ان ڳالھ جي اهميت تي زور ڏنو تہ ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي ۾ ٻوليءَ جي موضوع کي اوليت ۽ ترجيح

ڏني وڃي. ان ئي سلسلي جي ڪڙي طور اسان هيءَ ۽ ٻوليءَ بابت ٻيا ڪتاب شايع ڪرائي رهيا آهيون جيڪو اٿارٽيءَ جو اولين ۽ بنيادي ڪم آهي.

اسان پنهنجي پوري ڪوشش ڪري، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي شاگردن جي گُهر تي ٺوس بنيادن تي هن ڪتاب جو نئون ڇاپو پيش ڪري رهيا آهيون. ان اميد سان تہ ٻولي ۽ ادب جي شاگردن سميت محققن، عالمن ۽ اديبن لاءِ هي ڪتاب بهترين تحفو ثابت ٿيندو.

**سرفراز راڄڙ**
چيئرمئن

4 فيبروري 2016ع
حيدرآباد سنڌ

# ٻئي ڇاپي جو مهاڳ

"سنڌي صورتخطي" جو پهريون ڇاپو ڇهن مهينن اندر ختم ٿي ويو ۽ ٻئي ڇاپي لاءِ پريس جا دَرَ کُڙڪائڻا پيا. پهريون ڇاپو سنڌ جي اُستادن، دانشورن ۽ تعليمي ماهرن زباني طور تہ پسند ڪيو پر مون کي خوشي تڏهن ٿئي ها جڏهن ڪو صاحب تڪليف وٺي هن فن تي علمي جائزو وٺي ڪجهہ لکي ها ۽ منهنجي رهبري ڪري ها.

سچ پچ تہ مون کي خوشي تڏهن ٿيندي جڏهن ڪو ڄاڻو منهنجي طرفان ڪيل سفارشن تي ڪجهہ لکي، اُنهن تي فني ۽ علمي بحث ڪندو. آءٌ ايترو ضرور چوندس تہ تنقيد علمي ڪرڻ گهرجي. "صورتخطيءَ" جي فن تي علمي تنقيد لاءِ صوتيات جي علم جي ڄاڻ جي گهڻي ضرورت آهي. ائين نہ ٿئي جو متان ڪو صاحب پاڻ کي ئي ماهر سمجهي چوي تہ مصنف کي فلاڻن فلاڻن ڪتابن جو مفهوم سمجهہ ۾ ئي نہ آيو آهي، ڇاهي پاڻ انهن ڪتابن کي سمجهي سگهيو هجي يا نہ.

ٻئي ڇاپي ۾ مون ڪي درستيون ۽ تبديليون بہ ڪيون آهن. ڪن انگريزي لفظن جا نعم البدل بہ مقرر ڪيا اٿم جن جي وڌيڪ ڇنڊڇاڻ "سنڌي صوتيات" نالي ڪتاب ۾ ڪئي وئي آهي.

ٻيو ڇاپو سڌاريل ڇاپو آهي، جنهن ۾ ڪافي اضافا ڪيا ويا آهن.

آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ جي عملدارن جو شڪرگذار آهيان جن منهنجو هي ڪتاب ايم. اي (فائنل) جي ڪورس تي رکيو آهي. اُميد تہ ايم. اي جا شاگرد هن مان گهڻو فائدو حاصل ڪندا.

**غلام علي الانا**

# نئين ڇاپي جا پيش لفظ

I. سنڌي زبان جي 'بڻ بڻياد' تي تاريخي لسانيات (Historical Linguistics) جي لحاظ کان ڪافي زماني کان بحث هلندڙ آهي. ڪن بزرگن تہ انهيءَ سلسلي ۾ جذبات کان ڪم ورتو آهي، ۽ سنڌيءَ جي موجوده تحريري صورت کي بنياد بنائي، پنهنجو هڪ مخصوص نظريو قائم ڪيو اٿن. انهن صاحبن، روزمره واري ٻوليءَ (Spoken language) جي ساخت ۽ سٽاء توڙي صرف ـ نحو جو جائزو تشريحي لسانيات (Descriptive linguistics) جي روشنيءَ ۾ نہ ورتو آهي. اگرچ ڪن صاحبن هن ڏس ۾ يعني ساخت، سٽاء ۽ صرف ـ نحو جي باري ۾ پنهنجي نظر ڊوڙائڻ جي ڪوشش ڪئي بہ آهي، پر انهن جا نتيجا بہ محض ظني آهن. نتيجو اهو نڪتو آهي جو سنڌي آوازن (Sounds) ۽ انهن جي تحرير ٿيل صورتن (written symbols) کي هڪٻئي ۾ منجهايو ويو آهي، ۽ صوتياتي اصولن ماتحت سنڌي آوازن جو جائزو نہ ورتو اٿن. ساڳي حالت سنڌي صرف ـ نحو جي بہ ڪئي وئي آهي. نہ صرف سنڌي صوتيات جي نظام جو مطالعو غيراطميناني بخش آهي، پر سنڌي صرف ـ نحو کي بہ عربي ۽ انگريزي صرف ـ نحو جي روشنيءَ ۾ جاچڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن. سنڌي زبان جي باري ۾ ڪڍيل اهڙا نتيجا ثابت ٿا ڪن تہ عالمن سنڌي ٻوليءَ متعلق ڪجهہ لکڻ کان اڳ پنهنجو مخصوص نظريو اول قائم ڪيو آهي، ۽ پوءِ اُن نظريي جي روشنيءَ ۾ ٻوليءَ جي جائزي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن. انگريزي زبان سان بہ قديم نظريي وارن عالمن (Traditional scholars) اهائي ڪار ڪئي آهي، انهن بابت لسانيات جو جڳ مشهور اميريڪي ماهر بلوم فيلڊ لکي ٿو:

> The development so far outlined show us what eighteenth century scholars knew about languages.
>
> They stated the grammatical features of language in

philosophical terms and took no account of the structural difference between language. But observed it by forcing their description into the scheme of Latin grammar. They had not observed the sounds of speech, and confused them with the written symbols of the alphabet. Their failure to distinguish between actual speech and the use of writing distorted also their notions about the history of languages."[1]

مطلب تہ روزمره واري ٻوليءَ بدران، تحرير ٽيل ٻوليءَ جي جائزي کي اصل ٻوليءَ جو جائزو سمجهيو ويو آهي، جو درست نہ آهي.

2۔ 1960ع کان اڳ سنڌي زبان جي اصلي بنياد لاءِ عام طور ہہ نظريا مشهور هئا، اُنهن مان پهريون نظريو هيءُ آهي تہ: "سنڌي ٻولي، پراڪرت، پالي، شؤرسيني، اپڀرنش ۽ وراچڊ اپڀرنش جي معرفت سنسڪرت مان نڪتل آهي،" ۽ ٻيو نظريو هيءُ آهي تہ: "سنڌي، عربيءَ جي مائٽ ٿئي." 1960ع ۾ سنڌي ادب جي هن شعبي جي مطالعي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ نئون انقلاب آندو. ڊاڪٽرصاحب پنهنجي هڪ مضمون ذريعي، اڳوڻن نظرين کي رد ڪري، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ: "سنڌي ٻولي بنيادي طور سڌو سنئون سنڪرت مان نڪتل ناهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دور جي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي آهي."[2]

3۔ مون کي ننڍي هوندي کان ئي ٻولين جي ڄاڻ ۽ واقفيت جو شوق پئي رهيو آهي. ويتر ايم. اي (سنڌي) جي ڪورس ۾ فلالاجيءَ جي ٿوري گهڻي مطالعي ڪرڻ ڪري منهنجو شوق هيڪاري وڌيو. تازو رب ڪريم مون تي پنهنجو وڙ ڪيو. منهنجي مرشد مهربان ۽ منهنجي عقيدي (اسماعيليہ) جي امام، سيدنا و مولانا شاھ ڪريم الحسيني، آغاخان

---

[1] Bloomfield, L., 1961 Language, George Allen and Unwin Ltd. London,

[2] نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: 1962ع سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، ص ج

چوٿين، پنهنجي نوازش سان، مون کي اعليٰ تعليم جي حاصلات لاءِ ولايت وڃڻ جو ارشاد فرمايو ۽ ساڳئي وقت، پنهنجي خانداني سخاوت جي اصول پٽاندڙ پنهنجي ذاتي خزاني مان، خرچ ڏيڻ پڻ قبول فرمايائون. مون موقعو غنيمت سمجهي، لسانيات جي علم جي ڄاڻ لاءِ لنڊن يونيورسٽيءَ جي 'اسڪول آف اوريئنٽل ائنڊ آفريڪن اسٽڊيز' جي لسانيات جي شعبي ۾ داخلا ورتي. ٻن سالن جي عرصي دوران مون ايم. اي. جي تياري ڪئي، ۽ 'سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي زبان جي عنصر' (The Arabic Element in Sindhi) جي عنوان سان مقالو (Thesis) لکي پيش ڪيم، جنهن تي مون کي ايم. اي جي ڊگري ملي. لنڊن يونيورسٽيءَ مان تربيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، وطن واپس وري، ڪجهه وقت ماحول جو مطالعو ڪندو رهيس، ۽ ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ سنڌ ۾ ڇپيل ڪتاب به پڙهندو رهيس. مون کي معلوم ٿيو ته لسانيات جي فن تي، سواءِ چند انگريزي ڪتابن جي، ڪنهن به سنڌي ڪتاب ۾ ڪو فني بحث ٿيل نه آهي. انهن مان ڪن ۾ فلالاجيءَ جو عنصر گهڻو آهي، پر اهي عنصر به جديد اصولن موجب نظرثاني ڪرڻ جهڙا آهن.

4_ هن ڪتاب جي لکڻ لاءِ مون کي شوق تڏهن پيدا ٿيو جڏهن مون ڏٺو ته:

(الف) سنڌي ڪتابن ۾، الف_ ب، رسم الخط ۽ صورتخطيءَ ۾ فرق ڄاڻايل نه آهي.

(ب) صورتخطي ۽ الف_ ب جي بيان ڪندي حرف، صورت ۽ آواز جي فرق کي نظرانداز ڪيو ويو آهي.[3]

ممڪن آهي ته اهي غلط بيانيون اڳتي هلي حقيقت جي صورت وٺن، انهيءَ ڪري مون سڀ کان پهرين 'سنڌي صورتخطيءَ' تي قلم کنيو آهي. هن ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ صوتياتي نظام ۽ صوتياتي اصولن جي باري

---

[3] آڏواڻي ڀيرومل: وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو پهريون هندو پريس، ڪراچي 1926: ص 1_2.

۾ وضاحت سان ذڪر نہ ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو هڪ جدا موضوع آهي. تنهن هوندي بہ صورتخطيءَ (Orthography) تي بحث ڪندي ڪن 'فني اصطلاحن' (Technical terms) جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو آهي.

5ـ سنڌي صورتخطيءَ (عربي- سنڌي صورتخطيءَ) تي خاص ڪري انهيءَ سبب جي ڪري بہ قلم کنيم، جو تازو هندستان ۾ مسٽر لوڪنات، پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ' ۾ عربي- سنڌي صورتخطيءَ خلاف سخت ڪلاميءَ کان ڪم ورتو آهي. ديوان لوڪنات عربي- سنڌي رسم الخط کي غير وگيانڪ (unscientific) ثابت ڪرڻ لاءِ خود عربي رسم الخط جي خلاف غير وگيانڪ دليل ڏنا آهن. هنن لفظن لکڻ مان منهنجي اها مراد ڪانهي تہ ديوناگري خط غير وگيانڪ آهي، پر ديوان لوڪنات جي ڪتاب ۾ ڪيل بحث ثابت ٿو ڪري تہ پاڻ سنڌي صوتياتي نظام توڙي عربي رسم الخط جي اصولن بابت گهٽ ڄاڻ ٿو رکي، نہ تہ جيڪر پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙو اظهار هرگز نہ ڪري ها. ديوناگري خط سان بي پناهہ محبت يا ڪٽر هندستانين وٽ سرخرو ٿيڻ لاءِ ٻيا بہ ڪيترائي رستا ٿي سگهن ٿا. عربي رسم الخط سان دشمنيءَ سبب يا پاڪستانين خلاف نفرت جي اظهار ڪرڻ لاءِ، انهيءَ طريقي سان سرخروئي حاصل ڪرڻ، هڪ اديب لاءِ مناسب نہ آهي.

ديوان لوڪنات جي الزامن ۽ اعتراضن جي جواب کان اڳ، بهتر ٿيندو تہ اول سندس ڪتاب مان ڪي ٽڪرا ڏجن، جن ۾ هن اعتراض ڪيا آهن:

> (الف) "عربي- سنڌيءَ جي لکاوٽ جو اُچارن سان ڪوبہ تعلق نہ آهي، اُچار هڪڙو تہ لکڻ جو طريقو ٻيو. هن زماني ۾ تہ خود آمريڪا ۾ انگريزيءَ کي سڌاري، اُچارن موجب لکيو ٿو وڃي، ۽ نہ ڪ جهوني طريقي سان، جنهن

۾ اکر جون ماترائون هڪڙيون تہ اُچار پيو".[4]

(ب) "عربي- سنڌي بنھہ غير وگيانڪ لپي آهي. زبان جيڪي بہ سياويڪ اُچار ڪري ٿي، عربي لپي، انهن اُچارن کي صورت ڏيڻ کان قاصر آهي".[5]

(ت) "هن (عربي- سنڌي) جڏيءَ ۽ غير وگيانڪ لپيءَ ڪارڻ اسان هزارين لفظن جا اُچار ڦيرائي، انهن لفظن جي صورت بدلائي ڇڏي آهي. نہ فقط ايترو ليڪن هن غير وگيانڪ لپيءَ جي هڪ سؤ سالن جي اثر هيٺ اسان جي زبان صحيح اُچارن ڪرڻ کان قاصر ٿي پيئي آهي، جنهنڪري اسان جا سنڌي، سنسڪرت شلوڪن جا اُچار اهڙا ڪندا آهن، جڻ تہ عربي وينا پڙهن."[6]

هن ڪتاب ۾ اڳتي هلي، اسان لسانيات جي هڪ انگريزي ماهر، برٽن (Burton) جا اُهي رايا ڏنا آهن، جن ۾ هن، عربي رسم الخط جي خصوصيتن تي مضبوط دليل ڏنا آهن. ساڳيءَ طرح برطانيہ جو هڪ پيو

---

[4] الف- ب: نشانن جو اهو طريقو جو ڪنهن بہ زبان جي ڌار ڌار آوازن کي لکت ۾ نمايان ڪري. صورتخطي: ڪنهن بہ زبان ۾ لفظن ۽ جملن جي لکت لاءِ آوازن جي تحرير ٿيل صورتن کي اهڙي نموني استعمال ڪيو وڃي جو اها لکت معياري ۽ درست هجي.

لسانيات جي اصولن موجب، صورتخطيءَ ۾، ڌار ڌار خطن جي ڌار ڌار اُچار (variant pronunciation) موجب، لفظن کي ڌار ڌار نموني لکڻ درست نہ آهي. صورتخطيءَ لاءِ لازمي آهي تہ هر لفظ لاءِ هڪ ئي مقرر صورت هجي. جملن ۾ لفظن جا اُچار انفرادي (isolated) طور اُچاريل لفظن کان الڳ ٿيندا آهن. صورتخطيءَ ۾ انهن لفظن جي اُها صورت رکبي آهي، جيڪا انفرادي طور اُچاري (pronounced in isolation) ويندي آهي. سڀني ملڪ ۾ هڪ ئي صورتخطي اختيار ڪئي ويندي آهي. تنهنڪري ڪنهن بہ زبان جي صورتخطي معنيٰ اُن ملڪ جي معياري لهجي (standard dialect) جي لکيل صورت.

[5] لوڪنات: 1959ع. سنڌي بوليءَ جي لپي، مساني روڊ، بمبئي، 19، ص 36

[6] ايضاً، ص 38

مشهور ماهر لسانيات ۽ جديد صوتيات جو عالم 'فرٿ' (Firth)، عربي رسم الخط جون خصوصيتون بيان ڪندي لکي ٿو:

"Our English alphabet and orthography are disgracefully and almost ridiculously imperfect. Let us notice the main features of Arabic alphabet. I suppose it can claim the title 'alphabet' on etymological grounds, but it is really a syllabary. Firstly, Each Arabic letter has a name of its own. Secondly, each one is capable of being realised as an art figure in itself. Thirdly, and most important of all each one has syllabic value, the value or 'potestas' in the most general terms being consonant plus vowel, including vowel zero, or zero vowel. The special mark, 'Sukuun' for a letter without vowel possibilities, i.e. with zero vowel or for letter to end a syllable, not begin it, is the key to the understanding of the syallabic value of the simple letter not so marked. And this is congruent with the essentials of Arabic grammar".[7]

انهن ماهرن جي راين جي مقابلي ۾ لوڪناٿ جي اها دعوي ڪتي تي بيهي سگهي ٿي تہ عربي- سنڌي رسم الخط غير وگيانڪ ۽ جڏو آهي.

6- جن جن اعتراضن جي بنا تي ديوان لوڪناٿ عربي- سنڌي رسم الخط کي غير وگيانڪ ٿو سمجهي، سي خاميون دراصل عربي- سنڌي رسم الخط ۾ نہ آهن، پر لکندڙن جي اڻجاڻائيءَ جو نتيجو آهن، جن جو متن ۾ 'سنڌي صورتخطيءَ ۾ اوڻايون' جي عنوان هيٺ ذڪر ڪيو ويو آهي. انهيءَ هوندي بہ هيٺ لوڪناٿ جي ڪن اعتراضن جا جواب ڏجن ٿا:

(الف) لوڪناٿ صاحب لکي ٿو: ऋष (ٻِرُ شُٽ) لفظ ديوناگريءَ ۾

[7] Firth, L. R., Papers in Linguistics, Oxford University press, London 1957, PP. 125 and 126

ئي درست نموني لکي سگھبو. अ (پڙ) ۾ [ب] ۽ [ا] ٻئي گڏجي اچن ٿا. ڀنهي جو گڏيل اچار ٿيو अ (پڙ) جيڪو عربي لپيءَ ۾ لکي ڪون سگھبو جي لکڻ جي ڪوشش ڪندا تہ انهيءَ جو اُچار ڪير بہ برابر ڪري نہ سگھندو. ساڳيءَ طرح [ش] ۽ [ٿ] جو گڏيل اُچار ڪو بہ سنڌي اديب عربيءَ ۾ لکي تہ ڏيکاري جي لکندا تہ ٿيندو 'شٿ' ، ۽ سچو اکر لکبو تہ ٿيندو 'پرشٿ' يا ان جو اُچار عربي- سنڌي خواندو ڪندو 'پِرَشَٿ'.[8]

دراصل اسان جون اهي لکيل صورتون ئي آهن، جن مون کي هن ڪتاب لکڻ لاءِ مجبور ڪيو. اهڙين غلط صورتن تي ايندڙ صفحن ۾ متن ۾ بحث ڪيو ويو آهي. اها غلطي اسان جي آهي، ۽ نہ ڪ عربي- سنڌي رسم الخط جي. تعجب تہ هيءُ آهي جو پاڻ کي ڀاشا وگيان (linguistic science) جو ماهر سمجھندڙ ديوان لوڪناڻ پاڻ بہ هڪ عظيم غلطي ڪري ويو آهي. هو 'پرشٿ' کي 'اکر' (letter) ٿو لکي. دراصل اهو 'اکر' نہ پر 'لفظ' (word) آهي. هن ڪتاب جي متن ۾ گڏيل آوازن (clusters of sounds) جي بيان ۾ لوڪناڻ جي اعتراضن جا جواب اچي ويا آهن[9]، تنهن هوندي بہ هت ايترو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ جنهن نموني هن صاحب عربي- سنڌي خط ۾ 'پرشٿ' لفظ لکي ٺوڪزني ڪئي آهي، تنهن ۾ هن پنهنجي لاعلميءَ جو وڏو ثبوت ڏنو آهي. ڪوبہ سنڌي 'پرشٿ' لفظ جو اُچار 'پُرشٿ' هرگز ڪون ڪندو. هو بلڪل ائين ئي چوندو جيئن لوڪناڻ ديوناگري خط ۾ لکي ڏيکاريو آهي. اگر لوڪناڻ کي اهو لفظ درست لکڻ ئي نٿو اچي تہ اُن ۾ عربي- سنڌي رسم الخط جو ڪهڙو قصور؟ پاڻ دعوي ٿو ڪري تہ ڪير اهو لفظ درست لکي تہ ڏيکاري 'پُرْشْٿ' جي اُچار موجب درست صورت /پرشٿ/ آهي، جيئن ٻيا عربي لفظ آهن: صَدْر، عِلْم، وَفْد وغيره. ڪيس

---

[8] لوڪناڻ: حوالو ڏنل آهي، ص 12

[9] ڏسو ايندڙ صفحن ۾

اجازت آهي تہ پوني جي انسٽيٽيوٽ آف لنگئسٽڪس جي ڪنهن بہ ماهر کي منهنجي ڏسيل صورت ڏيکاري. هيءَ لفظ ٻن پدن وارو آهي. [پُڙ] گڏيل آواز آهي، ان ۾ پهريون جز /پ/ ساڪن (vowelless) آهي. اهو جزم يا سڪون جي مدد سان نمايان ڪري سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح [شْٿ] بہ گڏيل آواز آهي، جنهن ۾ پهريون جز /ش/ ساڪن آهي، جنهن ڪري ان مٿان جزم ڏيئي، ان کي ساڪن آواز جي صورت ۾ نمايان ڪري سگهجي ٿو. آوازن جي انهيءَ قسم جي تقسيم (distribution) ڪيترن ئي مقالن ۾ ٽيل آهي.[10]
اگر ديوان لوڪناٿ، عربي رسم الخط جي جزم، شد ۽ ٻين اعرابن (diacritical marks) کان واقف هجي ها تہ جيڪر عربي رسم الخط جي خلاف اِهي اعتراض هرگز نہ ڪري ها. لوڪناٿ صاحب صفحي 37 تي جيڪي لفظ ديوناگريءَ ۾ عربي- سنڌي رسم الخط لکي ڏيکارڻ جي غرض سان لکيا آهن، اُهي هوبهو عربي- سنڌي خط ۾ لکجن ٿا. تہ جيئن ڪيس باقي وهم بہ لهي وڃي تہ ڪو عربي- سنڌي رسم الخط غير وگيانڪ آهي:

| ديوناگري خط[11] | عربي- سنڌي خط |
|---|---|
| पूर्ण | پُورْڻَ |
| चूर्ण | چُورْڻَ |
| धर्म | ڌَرْمَ |
| कर्म | ڪَرْمَ |

(ب) ديوان لوڪناٿ جو ٻيو اهم اعتراض هيءَ آهي تہ: "ديوناگريءَ ۾ नंढो (ننڍو) لفظ ۾ هڪ 'ن' سجو آهي ۽ ٻيو اڌ، جنهن ڪري اُچار پورو پورو ڪري سگهجي ٿو پر سنڌيءَ ۾ 'ننڍو' لکجي تہ قاعدي موجب انهيءَ جو

[10] Khubchandani. L, 1961, Phonology and Morphophonemics of Sindhi. M.A Thesis, Pensylvania University, PP. 12 & 16

[11] لوڪناٿ: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 37

اچار ٿيو नन्ढो (ننڍو)، جو تہ سنڌيءَ ۾ اڏ اکري ٿئي ٿي ڪانہ." اهي سٽون ئي ثابت ڪن ٿيون تہ ديوان لوڪناڻ، سنڌي صوتياتي نظام ۾ ڪيتري قدر مهارت رکندڙ آهي. 'ننڍو' ۾ سچي 'ن' ۽ اڌ 'ن' جو هئڻ ڪنهن ماهر بيان نہ ڪيو آهي.[12] سنڌيءَ ۾ اهڙا هزارين لفظ آهن. مثلاً: جنڊ، انب، انگ ۽ سنج وغيره.

اول تہ هيءَ ڏسڻو آهي تہ جنهن نموني لفظ 'ننڍو' اُچارجي ٿو اهڙي نموني نقاد پاڻ ديوناگريءَ ۾ لکي سگهيو آهي؟ ڪوبہ سنڌي، ننڍو नन्ढो نہ چوندو پر 'ننڍو' جو اچار ڪندو नन्ढो (ننڍو). جو لوڪناڻ جي لکت موجب نंढो آهي، يعني خود سندس لکت بہ درست ڪانهي.

(ب) لوڪناڻ اڳتي لکي ٿو تہ: "ٻيو مزو ڪهڙو! 'فتوا' لکن 'فتويٰ' ۽ 'داوا' لکن 'دعويٰ'. ڀلا اها لپي وگيانڪ ڪيئن چئبي، جنهن ۾ اُچار هڪڙو تہ لکاوٽ ٻي؟ 'فتويٰ' ۽ 'دعويٰ' ۾ 'يٰ' جي ڪهڙي ضرورت آهي، ۽ انهيءَ جو اُچار هن لفظ ۾ ڪٿي آهي؟"[13] ساڳئي هنڌ وري لکي ٿو: " 'خود' جو اچار ڪن 'خد'، هت 'و' جي ڪهڙي ضرورت آهي؟" 'خوش' جو اُچار ڪن 'خُش'، هت 'و' جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

لوڪناڻ اگر ٿورو توجهہ ڏئي ها تہ کيس معلوم ٿي وڃي ها تہ اهي لفظ سنڌيءَ ۾ اڌارا آيل آهن. ادبي زبان ۾ انهن جي لکيل صورت اهائي رکٽي آهي، جيڪا صورت اُنهن لفظن جي سندن اصلي زبان ۾ آهي. اهڙا مثال انگريزي توڙي ٻين زبانن ۾ بہ ملن ٿا. انهيءَ ڪري ائين ڪونہ چئبو تہ عربي رسم الخط جڏو آهي. جن لفظن تي کيس اعتراض آهي، اهي عربي لفظ آهن، انهيءَ ڪري اُهي لکت ۾ بلڪل ائين ئي هئڻ گهرجن، جيئن عربيءَ ۾ لکيا

[12] Khubchandani, L, Op. Cit., PP. 13& 02

۽ پڻ ڏسو: خواجہ غلام علي الانا: 1967ع "سنڌي صوتيات"، ادبيات پبليڪيشنس، حيدرآباد، ص ص 83 ۽ 84

[13] لوڪناڻ حوالو ڏنل آهي، ص 35

وجن ٿا، چاهي سنڌ ۾ انهن جو اُچار کهڙو به ڪيو وڃي. سر وليم جونز جو رايو آهي:

"Arabic syllabary is almost perfect for Arabic itself".[14]

انهيءَ ڪري عربيءَ مان ورتل اڌارن لفظن (Loan words) جي لکت عربي رسم الخط موجب بلڪل درست آهي. انگريزيءَ جا ڪيترائي لفظ آهن، جيڪي اسين انگريزن وانگر ڪونہ ٿا اُچاريون، پر انهن جي تحريري صورت اُهائي قائم رکون ٿا، جيڪا لغت موجب مجيل هوندي آهي، مثلاً:

| تحريري صورت[15] | انگريزي اُچار | سنڌي اُچار |
|---|---|---|
| walk | ووڪ | واڪ |
| talk | ٽوڪ | ٽاڪ |
| water | ووٽ | واٽر |
| thin | ٿن | ٿن |
| they | ذي | دي |
| horse | هوس | هارس |
| tortoise | ٽوٽَس | ٽارٽائز |
| sing | سِگ | سِنگ |

انهن سيني لفظن ۾ قابل توجهہ لفظ /thin/ ۽ /they/ آهن، جن جو سنڌ ۾ اُچار / ٿن / ۽ /دي/ ٿيندو آهي. تربيت يافتہ صوتيات جا ماهر ٺي ڄاڻن ٿا تہ انگريزيءَ ۾ (ٿ) ۽ (د) آواز ٿين ٺي ڪونہ. انگريزي قانون موجب انهن جو اچار ٿيندو/ ثن / ۽ /ذي/.

(ب) مسٽر لوڪناٿ، آمريڪا ۾ انگريزي اچارن کي سڌاري لکڻ جو حوالو ڏنو آهي، پر پاڻ شايد بي خبر آهي تہ خود آمريڪا واري سڌاريل صورتخطي بہ اتي جي صوتياتي اصولن موجب موزون نہ آهي. مثال طور:

---

[14] Firth, L.R, Papers in Linguistics, 125

[15] Jones, D., 1956, English pronouncing Dictionary, London.

| انگريزي اچار | آمريڪي اچار |
| --- | --- |
| /water/ (ووٽر) | /wa:dar/ (واڊر) |

رومن خط جي باري ۾ بلوم فيلڊ لکي ٿو:

"The principle of a symbol for each phoneme is approached by our traditional alphabet writing, but our traditional writing does not carry it out sufficiently for the purpose of linguistic study. We write/sun/ and /son/differently, although the phonemes are the same, but/ lead/ (noun) and/ lead/ (verb) alike. though the phonemes are different. The words /oh/, /owe/, /so/, /sew/, sow/, hoe/, /beau/, /though/, all end with the same phoneme, variously represented in writing; the words /though/, /bough/, /through/, /cough / end with different phonemes, but are all written with letters- ough. Our letter x is superfluous because it represents the same phoneme as /ks/ as in 'tax', or/ gz/ as in 'examine'; our letter c is superfluous because it represents the same phoneme /k/ in 'cat' or as /s/ in 'cent'. Standard English in Chicago has thirty-two simple primary phonemes; the twenty-six letters of our alphabet are too few for a phonetic record. For some phonemes we use combinations of two letters (diagraphs) as the for the initial phonemes in /thin/, ch for that in /chin/, sh for that in /shin/, and ng for the final phoneme in /sing/".

مٿئين بحث کان پوءِ بيدڙڪ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ موجوده حالت ۾ عربي- سنڌي رسم الخط ئي موزون ٿيندو انهيءَ تي ٺڌي دماغ سان سوچڻ جي ضرورت آهي.

7- هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي اهڙن نڪتن تي بحث ڪيو ويو آهي، جيڪي اسان لاءِ بلڪل نوان آهن. ايلس واريءَ صورتخطيءَ جي اوٽاين تي بحث ڪندي، جزم، وسرگائي، گهٽي سُرَ، نون غُني ۽ همزي تي بحث ڪيو ويو آهي. جزم واري حصي ۾ منڍ ۽ وچ وارن 'گڏيل آوازن'، ۽ انهن جي تحريري صورت تي ڪيل بحث، سنڌ وارن لاءِ بلڪل نئون آهي. پڙهندڙن لاءِ بهتر ٿيندو تہ لکيل صورتون جيڪي اسان جي دماغ ۾ گهر

ڪري ويون آهن، تن کي ڪجهه وقت لاءِ وساري،لفظن جي منڍ ۽ وچ ۾ آيل 'ڳڏيل آوازن' جي اُچارن تي غور ڪن، ۽ ڏسيل صورت تي اُچار ڪان پوءِ، سوچي ڏسن، لوڪناٿ بہ تڏهن منجهي پيو آهي، جڏهن هن صحيح صورت تي ويچار ئي نہ ڪيو آهي.

جزم جي بيان ۾، جزم جي غلط استعمال تي بہ لکيو ويو آهي. صاف ڊگهن سُرن توڙي گهٽن ڊگهن ۽ چوٿن سُرن جي لکت ۾، سنڌي ٻوليءَ جي هر ڪتاب توڙي لغت ۾، جزم کي غلط نموني ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ درست لکڻيءَ لاءِ سفارش ڪئي وئي آهي، جا قابل توجهه آهي. ساڳيءَ طرح گهُٽن ڊگهن سُرن کي نمايان ڪرڻ لاءِ 'ن' استعمال ڪيو ويندو آهي، پر هِجي ۾ انهيءَ 'ن' جو ڪو هڪڙو قاعدو نہ آهي، جنهن ڪري درست هِجي لاءِ بہ سفارش ڪئي وئي آهي.

8_ هن ڪتاب ۾ انگريزيءَ جا ڪيترائي فني اصطلاح ڪتب آندا ويا آهن، جي پڙهندڙن کي ضرور مشڪل لڳندا. ڇاڪاڻ تہ علم صوتيات جي جديد فن، اسان جي ملڪ ۾ اجا تازو جنم ورتو آهي. جيتوڻيڪ اردوءَ ۾، انگريزي لفظن جا نعم البدل موجود آهن، پر اهي فني لحاظ کان ڪارگر نہ آهن، انهيءَ ڪري اهي لفظ نظر انداز ڪيا ويا آهن، البت هنديءَ ۾ موزون لفظ ملن ٿا. جيڪي اسان جي زبان ۾ جيڪر انوکا ۽ عجيب لڳن ها، پر اهي هاڻ استعمال تي رهيا آهن.

صوتيات تي انگريزي لفظن جا نعم البدل سنڌيءَ ۾ ڻاهيا ويا آهن. اهڙا فني لفظ ۽ اصطلاح 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾، انگريزي لفظن سميت ڏنا ويا آهن تہ جيئن صوتيات جهڙي مشڪل موضوع جو سنڌيءَ ۾ آسانيءَ سان مطالعو ڪري سگهجي.

هن ڪتاب جي لکڻ ۾ خاص مقصد هيءُ رکيل آهي تہ سنڌي زبان جا عالم، استاد، تعليمي ماهر ۽ عربي رسم الخط جا ڄاڻو سنڌي ٻوليءَ جي

موجوده صورتخطيءَ جو گهرو مطالعو ڪن، ۽ سنڌي زبان جي ابتدائي (پرائمري) ڪتاب توڙي لغتن ۾ ڪم ايندڙ تحريري صورتن جو علمي (scientific) لحاظ کان جائزو وٺن.

هيءَ ڪتاب لسانيات جي شاگردن توڙي ٽريننگ اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن ۽ استادن، اديبن، عالمن فاضلن ۽ بي. اي، بي. ٽي. توڙي ايم. اي جي شاگردن لاءِ اميد ته گهڻي قدر ڪارگر ثابت ٿيندو. ڇاڪاڻ ته هن کان اڳ سنڌي صورتخطيءَ تي فني نقطه نظر کان ڪابه لکت، سنڌي توڙي ٻين زبانن ۾ موجود ڪانهي. مون کي اميد آهي ته سنڌي زبان جا سڄڻ هن ڪتاب مان گهڻو فائدو حاصل ڪندا.

سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، سنڌ
9-6-1969ع

سنڌي زبان جو فدائي
**خواجه غلام علي الانا**

# چوٿين ڇاپي جا پيش لفظ

'سنڌي صورتخطي' ڪتاب جو هي چوٿون ڇاپو پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. ٽيون ڇاپو 1969ع ۾ شايع ٿيو هو. 1969ع کان وٺي 1993ع تائين، يعني 24 سالن جي هن وڏي عرصي ۾، سنڌي زبان ۽ سنڌي لسانيات جي موضوع تي، ڪيترائي ڪتاب، مقالا ۽ مضمون شايع ٿيا آهن. ڪن عالمن ۽ اديبن جي وچ ۾ ادبي معرڪا بہ ٿيا آهن. ـسنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد، تاريخ، سنڌي وياڪرڻ، سنڌي صوتيات، سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافي، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ۽ اهڙن ٻين موضوعن تي گهڻو ئي تحقيقي ڪم بہ ٿيو آهي. اهو سارو مواد، سنڌ جي اديبن، عالمن، اُستادن، شاگردن ۽ عام پڙهندڙن جي سامهون رهيو آهي.

سنڌي لسانيات جي سلسلي ۾، ايتري ساري مواد جي شايع ٿيڻ جي باوجود، اهو سوال تحقيق طلب رهيو آهي تہ موجوده سنڌي صورتخطي، يعني عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي شروعات ڪڏهن تي، ڪنهن ڪئي، ڪٿي ۽ ڪهڙي دور ۾ ڪئي وئي؟

'سنڌي صورتخطي' ڪتاب جي هن ڇاپي يعني چوٿين ڇاپي ۾، انهيءَ سوال جي جواب ڏيڻ جي بہ ڪوشش ڪئي وئي آهي، نہ فقط عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي سلسلي ۾ هن ڪتاب ۾ نئون مواد شامل ڪيو ويو آهي، پر مون اها بہ ڪوشش ڪئي آهي تہ جيئن هن موضوع کي سامهون رکي، هن ڪتاب کي نئين سر ترتيب ڏجي. ڇاڪاڻ تہ جيئن اڳ ۾ عرض ڪري آيو آهيان تہ 1969ع کان وٺي 1993ع تائين، واري عرصي دوران، سنڌي لسانيات جي موضوع تي تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. اهي نقطا ذهن ۾ رکي، مون هن ڪتاب ۾ گهڻيون ئي تبديليون ڪيون آهن ۽ مواد جي سٽاءَ ۾ بہ ڦير گهير ڪئي آهي.

جيئن تہ سنڌي صورتخطيءَ جي سلسلي ۾ هي ڪتاب، هڪ قسم جو ٽيڪنيڪل ڪتاب بنجي ويو آهي، ان ڪري هن موضوع تي آسان طريقي ۽ سولي ٻوليءَ ۾ ڪي ڳالهيون ۽ ڪي نقطا، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾ بيان ڪيا ويا آهن ۽ سمجهايا بہ ويا آهن.

علم اللسان، سنڌ وارن لاءِ، هاڻ ڪو نئون علم نہ رهيو آهي. ڪيترائي سڄاڻ اديب ۽ سخنور هن ڏس ۾ ڪافي اڳتي وڌيا آهن ۽ سنا سنا مقالا، مضمون ۽ ڪتاب پڻ لکيا اٿن، جن ۾ سنڌي زبان جي تاريخ ۽ صوتيات متعلق بہ سني معلومات ڏني اٿن، پر حقيقت ۾ اجا بہ گھڻو ئي ڪم رهيو پيو آهي، جنهن تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.

مون کي خوشي ٿي آهي جو سنڌي زبان جي سلسلي ۾ مون هيستائين جيڪو پورهيو ڪيو آهي، اُن جو قدر ضرور ٿيو آهي. مون کي، سنڌ جي اديبن، عالمن ۽ عام ماڻهن وٽان سني موٽ بہ ملي آهي. اُن جو هن کان وڏيڪ ٻيو کهڙو ثبوت پيش ڪري سگهجي ٿو جو موجوده وقت جي جڳ مشهور عالم، تعليمي ماهر ۽ سنڌي زبان جي وڏي ۾ وڏي ڄاڻوءَ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي فاضل چيئرمين، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن، سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ جن ڪتابن کي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان ٻيهر شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو، تن ۾ هي ڪتاب يعني 'سنڌي صورتخطي' پڻ شامل هو.

آءٌ دل جي گهراين سان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جو خصوصاً ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي 'مجلس انتظاميہ' (Executive committee) جو عموماً شڪرگذار آهيان، جو انهن منهنجي هن محنت جي قدرشناسي ڪري، منهنجي هن ڪتاب کي ٻيهر ڇاپائڻ جو فيصلو ڪيو.

هي ڪتاب، سنڌي صورتخطيءَ جي سلسلي ۾ يقيناً هڪ فني ڪتاب آهي، جنهن کي ملڪي ۽ غيرملڪي ماهرن ۽ سنڌي زبان جي

چاڻوئن قدر جي نگاهن سان پئي ڏٺو آهي.

مون کي اميد آهي تہ سنڌ جي اديبن، عالمن، فاضلن، شاعرن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس سان دلچسپي رکندڙ دوستن کي منهنجي هن ڪتاب جو هي ڇاپو وڌيڪ وڻندو ڇو تہ هي ڇاپو اڳوڻن ڇاپن جي ڀيٽ ۾ بلڪل نئون لڳندو ۽ نئين مواد سان ڀرپور نظر ايندو.

منهنجي هيءَ ڪوشش ۽ محنت، سنڌي ادب ۽ سنڌي زبان سان عشق جي ڪري آهي. مون کي اُميد آهي تہ پڙهندڙ دوست، اُستاد ۽ شاگرد منهنجي هن پورهئي مان پورو پورو فائدو حاصل ڪندا.

حيدرآباد سنڌ — سنڌي زبان جو فدائي

16 مارچ 1993 — **ڊاڪٽر غلام علي الانا**

# پنجين ڇاپي جو مهاڳ

1 (الف)_ موليءَ ڪريم جا ڪروڙين ڪرم جو هن ڪتاب جو هي پنجون ڇاپو پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. چوٿون ڇاپو 1993ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي تڏهوڪي چيئرمئن، عاليجناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پنهنجي نگرانيءَ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اُن لحاظ سان هي پنجون ڇاپو ٻارنهن سالن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ ڇپجي ظاهر ٿيو آهي. انهيءَ ۾ ادارو قصور وار نہ آهي، پر ڇاڪاڻ تہ علم اللسان، مضمون ئي اهڙو آهي، جنهن کي سڄيءَ دنيا ۾ پڙهڻ ۽ سمجهڻ وارن جو تعداد، آڱرين تي ڳڻڻ وارن ماڻهن جيترو مس ٿيندو. انهيءَ هوندي بہ اندازي موجب، هن ڪتاب جون هرسال 50 کن ڪاپيون، نون خريدارن جي هٿن تائين پهتيون هبون. سنڌ ۽ هند ۾ سنڌي ادارا تہ هر ڪتاب جا نوان ڇاپا خريد ڪرڻ شايد مناسب ئي نہ سمجهندا آهن، نہ تہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪافي ڪتابن جي نون ڇاپن جي متن ۾ ڪي سڌارا ۽ واڌارا بہ ٿيل هوندا آهن. انهيءَ ڪري لائبررين لاءِ ڪتابن جي نون ڇاپن کي خريد ڪرڻ بہ ضروري آهي.

(ب) مون هن موضوع تي لکيل پنهنجن ڪتابن ۾ هميشه ائين پئي ڄاڻايو آهي تہ: "علم اللسان، هڪ خشڪ مضمون آهي، جنهن جي مطالعي ڪرڻ ۾ هرهڪ شاگرد، اُستاد، اديب ۽ شاعر جي دلچسپي ڪانہ هوندي آهي." دراصل هي هڪ خشڪ مضمون هجڻ سبب، دنيا ۾ هر هنڌ عام پڙهندڙن کي هن مضمون سان ڪا گهڻي دلچسپي ڪانہ هوندي آهي.

2 (الف)_ علم اللسان، ٻولين جي اڀياس، تنقيدي ۽ تحقيقي تجزئي جو علم آهي. هيءُ علم، سماجي علمن سان واسطو رکي ٿو جنهن ۾ ٻولين جو فني، تاريخي، تشريحي ۽ تنقيدي تجزيو ڪيو ويندو آهي.

(ب) علم اللسان جون ڪيئي شاخون آهن. اُنهن ۾ تشريحي،

تاريخي، توضيحي ۽ سماجي لسانيات واريون شاخون خاص آهن. انهن شاخن جي اڳتي تفصيلي مطالعي ۾ ٻولين جي صوتيات، صرفيات ۽ نحويات سميت، وياڪرڻ جا مڙيئي موضوع اچي وڃن ٿا. اهوئي سبب آهي جو افسانوي ادب يا شاعريءَ جي اُبتڙ هن مضمون جي باري ۾ سوچڻ يا اُن تي قلم کڻڻ کان هر ماڻهو وَنءُ ويندو آهي. انهيءَ هوندي به ڪي اهڙا، سائنسي ۽ فني سوچ رکڻ وارا ماهر هن علم ۾ به پنهنجو وارو وڄائي ويا. ٻيون ٻوليون ته ڇڏيو فقط سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ به ڪيترن ئي غيرملڪي ماهرن پنهنجيءَ قابليت جو مظاهرو ڪيو ۽ اُنهن سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي باري ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريو. اُنهن غيرملڪي ماهرن ۾، مسٽر دادن، ڊاڪٽر ٽرومپ، مسٽر هيسڪل، ڪئپٽن اسٽئڪ، ڪئپٽن آر. ايف برٽن، سر گريئرسن، ڊاڪٽر سورلي، ڊاڪٽر لئمبرڪ، ڊاڪٽر ماسيڪا، مسٽر تربياني، پروفيسر مڇيل ۽ ڊاڪٽر ايگوراوا جا نالا فخر سان ورتا ويندا آهن. انهن سڀني ماهرن، سنڌي وياڪرڻ جي حوالي سان، عالمي معيار جا تحقيقي ڪتاب لکيا، ۽ تحقيق ڪئي. اهڙيءَ طرح ديسي ماهرن به پنهنجو پارٽ ملهايو. ديسي ماهرن ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽو ديوان نارائڻداس جڳتياڻي، ميان محمد حيدرآبادي، پروفيسر منگھارام ملڪاڻي، پروفيسر ڀيرومل آڏواڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، مسٽر ڊولو مل، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر علي نواز جتوئي، سراج الحق ميمڻ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، محبت ٻرڙو ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو محترم محمد ابراهيم جويو ۽ واحد بخش شيخ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. اهڙيءَ طرح ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ شري جيرامداس دولترام، ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻيءَ، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ ۽ ليلي رچنداڻيءَ سنڌي لسانيات جي روشنيءَ ۾ فخر جي لائق تحقيقي ڪم ڪيو آهي.

(ت) اهڙيءَ طرح موجوده زماني ۾ سنڌ ۽ هند ۾ علم اللسان جي ڌار ڌار موضوعن تي ڪيترائي محقق ڪم ڪري رهيا آهن. اُنهن ۾ سنڌ ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين، تاج جويو، ڊاڪٽر هدايت پريم ۽ ڊاڪٽر داد محمد بروهي پيش پيش رهيا آهن.

3 (الف) ـ سنڌي صورتخطيءَ واري موضوع تي، موجوده دور ۾ جن محققن پنهنجا تعريف جي لائق مقالا لکيا آهن، يا جن جا تحقيقي مقالا، باقاعدگيءَ سان شايع ٿيندا رهيا آهن، اُنهن محققن ۾ سيد امداد حسيني، ڊاڪٽر رخمان گل پالاريءَ، محترم الطاف جوکئي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي ۽ ڊاڪٽر شازيہ پتافيءَ جا چيپل مقالا، مون غور سان پڙهيا آهن. انهن محققن کان سواءِ، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، بيورو آف ڪريڪيولم سنڌ، ۽ ٽيچرز ٽريننگ ڪاليجز (هاڻي انهن ادارن کي ڪاليج کي ڪاليج آف ايجوڪيشن جي نئين نالي سان سڏيو ويندو آهي) ۾ بہ ڪيترائي تعليمي ماهر ۽ سنڌي ٻوليءَ جا اُستاد، جيئن گذريل عرصي ۾ پنهنجون خدمتون ڏيئي ويا، تيئن موجوده دور ۾ بہ اِنهن اُستادن ۽ آفيسرن ۾ ڪافي ڄاڻو موجود آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ، سنڌي صوتيات ۽ سنڌي صورتخطيءَ جهڙن موضوعن کي، سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن ۾ نمايان جڳهہ ڏيڻ لاءِ هميشه باخبر رهيا آهن. انهن ماهرن ۾ گذريل عرصي ۾ جتي سيد محمد صالح شاهہ، سيد قادن شاهہ، رشيد احمد لاشاري، ابن الياس سومري ۽ سيد شيرشاهہ پنهنجون لاثاني خدمتون سرانجام ڏنيون، اُتي موجوده وقت ۾ سيد امداد حسيني، ادريس جتوئي، دلشاد ڏيٿو، تحسين انصاري ۽ محمد شفيع چانڊيو پنهنجون خدمتون ڏيئي رهيا آهن.

انهن سڀني کان سواءِ ٻين ادارن ۾ تجربو رکندڙ ماهرن مان شيخ محمد فاضل، پروفيسر محمد سليم ميمڻ، وليرام ولڀ، تاج جويي بہ سنڌي

ٻوليءَ جي درسي ڪتابن جي لکڻ يا انهن تي نظرثاني ۽ ايڊٽنگ ڪرڻ وقت درسي ڪتابن جي لکڻ جي اصولن ۽ اُن لاءِ گهربل ٻوليءَ توڙي وياڪرڻي اصولن جي اختيار ڪرڻ ۾، نصابي ڪميٽيءَ جي گهڻي مدد ڪئي.

4 (الف) ـ منهنجي هن ڪتاب (سنڌي صورتخطيءَ) کي، دنيا جي هڪ وڏي سنڌ شناس ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وڏي دانشور عاليجناب، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ گهڻو پسند ڪيو ۽ اهوئي سبب آهي جو ڊاڪٽر صاحب، پنهنجي نگرانيءَ هيٺ اُن جو چوٿون ڇاپو، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان شايع ڪرايو.

(ب) پڙهندڙن کي شايد معلوم هوندو تہ سنڌ جي هڪ ٻئي وڏي تعليم دان ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پروفيسر، شيخ محمد فاضل، منهنجي ڪتاب، سنڌي صورتخطيءَ جي رد ۾، پنهنجو ڪتاب لکيو جنهن جو عنوان آهي: 'سنڌي صورتخطيءَ متعلق ڊاڪٽر الانا صاحب جي سفارش تي هڪ نظر'. مون، مرحوم شيخ محمد فاضل جو مذڪوره ڪتاب، گهڻي توجهہ سان پڙهيو آهي، پر مون شيخ صاحب جي تنقيدي راءِ جو اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو آهي. اُن جو هڪ سبب هي آهي تہ شيخ صاحب مرحوم سان منهنجا دوستاڻا رشتا ۽ ناتا هئا. آءٌ جڏهن بہ ڪنهن ذاتي يا سرڪاري ڪم سان سکر ويندو هوس تہ مرحوم شيخ صاحب، گيسٽ هائوس مان منهنجو سامان زبردستي پنهنجي گهر کڻائي ويندو هو ۽ اُتي منهنجي رهڻ جو بندوبست، پنهنجيءَ اوطاق تي نہ، پر پنهنجي بنگلي اندر ڪنهن هڪ ڪمري ۾ ڪندو هو. ٻيو تہ شيخ صاحب جي بنيادي تعليم، اُتر سنڌ جي ڪنهن ديني مدرسي ۾ ٿي هئي، جتي هن صاحب، دينيات سان گڏ، درس نظاميءَ جي تدريسي طريقي موجب، ٻوليءَ جي بہ سکيا ورتي هئي، جيڪا هر لحاظ کان جديد لسانيات جي اصولن پٺاندڙ ڪانہ هئي. اهوئي سبب آهي جو منهنجي ڪتاب، 'سنڌي صورتخطيءَ' تي پنهنجي تنقيدي راءِ

ڏيندي، شيخ صاحب هڪ باب جو عنوان رکيو آهي: 'جناب ڊاڪٽر الانا، لسانيات جي مغربي عالمن کان گهڻو متاثر آهي'.

مرحوم شيخ صاحب، اُباوڙي طرف جي، اُيڀجي لهجي جي باري ۾، 1993ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان هڪ تحقيقي ڪتاب لکيو هو جيڪو اٿارٽيءَ 1993ع ۾ شايع ڪيو هو. مون جڏهن شيخ صاحب جو اهو ڪتاب پڙهيو تڏهن آءُ سمجهي ويس تہ شيخ صاحب، مدرسي واري تدريس جي طريقي جو شاگرد رهيو آهي، جتي ٻوليءَ جي سکيا جا اُهي اصول ۽ طريقا سيکاريا ويندا آهن، جيڪي جديد لسانيات جي اصولن کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ سال پراڻا آهن. شيخ صاحب مرحوم، جديد لسانيات جي وياڪرڻي اصولن ۽ جديد سنڌي لسانيات جي سکيا کان بلڪل اڻڄاڻ هو. اهوئي سبب آهي جو شيخ صاحب مرحوم، منهنجي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ، پنهنجي تنقيدي راءِ ۾ منهنجي لاءِ اها راءِ قائم ڪئي تہ: "جناب ڊاڪٽر الانا، لسانيات جي مغربي عالمن کان گهڻو متاثر آهي."

مون شيخ صاحب جي تنقيد جو جواب انهيءَ ڪري بہ نہ ڏنو جو مون سمجهيو تہ مدرسن مان فارغ التحصيل شاگرد، سنڌي ٻوليءَ جي جديد صوتياتي اصولن، جديد سنڌي وياڪرڻ جي اصولن، سنڌي ٻوليءَ جي آوازن، وينجنن ۽ سُرن کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي ڌار ڌار قسمن، لفظن جي ڌاتوئن، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي گهاڙيٽن، اڳياڙين ۽ پڇاڙين، سنڌي فعل ۾ فعل اڪر ترڪ، پريوگ، سنڌي صرف ۾ اعرابن، سنڌي ٻوليءَ ۾ همزي جي ڪارج کان سواءِ، سنڌي صوتيات ۾ جزم، شد، گڏيل سرن ۽ گڏهارن سرن جي ڪارج ۽ وصف کان بلڪل اڻڄاڻ هوندا آهن. ايتري قدر جو سنڌي صوتيات ۾، وسرگ ۽ اوسرگ آوازن، هلڪن ۽ ڳرن آوازن ۽ اُنهن جي مخرجن کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ جي چُوسڻن آوازن جي مخرجن ۽ اُنهن جي خاص خاص خصوصيتن جي باري ۾ بہ ڪا ڄاڻ ڪانہ هوندي اٿن.

(ت) آءٌ صاف صاف چوندو آهيان تہ ڪنهن بہ محقق لاءِ، علم اللسان جي ڄاڻو هجڻ لاءِ، عام لسانيات ۽ عام صوتيات جي اصولن جي ڄاڻ هجڻ ڪان سواءِ ڪوبہ محقق، ٻوليءَ جي سياسي پس منظر، تاريخي ۽ سماجي پس منظر جي حوالي سان تہ تحقيق ڪري سگهندو، پر هُو نہ فلالاجسٽ ٿي سگهندو ۽ نہ ئي وري علم اللسان جو محقق ٿي سگهندو.

سنڌي لسانيات جي جن جن موضوعن جو مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي، اُنهن جي تنقيدي ۽ تحقيقي اڀياس لاءِ تشريحي لسانيات (descriptive linguistic) جا اصول ئي، سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ تحقيق ڪندڙ محققن جي رهنمائي ڪري سگهندا آهن.

5 (الف) ـ بهرحال علم جو چيهہ ڪونهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ ايندڙ زماني ۾، سنڌ جا نوجوان جڏهن ٻاهرينءَ دنيا جي علمي ۽ تحقيقي ادارن مان، علم اللسان جي سکيا حاصل ڪري، پنهنجي ملڪ ۾ واپس ايندا، ۽ پوءِ اُهي سنڌي لسانيات جي مختلف موضوعن تي پنهنجو تحقيقي ڪم ڪرڻ شروع ڪندا، ۽ پنهنجن ٻين ساٿين کي اهڙي تحقيقي ڪم ڪرڻ جي تربيت ڏيندا تہ پوءِ يقين سان سنڌي لسانيات جو صحيح معنيٰ ۾ مطالعو نظر ايندو.

(ب) حقيقت هيءَ آهي تہ علم اللسان جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ تحقيق جي سنڌ ۾ يا ڀارت ۾ اڃا شروعات ئي مس ٿي آهي، پر ڏٺو وڃي تہ ڀارت ۾ هن وقت سنڌي لسانيات ۽ صوتيات جا وڏا وڏا ماهر پيدا ٿيا آهن. اُنهن ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر چيتر ڏاسواڻي، ڊاڪٽر ڪنيو ليکواڻي ۽ ڊاڪٽر يشودرا واڌواڻي، سنڌي ٻوليءَ جا وڏا ماهر مڃيا ويندا آهن.

مون کي اُميد آهي تہ سنڌ ۾ قائم ڪيل يونيورسٽين ۾ سنڌي

شعبن مان اڳتي هلي، سنڌي لسانيات جا ڪي ماهر ۽ محقق ضرور پيدا ٿيندا. جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي هر موضوع تي تحقيق جون نئيون راهون گهڙيندا ته جيئن ايندڙ نسل، سندن طرفان گهڙيل اُنهن راهن تي هلي، سنڌي لسانيات جي موضوعن تي وڌيڪ تحقيق ڪري.

6- آءُ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرپرسن، منهنجي نياڻي، ڊاڪٽر فهميده حسين جو شڪرگذار آهيان، جنهن هن ڪتاب جي پنجين ڇاپي جي منظوري ڏني. آءُ اٿارٽيءَ جي موجوده چيئرمين محترم سرفراز راڄڙ جو به احسانمند آهيان، جنهن ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪيل فيصلي کي بحال رکيو. آءُ اٿارٽيءَ جي اڳوڻي سيڪريٽري ۽ منهنجي پياري ساٿيءَ، تاج جويي جو به شڪرگذار آهيان، جنهن هن ڪتاب جي پنجين ڇاپي جي شايع ڪرڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا. آءُ اٿارٽيءَ جي پراڊڪشن پبليڪيشن ۽ ترجمي جي بيورو جي ڊائريڪٽر ۽ منهنجي پراڻي ساٿيءَ، محترم امين محمد لغاري ۽ سندس ساٿي ڪارڪن، محترم نغمه ابڙو ۽ ٻين جو به ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب جي نئين سر ڪمپوزنگ، پروف ريڊنگ، پرنٽنگ، گيٽ اپ ۽ ڪور ڊزائين تيار ڪرائي، اُن کي ڇپائيءَ جي لائق بنايو. آءُ اُن صاحب جو به ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب جي پنجين ڇاپي جي مواد کي سهڻي نموني سان ڪمپوز ڪيو. ڌڻي سائين شعبي جي سيني ڪارڪنن کي خوش رکي.

حيدرآباد، سنڌ
28 مارچ، 2015ع

سنڌي ٻوليءَ جو فدائي
**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

# سنڌي صورتخطي

(نئين سر وڌيڪ سڌاريل ۽ وڌايل)

**1_ سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ ۽ قدامت جا اُهڃاڻ:**

سنڌي ٻوليءَ ۽ اُن جي لپيءَ جي قدامت جي اُهڃاڻن لاءِ اسان وٽ عرب سياحن جا احوال موجود آهن، جي ثابت ٿا ڪن تہ ديبل، منصوره ۽ ملتان ۾ عربي ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهايون ويندڀون هيون.[16]

پير حسام الدين شاهہ راشديءَ جي حوالي مان معلوم ٿو ٿئي تہ عربن جي دور ۾ سنڌي ٻولي نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر لکي بہ ويندي هئي، ۽ سن 270هہ/883ع ۾ قرآن پاڪ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ترجمو ڪيو ويو.[17]

تاريخ جي ورق گردانيءَ مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌ جا رهاڪو اسلام جي آمد کان اڳ، پنهنجي پاڙي وارن ملڪن، عربستان، ايران ۽ افغانستان سان واپاري ۽ تجارتي ڳنڍ سنڌ رکندا هئا.[18] نہ فقط ايترو پر خود عراق، ايران ۽ افغانستان جا واپاري، عراق، بندر عباس ۽ بصري کان سنڌ جي سامونڊي ساحل ۽ دريائي بندرن تان ٿيندا، گجرات پاسي، سامونڊي ڪناري تي وسندڙ شهرن ۽ واپاري منڊين تائين ايندا هئا. اهڙيءَ طرح اسلام جي، سنڌ ۾ آمد کان اڳ، سنڌ جا هندو واپاري ۽ تاجر بہ ايران، عربستان، بلخ ۽ بخارا تائين ويندا هئا، انهيءَ اچ وڃ ۽ واپاري ڏي وٺ جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي بہ ٿيو ۽ ڪيترن ئي لفظن جي مٽا سٽا بہ ٿي.

عرب سياحن جي احوالن ۽ تازين کوجنائن مان ثابت ٿيو آهي تہ عرب حڪومت جي ابتدائي زماني ۾، بلڪ ان کان بہ اڳ، سنڌي زبان عام

---

[16] Elliod. H. E., 1867 History of India, Vol. 1. Trubner & Co:, London: pp-35 & 39

[17] ڊسو پير حسام الدين راشديءَ جو مضمون: منصوره جي تاريخ جو هڪ باب. سماهي مهراڻ، نمبر1، جلد_1، حيدرآباد، 1961ع، ص 103

[18] دين محمد وفائي: 1964ع، مقالو سنڌي زبان جي مختصر تاريخ، مهراڻ جون موجون، پاڪستان پبليڪيشنس، ڪراچي، ص 1

ماڻهن جي روزمره واري، ۽ تجارت توڙي واپار جي استعمال واري ٻولي هئي.
اسلامي حڪومت جي ابتدائي دور ۾، عربي، سرڪاري زبان جي حيثيت ۾، دفتري ۽ انتظاميہ جي ڪاروبار ۾ ڪم اچڻ لڳي، پر تنهن هوندي بہ سنڌي ٻولي، سنڌ جي عام ماڻهن، واپارين ۽ عالمن وٽ مقبول هئي. هيءَ زبان ان وقت بہ نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر لکي بہ ويندي هئي. اهڙو ثبوت اسلامي (عربي) حڪومت جي دور وارن سياحن جي احوالن مان ملي ٿو.

جاحظ (864ع) لکي ٿو:

"سنڌ (هند) جي ماڻهن کي اسان نجوم ۽ حسابن ۾ گهڻو اڳتي ڏٺو. انهن جو هڪ خاص سنڌي (هندي) خط آهي[19].... " الخ.

اهڙيءَ طرح اصطخري (951ع) بيان ٿو ڪري:

"منصوره، ملتان ۽ اُن جي مضافات جي ماڻهن جي ٻولي سنڌي ۽ عربي آهي."[20]

ساڳيءَ طرح مسعودي (957ع) لکيو آهي:

"سنڌ جي زبان هندستان کان مختلف آهي". سنڌ، اسلامي ملڪن سان قريبتر آهي. مهانگر يعني ولڀراءِ جي سلطنت جي تختگاهہ جي ٻولي 'ڪري' آهي. هيءَ انهيءَ طرف ۽ پسگردائيءَ جي زبان آهي، مگر ثقيل (يعني ڏکي) آهي. سامونڊي ساحل، 'چيمور'، 'سوپاره' ۽ 'ٿاڻي' وغيره ساحلي شهرن جي زبان 'لاڙي' آهي."[21]

ساڳيءَ طرح بشاري المقدسي (تصنيف 958ع) لکي ٿو:

"ديبل هڪ سامونڊي شهر آهي. هن سان هڪ سؤ ڳوٺ مليل آهن.

---

[19] جاحظ: 1960ع رسالہ فخرالسودان علي البيضان، اردو ترجمو هندستان عربون کي نظر مين، جلد اول، دارالمصنفين، اعظم ڳڙهہ، ص ص 74

[20] اصطخري: المسالک الممالک، ايضاً، ص 475

[21] ابوالحسن مسعودي: مروج الذهب ومعاون الجوهر، اردو ترجمو حوالو ڏنو ويو آهي، ص ص 288 ۽ 289

هتي جا رهاڪو زياده تر هندو آهن. سمنڊ جو پاڻي طغيانيءَ جي وقت شهر جي ديوارن سان اچي لڳندو آهي. هتي جا باشندا واپاري آهن. سنڌي ۽ عربي زبانون ڳالهائين ٿا."[22]

بلڪل ساڳيءَ طرح ابن نديم (995ع کان پوءِ) جو رايو آهي:

"سنڌ جي ماڻهن جون زبانون ۽ مذهب باهم مختلف آهن. رسم الخط متعدد آهن. هنن جا تقريباً ٻه سئو رسم الخط آهن. سنڌ جي ماڻهن وٽ 9 رسم الخط رائج آهن."[23]... الخ

اهڙيءَ طرح ابن حوقل پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي:

"منصوره، ملتان ۽ آسپاس جي علائقن ۾ عربي ۽ سنڌي زبانون رائج آهن."[24]

ساڳيو بيان البيرونيءَ هنن لفظن ۾ لکيو آهي:

"ذڪر سنڌ ۾ ڪاري واري خطي تائين، 'مالوَشائو' (Malwashau) نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، ان کي 'مالوارّي' ٻه چئبو آهي. ٻهمنوا (المنصوره) ۾ 'سَئندو' رسم الخط ڪم ايندو هو. 'لاڙي' خط لاڙ ديس ۾ ڪم ايندو هو. 'اردناگري' رسم الخط 'ڀاٽيا' ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ لکيو ويندو هو."[25]

عرب سياحن جي سفرنامن نه فقط سنڌ جي ثقافت، وڻج واپار، علم ادب ۽ ٻين ڳالهين کي لکت ۾ ثبوت طور پيش ڪيو آهي، پر انهن سفرنامن مان سنڌي ٻوليءَ ۽ ان لاءِ ڪم ايندڙ 'لکتن' جي نمونن بابت ٻه پتو پوي ٿو. جاحظ ابن نديم ۽ البيرونيءَ جي احوالن مان ثابت ڪيو ويو آهي ته اسلام جي آمد وقت سنڌي ٻولي نه فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر اُها

---

[22] بشاري مقدسي: احسن التقاسيم في معرفتہ ايضاً ص ص358 ۽ 386

[23] ابن نديم: 1962ع. الفهرست، ايضاً جلد دوم، ص ص 3 ۽ 4

[24] Elliot. H. M., Op. Cit., P. 39

[25] Edward, C., Sachau, 1910, Alberuni's India, Kegan Paul Trench Trubner, London: P. 173

ڏار ڏار رسم الخطن ۾ لکي بہ ويندي هئي.

ڀنڀور جي کنڊرن جي کوٽائي، سنڌي ٻوليءَ جي هن باب جي تحقيق ۾ ڪافي مددگار ثابت ٿي آهي. هن کوٽائيءَ مان لڌل ٺڪرين تي لکيل حرف، اٺين صديءَ جي آڳاٽي۔ ناگري (Proto-Nagari) نمونې جا آهن. هن کوٽائيءَ مان مليل ثابتين، عرب سياحن جي حق گوئي ۽ راست بازيءَ جي ساک ڀري آهي. ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان جيڪي ٺڪريون هٿ آيون آهن، انهن تي لکيل اکرن جي باري ۾ آثار قديمہ جي ڊائريڪٽر جو رايو آهي تہ:

"اهي اکر جيڪي رواجي ڪاريءَ مس سان لکيل آهن، سي ثابت ٿا ڪن تہ مٽيءَ جي برتنن جون اهي ٺڪريون ٻاهران هرگز گهرايون نہ ويون هونديون، يعني تہ اهي ديسي ٺي هونديون."[26]

آثار قديمہ جي محڪمي طرفان ڀنڀور جي باري ۾ شايع ڪيل 'خبرنامي' ۾ ٺن ٺڪرين جون تصويرون ڏنل آهن. اُنهن مان صفحي39 تي ڏنل تصويرون، نمبر9 ،10 ۽ 11 مان 9 ۽ 11 نمبر وارين تصويرن وارين ٺڪرين تي هڪجهڙو رسم الخط يعني ارڌناگري خط لکيل آهي. وچينءَ تصوير، يعني ڏهين نمبر واريءَ تصوير ۾ لکيل اکر 'لوهاڻڪي' يا 'لاڙي' رسم الخط جا آهن. رسم الخط جا اِهي ٽئي نمونا عرب سياحن جي بيانن کي صحيح ثابت ٿا ڪن ۽ آثار قديمہ جي ڊائريڪٽر جي راءِ کي سچو ثابت ڪن ٿا. تہ اهي رسم الخط، اسلام جي آمد کان اڳ واريءَ سنڌي ٻوليءَ جا اُهڃاڻ ڏين ٿا. سامهون ڏنل تصويرن ۾ انهن لکيتن جي اپياس کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي، اسلام جي آمد کان بہ اڳ لکي ويندي هئي، جنهن لاءِ هڪ کان وڌيڪ لکيتون ڪم آڻڻ جو رواج هو.

هن بيان مان هي نتيجو ٿو نڪري تہ جيئن سنڌي ٻولي قديم آهي، تيئن موجوده سنڌي ٻوليءَ جي لکت بہ قديم آهي، جنهن جا ڪي آڳاٽي ۾ آڳاٽا

[26] Khan F. A., 1963, Bhambore Excavations, Department of Archaeology, Government of Pakistan, Karachi: revised edition, PP. 29 & 30



تصوير نمبر: ٩



تصوير نمبر: ١٠



تصوير نمبر:١١

پنيور مان لڌل اُنهن ٺڪرين جون تصويرون، جن تي سنڌ ۾ اسلام
جي آمد کان اڳ واري سنڌي ٻوليءَ ۾ اُن جي لکت جا نمونا ڏنل آهن.

مثال ۽ اهڃاڻ پنيور جي ٺڪرين مان ملن ٿا.[27] پنيور واريءَ لکت مان هڪ، يعني تصوير نمبر 10 واري لکت پڙهي وئي آهي. ماهوار نئين زندگيءَ جي سيپٽمبر 1968ع واري پرچي ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته انهيءَ لکت جي پڙهڻي آهي: 'ٻُجر هَيڏَرَ'. پهرينءَ سٽ ۾ لکيل آهي 'ٻُجر' ۽ ٻيءَ سٽ ۾ لکيل آهي 'هَيڏَرَ'.[28]

انهيءَ ٺڪريءَ توڙي ٻين ٻن ٺڪرين کان سواءِ، برهمڻ آباد (المنصوره) جي کنڊرن مان هٿ آيل ٺڪرين تي لکيل لفظ، سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ جي زماني جي سنڌي ٻوليءَ جي لکيل صورت جي املهه نشاني آهن.

هن راءِ مان ثابت ٿو ٿئي ته اسلام جي آمد کان اڳ، سنڌي ٻولي ديسي رسم الخطن ۾ لکي ويندي هئي، جنهن جا هڪ کان وڌيڪ رسم الخط هئا. يعني هر قوم کي پنهنجو پنهنجو رسم الخط هو. ٻولي اهائي ساڳي يعني سنڌي هئي، پر لوهاڻا ان کي پنهنجي نموني پيا لکندا هئا، ته ڀاٽيا پنهنجو رسم الخط پيا ڪم آڻيندا هئا. انهن کان سواءِ ٺٽائي ڀاٽين ۽ سيوهاڻي ڀاٽين جو رسم الخط الڳ الڳ هوندو هو. اهڙيءَ طرح 'راجائي' ۽ 'ونگائي' به رسم الخطن جا نالا هئا. جيئن البيرونيءَ 'مالواڙي' ۽ 'سَئنڌَوَ' رسم الخطن جا نالا ڏنا آهن.

هن راءِ مان اهو به ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي ٻولي واپاري ڏي- وٺ ۾

---

[27] هت موهن جي دڙي واريءَ لکت کي نظرانداز ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته جيستائين اها لکت پڙهي نه وئي آهي، ۽ اهو ثابت نه ڪيو ويو آهي ته اُن لکت واري ٻوليءَ جي ساخت ۽ سٽاء ڪهڙي آهي، تيستائين موهن جي دڙي واريءَ ٻوليءَ کي ڊاڪٽربلوچ صاحب جي لفظن ۾: "قديم سنڌ جي ٻولي" چئبو ۽ موهن جي دڙي واريءَ لکت کي "قديم سنڌ جي ٻوليءَ جي لکت" چئبو ۽ نه ڪ موجوده سنڌي ٻوليءَ جي لکت، پر پنيور واريءَ لکت کي سنڌي ٻوليءَ جي لکت چئبو.

[28] ڏسو خواجه غلام علي الانا جو مضمون: اسلام جي آمد کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت، نئين زندگي، سيپٽمبر، 1968ع، ص 23

عام استعمال واري ٻولي هئي، جا ان وقت بہ شاهوڪار معياري ۽ وسيع ٻولي هئي. اُن ۾ نجوم، هيئت، طب ۽ ٻين علمن توڙي وڻج واپار، تجارت. روزانہ استعمال جي شين، مختلف قسمن جي ڪپڙن، دوائن وغيره لاءِ لغتي خزانو موجود هوندو هو. البيرونيءَ ان وقت جي ٻوليءَ جا جيڪي لفظ ڏنا آهن سي ايندڙ صفحن ۾ ڏنا ويا آهن.

ٿيون تہ 'بجر هيدر' لفظ وياڪرڻ جي لحاظ کان توڙي صرفي۔ نحوي نقط نگاهہ کان بہ نهايت ئي، دلچسپيءَ سان پڙهڻ لائق آهي. هن لفظ جي چنڊڇاڻ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ اڄ کان ٽيرهن چوڏهن سؤ ورهہ اڳ بہ سنڌي ٻوليءَ جي صفتي فقرن جي ساخت ۽ سٽاءَ ساڳي هئي. حاصل مطلب تہ اسلام جي آمد کان بہ اڳ سنڌي ٻوليءَ، جدا جدا لکتن ۾ لکي ويندي هئي.

## 2۔ ديسي سنڌي رسم الخط جا ڌار ڌار نمونا:

ارڙهين صديءَ تائين، سنڌي ٻوليءَ لاءِ سرڪاري طور ڪابہ صورتخطي منظور ٿيل ڪانہ هئي. فارسي ادبي ۽ سرڪاري زبان هئي. نہ صرف مسلمان، پر اُهي هندو جن کي سرڪاري نوڪرين جي اُميد هئي، سي پڻ فارسي ٻوليءَ ڏانهن وڌيڪ توجهہ ڏيندا هئا. سنڌي، سيني جي روزمره جي زبان هئي. اُن کان سواءِ عوام جي روزمره جي زندگي ۽ وهنوار ۾ بہ سنڌي ڪم ايندڙ زبان هئي، جنهن ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان سواءِ واپاري ڏي۔ وٺ، ليکو چوکو ۽ لکت رکندا هئا ۽ دوڪانن تي وکرن ۽ وڙن جا نالا پنهنجي ماحول ۾ مروج رسم الخط ۾ لکندا هئا. اُن زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لکت لاءِ ڌار ڌار رسم الخط ڪم ايندا هئا. جيتوڻيڪ فارسيءَ جي ڀيٽ ۾، سنڌي ٻوليءَ کي تعليم ۽ خط و ڪتابت لاءِ موزون نہ سمجهيو ويندو هو. تنهن هوندي بہ هندو ۽ مسلمان واپاري، پنهنجو سمورو ڪاروبار سنڌيءَ ۾ هلائيندا هئا. هندو ديوناگري نموني تي ناهيل هندو۔ سنڌي صورتخطي ڀيا

ڪم آڻيندا هئا، جنهن کي ڪيترن ئي نمونن ۾ لکيو ويندو هو.[29] نہ فقط سنڌي هندو جدا جدا خط پيا ڪم آڻيندا هئا، پر مسلمانن ۾ خواجا ۽ ميمڻ پنهنجي واپار ۽ ٻئي ڪاروبار لاءِ ڌار ڌار خط پيا ڪم آڻيندا هئا.[30] اسٽئڪ بيان تو ڪري تہ: "سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تحريري صورت لاءِ ڪيترائي خط ڪم اچن ٿا، جي سڀ سنسڪرت جي خط مان نڪتل آهن، ۽ انهيءَ وانگر ڪاٻي کان ساڄي لکيا وڃن ٿا".[31] اُهي خط هي آهن:

(1) لوهاڻڪو رسم الخط: هي رسم الخط ٺٽي ۽ برهمڻ آباد ۾ لوهاڻا استعمال ڪندا هئا.

(2) ڀاٽيا رسم الخط: هي خط ٺٽي جا ڀاٽيا ڪم آڻيندا هئا.

(3) لاڙائي يا لاڙي رسم الخط: هي رسم الخط لاڙ ۾ لاڙي بندر، فتح باغ، جوڻ، رڙيہ بدين، رهموڪي بازار جا عام ماڻهو ۽ واپاري ڪم آڻيندا هئا.

(4) راجائي رسم الخط: هي رسم الخط موجوده ٺٽي ضلعي جي بستين، دٻي، ميرپورساڪريہ جاڪي بندر ۽ سنڌي بندر جا واپاري ۽ عام ماڻهو ڪم آڻيندا هئا.

(5) ميمڻڪو رسم الخط: هي رسم الخط ٺٽي، حيدرآباد، راهموڪي بازار ۽ ٻين شهرن جا ميمڻ (واپاري ۽ عام ماڻهو) ڪم آڻيندا هئا.

(6) خواجڪا اکر: هي رسم الخط نو مسلم خواجہ جيڪي

---

[29] انهن مان ڪي خدا آبادي، ساڪرو، ٺٽائي ۽ سيوهاڻي ديسي خطن ۾ لکندا هئا، جن کي ماترائون ڏنيون وينديون هيون ۽ ڪي هَٽَ واڻڪا اکر ڪم آڻيندا هئا.

See: Stack G. 1849, Grammar of Sindhi Language, PP. 3_8

[30] Ibid also see: Aitken, E.H., 1907 Gazetteer of the Province of Sindh, Mercantile steam Press, P. 472

[31] Stack, G.. Op: Cit., PP.3-8

اڪثر لوهاڻن مان مسلمان ٿيا هئا، سي ڪم آڻيندا هئا. هي خط پير صدرالدين، لوهاڻڪي خط ۾ تبديليون ۽ واڌارا آڻي ٺاهيو هو.

(7) ڏاڪڻي لهندا رسم الخط: هي رسم الخط چاچڪان سرڪار جي جوڻ، فتح باغ، بدين ۽ لاڙ جي ٻين حصن ۾ لوهاڻن ۽ ڀاٽين کان سواءِ ٻيا هندو واپاري ۽ عام ماڻهو ڪم آڻيندا هئا.

(8) ڏنڊا يا واڻڪا اکر: هي رسم الخط ڀاٽيبند واڻيا، واپاري بندين ۾ ڪم آڻيندا هئا. هن رسم الخط کي 'هَٽ- واڻڪا اکر' بہ چئبو آهي.

(9) ونگائي رسم الخط: هي رسم الخط بدين طرف، مهراڻي جي ونگي پتڻ، ڪوچي، باغ جي پتڻ، ٽنگهار جي شهر ۽ ولهار جا واپاري ۽ عام ماڻهو ڪم آڻيندا هئا.

(10) خداوادي رسم الخط[32]: هي رسم الخط خدآباد جا واپاري ۽ عام ماڻهو ڪم آڻيندا هئا.

(11) سيوهاڻي ٻاٻڙڪا اکر: هي رسم الخط سيوهڻ ۾ هلندو هو. سيوهڻ جا ٻاٻڙا واپاري ڪم آڻيندا هئا.

(12) شڪارپوري رسم الخط: شڪارپور جا واپاري ۽ عام ماڻهو پنهنجو شڪارپوري رسم الخط ڪم آڻيندا هئا.

(13) ساڪرو رسم الخط: هي رسم الخط سکر ۾ عام طور هلندو هو.

(14) گرمکي اکر: سنڌ ۾ گرونانڪ جا پوئلڳ، نانڪ- پنٿي هندو هي رسم الخط ڪم آڻيندا هئا.

---

32 Burton, R. F., 1851, Sindh and the Races that inhabit the valley of river Indus, W.H. Allen and Co, P. 152

### 3_ خواجڪي سنڌي صورتخطي:

سنڌي زبان جي مختلف صورتخطين جو اڀياس ڪندي، اهو معلوم ٿي ٿو سگهيو آهي تہ اسلام جي ابتدائي زماني ۾ سنڌ جا مسلمان عام طور کهڙو خط ڪم آڻيندا هئا؟ البت اڳتي هلي هن ڏس ۾ 'خواجڪو سنڌي رسم الخط' ۽ 'ميمڻڪو سنڌي رسم الخط' ملن ٿا، جن جو حوالو ڪئپٽن جارج اسٽئڪ بہ ڏنو آهي.[33] پهريون يعني خواجڪو سنڌي رسم الخط، لوهاڻڪي رسم الخط (پنيور يا برهمڻ آباد وارين نڪرين وارو خط) ۾ اسماعيلي داعيءَ پير صدرالدين، سڌارا ۽ واڌارا آڻي، سنڌ، ڪڇ ۽ ملتان جي علائقي جي نون اسماعيلي مسلمانن کي استعمال ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ جنهن لوهاڻا قوم، سيدنا پير شمس سبزواري ملتاني ۽ پير صدرالدين جي دعوت هيٺ اسلام قبول ڪيو هو ۽ شمسي ۽ خواجہ (اسماعيلي) جو لقب حاصل ڪيو ان قوم ۾ هي رسم الخط (پنيور واري نمبر ڏهين تصوير وارو) اڳيئي رائج هو. ان رسم الخط ۾، پير صدرالدين، ماترائون شامل ڪيون، ۽ ان سان گڏ اُن ۾ ٻيا سڌارا ۽ واڌارا آڻي، ان تي 'خواجڪي سنڌي' يا 'چاليهہ اکري' نالو رکيو. سندس مراد هئي تہ نوان مسلمان (اسماعيلي خواجا)، اسلامي نظرين ۽ اصولن کي پنهنجيءَ ئي ٻوليءَ ۾ سکن ۽ ياد ڪن. هن رسم الخط ۾ لکيل ڪتاب، موجوده وقت بہ پاڪستان، هندستان، برما، سريلنڪا، آفريڪا ۽ ڪئناڊا ۽ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ اسماعيلي خواجا هاڻ استعمال نٿا ڪن. ڪئناڊا ۾، اُن سلسلي ۾ 1991ع ۾ خواجڪي سنڌي رسم الخط جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ هڪ انجمن قائم ڪئي وئي هئي. هن صورتخطيءَ ۾ نہ رڳو مذهبي ڪتاب لکيا ويا، پر ادبيات، تاريخ، هندسہ ۽ فلسفي تي بہ ڪتاب لکيا ويا، جن مان ڪي قلمي نسخن جي صورت ۾، ۽ ڪي ڇپيل صورت ۾، انڊيا آفيس لائبرري ۽ لنڊن ۾ قائم

---

[33] Stack, G., 1849 Grammar of Sindhi Language, Bombay: American Press.




نوٽ: هيٺيون صورتون بعد ۾ ورهاڱي کان اڳ خواجڪي سنڌي خط ۾ شامل ڪيون ويئون:
ف = [illegible]، ذ، ض، ظ، ز = [illegible]، خ = [illegible]، غ = [illegible] ساڳيءَ طرح يڪي پد ڏيڪاريندڙ ٻٽن حرف علتن
(diphthongs)لاءِ هيٺيون صورتون گڏيون ويئون: او [illegible] = ۽ اي = [illegible]

(1) ڊاڪٽر دائود پوٽو، "ڪلچرل هيريٽيج آف پاڪستان"، ص، 156.

لائبررين ۾ لنڊن ۾ قائم ’انسٽيٽيوٽ آف اسماعيلي اسٽڊيز‘ جي لائبريءَ ۾ پڻ رکيل آهن.

هيءَ رسم الخط چاليهن اکرن تي مشتمل آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جو هن رسم الخط کي ’چاليهه اکري‘ بہ چيو ويندو آهي. سنڌ ۾ هن کي ’خواجڪي سنڌي صورتخطي‘ بہ سڏبو آهي، پر هندستان ۽ آفريڪا ۾ هن کي رڳو ’سنڌي اکر‘ چوندا آهن. هن خط ۾ وينجنن (consonants) کان سواءِ، شروعات ۾ سُرن (Vowels) لاءِ آٺ حرف (graphemes) هئا. پر پوءِ ان ۾ هڪ پد وارن ٻٽن سُرن (diphthongs) لاءِ بہ حرف ملايا ويا. صفحي 45 تي هن صورتخطيءَ جا حرف ڏنا ويا آهن، جي ڌار ڌار آوازن (sounds) جون لکيل صورتون آهن.

انهن کان سواءِ البيرونيءَ بہ ڪن رسم الخطن جا نالا ڏنا آهن، جيئن اڳتي هلي بيان ڪيو ويو آهي. البيرونيءَ کان اڳ ۾ اسان کي عرب سياحن جي سفرنامن مان سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخطن جي فقط تعداد جي باري ۾ معلومات ملي ٿي، پر هن (البيروني) عالم ۽ هن کان پوءِ انگريز ماهرن نہ فقط نالا ڏنا، پر انهن لکتن ۽ لپين جا نمونا پڻ پيش ڪيا.

هن ڏس ۾ ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد جي کوٽاين مان حاصل ٿيل ٺڪرين تي لکيل اکرن، عرب سياحن جي دعويٰ کي دليل طور پيش ڪيو. ڀنڀور مان لڌل ٺڪرين کي پڙهڻ کان پوءِ، نہ فقط رسم الخط جي باري ۾ گهڻو ڪجهه لکيو ۽ ڇپايو ويو آهي، پر ان وقت ڪم ايندڙ سنڌي ٻوليءَ جي ساخت، سٽاءُ، مواد ۽ ٻوليءَ جي مجاز جي باري ۾ بہ راءِ ڏني وئي آهي،[34] البت برهمڻ آباد (المنصوره) مان لڌل ٺڪرين تي لکيل اکرن (رسم الخط) جي باري ۾ اجا ڪا راءِ يا ڪو رايو ڪونہ ڏنو ويو آهي، جنهن جي آڌار تي ڪجهه چئي

[34] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: مقالو ’ڀنڀور جا آثار- سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جو مطالعو‘، سماهي مهراڻ 4-1983ع، ص ص 61-62

سگهجي، پر ايترو سو چئي سگهجي ٿو تہ ينيور ۽ برهمڻ آباد جي کنڊرن جي کوٽائيءَ مان حاصل ٿيل نڪرين تي لکيل اکر ثابت ٿا ڪن تہ هنن شهرن جا ماڻهو نہ فقط پراڻي تهذيب ۽ ثقافت جا ڌڻي هئا، پر اُهي پنهنجي روزانہ زندگي، وهنوار ۽ اٿڻي ويهڻيءَ ۾ پنهنجي ٻولي ڪم آڻيندا هئا، جيڪا هو نہ فقط ڳالهائيندا هئا، پر اها ٻولي باقاعدگيءَ سان لکي بہ سگهندا هئا.

ساڳيءَ طرح برٽن (Burton) لکي ٿو تہ: "اهي خط جن ۾ سنڌي زبان لکي ويندي آهي، سي اڪيچار آهن. مسلمانن ۾ ڪم ايندڙ سامي خط کان سواءِ بہ اٽڪل پنج خط ٿيندا، جيڪي سنڌ جا هندو توڙي مسلمان ڪم آڻيندا آهن."[35]

انهن سڀني ديسي رسم الخط جي لکت جا نمونا 48ع49صفحن تي ڏنا ويا آهن.

---

[35] Burton, R. F., 1851, Sind and the Races that inhabit the valley of river Indus, W.H. Allen & Co., London: P. 152


Roman Character
Devanāgarī
Khudāwādī
Shikārpūrī
Sakhar
Thattāī
Luhānās
Bhātiās
Lārāī
Wanāī
Rājjāī
Khwājās
Memons
Thattāī
Haiderabādī
Sewhānī Bhābrās
Southern Lohandā
क
ख
ग
घ
ङ
च
छ
ज
झ
ट
ठ
ड
ढ
ण


Roman Character
Devanāgarī ديوناگري
Khudāwādī خداوادي
Shikārpūrī شڪارپوري
Sakhar سکر
Thattāī ٺٽائي
Luhānās لوهاڻا
Bhātiās ڀاٽيا
Lārāī لاڙائي
Wanāī ونگائي
Rājjāī راجائي
Khwājās خواجا
Memons ميمڻ
Thattāī ٺٽائي
Haiderabādī
Sewhānī Bhābrās
Southern Lohrdā
Numerals
1
2
3
4
5
6
7
8
9
10

4ـ عربي ـ سنڌي صورتخطي:

هي سوال اڃا تحقيق طلب آهي تہ سنڌ ۾ عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي شروعات ڪيئن ٿي ۽ ڪڏهن ٿي؟

ڊاڪٽر دائودپوٽي جي خيال موجب، عربي- سنڌي رسم الخط جو قديم نمونو شاهہ ڪريم بلڙائيءَ (1537ع کان 1663ع) جي چپيل ڪلام ۾ مِلي ٿو.[36] جيئن تہ هن خط ۾ 'وسرگ ڌوڪڻ آوازن' (aspirated plosive sounds) ۽ 'گهُڻن سُرن' (nasal vowels) ۾ ڪوبہ فرق ڏيکاريل نہ آهي، انهيءَ ڪري هيءُ خط تہ پاڻ وڏيڪ منجهائيندڙ آهي. شاهہ ڪريم کان پوءِ بين بزرگن جو ڪلام بہ عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکيل آهي.[37]

سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سماجي، تجارتي، علمي، ادبي ۽ لساني ڪارج جي سلسلي ۾، اسان کي سڀ کان آڳاٽي ۾ آڳاٽي ۽ ان وقت جي لحاظ کان گهڻي ۾ گهڻي معلومات، عرب سياحن جي سفرنامن مان ملي ٿي. انهن سياحن ۽ ماهرن ۾ سڀ کان پهرين جاحظ (864ع)[38]، پوءِ اصطخري (951ع)[39]، پوءِ مسعودي (957ع)[40]، پوءِ ابن حوقل (956/245ع[41]، پوءِ بشاري مقدسي (958ع)[42]، پوءِ ابن نديم (958ع ڌاري)[43]، ۽ پوءِ البيرونيءَ (1017ع کان

---

[36] Daudapota U. M., Dr., 1955, Article, Sindhi Literature, Published in Cultural heritage of Pakistan. Oxford University Press, London: P. 156

[37] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: مقالو ڀنڀور جا آثار- سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جو مطالعو سماهي مهراڻ، 4ـ1983ع، ص ص 61ـ62

[38] جاحظ: 1960ع، رساله فخرالسودان علي البيضان، اردو ترجمو: هندوستان عربون کي نظر مين، حصہ اول اعظم ڳڙهہ: دارالمصنفين، ص 73 ۽ 74

[39] اصطخري: المسالک الممالک ايضاً، ص 375

[40] ابوالحسن مسعودي: مروج الذهب و معاون الجوهر، ايضاً ص ص 288 ۽ 289

[41] ابن حوقل ڏار ڏار ملڪن جا نقشا تيار ڪيا، ان ۾ هن سنڌ جو نقشو پڻ ٺاهيو هو جو غالباً سنڌ جو پهريون نقشو هو جنهن ۾ پهريون دفعو سنڌ جي شهرن جا نالا عربي رسم الخط ۾ لکيا هئائين.

[42] بشاري مقدسي: احسن التقاسيم في معرفه، اردو ترجمو حوالو ڏنو ويو آهي، ص ص 358ـ386.

1030ع)، پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۾ تذڪرن ۾، ان وقت جي ماڻهن جي حالت، ثقافتي ۽ سماجي پهلوئن، وڻج واپار ۽ ٻوليءَ لاءِ رائج رسم الخطن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن سياحن، ماهرن ۽ محققن ۾ البيرونيءَ ته ان وقت جي چالو رسم الخطن جا نالا پڻ ڏنا آهن، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي. هو لکي ٿو:

"ڏکڻ سنڌ ۾، ڪاري واري خطي تائين، 'مالوشائو' (Malwashau) نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، ان کي 'مالواڙي' (ملقاري) به چئبو آهي. ٻهمنوا (المنصوره) ۾ 'سئندوَ' (Saindva) رسم الخط ڪم ايندو آهي. 'لاڙي خط'، 'لاڙديس' ۾ ڪم ايندو آهي. 'اردناگري' رسم الخط 'ڀاٽيا' ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ لکيو ويندو آهي". [44]

البيرونيءَ جي هن راءِ ۽ ٻين عرب سياحن طرفان رسم الخط جي باري ۾ ڏنل معلومات، ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد (المنصوره) مان رسم الخط جا حاصل ٿيل نمونا، جارج اسٽئڪ[45] ۽ سر گريئرسن جي جڳ مشهور تحقيق[46]، مان ائين ٿو معلوم ٿئي ته سنڌي زبان لاءِ عربي- سنڌي رسم الخط يا عربي حرف تهجيءَ جي ابتدا ڪڏهن ٿي هئي؟ هن ڪتاب ۾ به اڳين ٿن ڇاپن ۾ عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي عنوان هيٺ، هڪ سوال ڪيو ويو هو. سوال هو:

"هي سوال اجا تحقيق طلب آهي ته سنڌ ۾ عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي شروعات ڪيئن ٿي ۽ ڪڏهن ٿي؟" [47]

ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم جي خيال موجب: "عربي- سنڌي خط جو

---

[43] ابن نديم: 1962ع الفهرست اردو ترجمو جلد دوم، ص ص 3-4

[44] Sachau, E. C. 1910, Alberuni's India, London: Kegan Paul Trench Trubner. P. 173

[45] See. Stack., G. Op. Cit.

[46] Grierson. E. H. Linguistic Survey of India, Vol: viii.

[47] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: 1969ع، سنڌي صورتخطي، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد: سنڌي زبان پبليڪيشن، ص 27

قديم نمونو شاهہ ڪريم بلڙائيءَ (1537ع کان 1663ع) جي ڪلام ۾ ملي ٿو. شاهہ ڪريم کان پوءِ ٻين بزرگن جو ڪلام بہ عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکيل آهي."[48]

هن سلسلي ۾ البيرونيءَ جي راءِ جو جائزو وٺنديءَ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

"پنهنجي هن بيان ۾ بيرونيءَ ڪم از ڪم ٽن صورتخطين جو پتو ڏنو آهي، جيڪي 1020ع کان 1030ع واري عرصي اندر رائج هيون. ڀاٽيہ (جيسلمير) ۽ سنڌ جي ڪن ڀاڱن ۾، يعني جيسلمير واري سرحد لڳہ سنڌ جي ايرندين ڀاڱن ۾ 'اڌ- اکري ناگري' هلندڙ هئي. انهيءَ مان ڀانئجي ٿو تہ اندازً موجوده سکر، خيرپور، سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر ضلعن جي ايرندين ڀاڱن ۾ 'اڌ- اکري ناگري' هلندڙ هئي. ساموندي ڪناري يعني موجوده ٺٽي ضلعي جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾ 'ملقاري' رسم الخط رائج هو. تاريخي اعتبار سان درياء کان اولهہ طرف، ميرپورساڪري واري علائقي ۾، آڳاٽي وقت کان 'نگامرا' قوم آباد هئي، ۽ ٿي سگهي ٿو تہ انهن جي صورتخطي 'نگامري' ڏانهن اشارو هجي. وچ سنڌ واري علائقي ۽ گاديءَ جي شهر ٻهمنوا يا منصوره ۾، 'سيندب' يعني 'سئندو' يا 'سنڌي صورتخطي' هلندڙ هئي. اها 'عربي- سنڌي' صورتخطي هئي، جيڪا پهريائين منصوره واري علائقي ۾ استعمال ٿي، ۽ اتان آهستي آهستي سڄيءَ سنڌ ۾ رائج ٿي."[49]

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو:

"عربي- سنڌي صورتخطيءَ جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو نمونو خود محقق بيرونيءَ جي لکيت ۾ ملي ٿو. هن 'ملقاري' لفظ ۾ 'ق' جو حرف آندو آهي،

---

[48] Daudpota, U. M., 1955, Article, Sindhi Literature, Cultural Heritage, of Pakistan, Karachi: Oxford University Press. P. 156

[49] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1980ع، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو پيو، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز ص ص 47_75

’مگر‘ (منگر) ۽ ’اگل‘ (اگر) لفظن ۾ ’گ‘ جي اُچار لاءِ ’گ‘ حرف ڪم آندو اٿس، يعني تہ خود محقق بيروني، سنڌ جي مقامي اُچارن کي ادا ڪرڻ لاءِ عربي حرفن مٿان ٽپڪا ڏيئي نوان اکر ڪيديا.[50]

عرب سياحن جي سفرنامن ۽ انهن کان اڳ جي لکيل تاريخي مواد جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ انهن ڪتابن ۾ سنڌ جي باري ۾ لکيل احوالن ۾ ڪيترن ئي مقامي سنڌي لفظن کي عربي رسم الخط ۾ لکڻ جو رواج يا ابتدا، البيرونيءَ جي آمد واري دور (1010ع ـ 1030ع) کان گهڻو اڳ ٿي چڪي هئي. البيروني 1017ع کان 1030ع واري عرصي ۾ سنڌ ۾ منصوره بہ آيو جڏهن تہ پهريون عرب سياح، جاحظ هو جنهن جو احوال 864ع ۾ ملي ٿو يعني البيرونيءَ جي اچڻ کان 153 سال اڳ. جاحظ کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان ٻيا سياح بہ آيا. جيئن اصطخريءَ جو سن 951ع آهي، ابن حوقل جو سن 245هـ/ 956ع جي لڳ ڀڳ آهي. جاگرافيدان مسعودي 302هـ/ 16ـ915ع ڌاري سنڌ ۾ آيو هو. بشاري المقدسيءَ جي تصنيف جو سن 985/ 375هـ آهي. ابن نديم 377هـ/ 86ـ985ع ڌاري سنڌ جو احوال لکيو پر البيرونيءَ جو احوال 1017ع کان 1030ع واري زماني جو آهي. انهن سڀني سياحن، مؤرخن، ماهرن ۽ جاگرافيدانن جي سفرنامن ۽ تذڪرن مان نہ فقط سنڌ جي ثقافت، وڻج واپار، علم ادب ۽ ٻين ڳالهين کي لکت ۾ بيان ڪيو ويو آهي، پر انهن سفرنامن مان سنڌي ٻولي، ان لاءِ ڪم ايندڙ رسم الخطن جي تعداد جي باري ۾ پڻ خبر پوي ٿي، ۽ البيرونيءَ تہ انهن رسم الخطن جا نالا بہ ڏنا آهن. انهن سفرنامن ۽ تذڪرن ۾ سنڌي ماڻهن، سنڌ جي ماڳن، مڪانن ۽ دريائن وغيره جا نالا عربي رسم الخط ۾ ڪجهہ تبديليءَ کان پوءِ ڏنا ويا. ان ڪري سنڌي زبان ۾ ڪافي وسعت اچي چڪي هئي. هزارن جي تعداد ۾ عربي ٻوليءَ جا

---

[50] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1980ع. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ. ڇاپو ٻيو. حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز. ص ص 74ـ75

لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي ويا ۽ اُهي سنڌي لغت جو حصو بڻيا.

هڪ ڳالهه هيءَ بہ توجهہ جي لائق آهي تہ عرب سياحن ۽ جاگرافيدانن جي اچڻ واري عرصي جي لڳ ڀڳ ڪيترائي تاريخي ڪتاب پڻ قلمبند ٿي چڪا هئا, جن ۾ سنڌ ۾ اسلامي فتوحات جي باري ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو هو. هن وقت تائين جن تاريخي ڪتابن جا نالا مليا آهن, انهن مان ڪي هي آهن:

(1) فتوح البلدان: هيءَ بلاذريءَ جي لکيل تاريخ آهي, جنهن ۾ هڪ باب, سنڌ جي فتوحات جي عنوان سان آهي. بلاذريءَ جي وفات 279/80هہ ۾ ٿي, يعني ابن حوقل کان 35/34 سال پوءِ.

(2) تاريخ يعقوبي: هن تاريخ ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ جي فتح جو احوال تفصيل سان ڏنل آهي. يعقوبيءَ جي وفات 284 هہ ۾ ٿي هئي.

(3) تاريخ طبري: هن تاريخ جو مصنف ابو جعفر محمد بن جريد الطبري آهي. هيءَ 224هہ ۾ ڄائو هو ۽ 310 هہ ۾ وفات ڪيائين. هن تاريخ ۾ سنڌ جي فتوحات جي باري ۾ ذڪر ڪيل آهي ۽ حوالا پڻ ڏنل آهن, گويا هن تاريخ جو مصنف ابن حوقل جو همعصر هو.

(4) الڪامل في التاريخ: هي ڪتاب ابن الاثير جو لکيل آهي. هي عالم 555 هہ کان 630 هہ تائين ٿي گذريو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي اوائلي فتوحات جي باري ۾ ذڪر ڪيل آهي.

(5) فتح نامہ سنڌ عرف چچنامو: سنڌ جي تاريخ بابت هي پهريون مڪمل ڪتاب آهي. هي ڪتاب اصل ۾ عربيءَ ۾

لکيو ويو هو جنهن جو فارسي ترجمو 613 هه (1316ع) ۾ ٿيو.
هن ڪتاب ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌ جي ماڻهن، ماڳن،
دريائن، ندين، ڍنڍن، قومن ۽ ذاتين جا نالا، عربي- سنڌي
حروف تهجيءَ ۾ ڏنل آهن.

انهن سيني تاريخي ڪتابن ۾، سنڌ جي ڳوٺن، ماڻهن، دريائن، ماڳن ۽ مڪانن جا نالا عربي- سنڌي رسم الخط جي نموني ۾ لکيا ويا آهن، پر هن ڏس ۾ سڀ کان وڏيڪ اهم ڪتاب چچنامو آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا هزارين لفظ، عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکيل آهن. جيئن اڳ ۾ به ذڪر ڪيو ويو آهي.

عربي دور حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معيار، مقام ۽ شڪل جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"عربي دور حڪومت ۾ ٻوليءَ ۾ مرڪزيت پيدا ٿي. سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۽ قبيلن جي ٻولين ۾ وڏيڪ مرڪزيت پيدا ٿي، جنهن ڪري هڪ جامع سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل وجود ۾ آئي.

سنڌ ۾ عربي دور جي ابتدا کان ئي عربن جون آباديون قائم ٿيون. سنڌ وارن جا عرب ملازمن، ڪاريگرن ۽ عالمن سان گهرا معاشرتي تعلقات پيدا ٿيا. عربن، سنڌ کي پنهنجو وطن بڻايو. سنڌن دائمي سڪونت سبب، عربن ۽ سنڌين جي وچ ۾ شادين مرادين ۽ مٽين مائٽين جا سلسلا قائم ٿيا. عرب ۽ سنڌي پاڻ ۾ ايتري قدر ته سڱيڻا ٿيا، جنهن ڪري سنڌ وارن جي سماجي زندگيءَ تي اثر وڌيو. اسلام جي اثر ماڻهن جي روزانه زندگيءَ تي وڏو اثر ڪيو.

انهيءَ اجتماعي نفسيات جو ٻوليءَ جي نفسيات تي اثر گهڻو پيو. بيشمار عربيءَ جا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا، انهيءَ ڪري ٻوليءَ جي لغت ۾ واڌارو ٿيو. انهن ۾ مذهب، معاشيات، معاشرتي زندگي، زراعت، تجارت،

ابلاغ، صنعت، مواصلات (Communication)، جنگ، انتظامي اُمور ۽ ٻيا ڪيترائي لفظ داخل ٿيا.»[51]

اسلامي حڪومت جي اثر ڪري، جتي هزارن جي تعداد ۾ عربي لفظ سنڌي لغت جو حصو بڻيا، اُتي ٻنهي تهذيبن جي ميل جول ڪري، ڪيترائي سنڌي لفظ عربي ٻوليءَ ۾ پڻ شامل ٿي ويا. عرب سياحن ۽ محققن، پنهنجي سفر دوران سنڌ ۾ بيشمار سنڌي لفظ عربي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندي ڏٺا. سنڌي ٻوليءَ جي انهن ۽ اهڙن ٻين لفظن جي عربيءَ ۾ عام استعمال جو خاص سبب هي بہ هو جو ڪيتريون ئي پسارڪيون شيون ۽ وکر، توڙي روزمره جي استعمال جا وکر، جهڙوڪ: 'ٿوم'، 'گرم مصالحو'، 'ڪپڙو'، 'سٽيون ڦڪيون' ۽ ٻيون شيون سنڌ جي مَنڊين ذريعي عربستان، ايران ۽ ٻين ملڪن ڏانهن اُماڻيون وينديون هيون. سنڌي ويدن، ويجن ۽ طبيبن، طب جي ڪتابن ۽ ويدن کي عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو. انهيءَ ڪري سوَن جي تعداد ۾ سنڌي لفظ معمولي صوتي تبديليءَ سان، عربي ٻوليءَ ۾ جيئن جو تيئن رهيا ۽ رکيا ويا. جيڪي اڄ بہ سڃاڻي سگهجن ٿا. البت ڪي لفظ گهڻي صوتي تبديل سبب عربيءَ ۾ اهڙا تہ مدغم ٿي ويا جو اهي هاڻ سڃاڻڻ ۾ ئي نٿا اچي سگهن. مثلاً اهڙا لفظ آهن:

| سنڌي لفظ عربيءَ ۾ | شموليت کان پوءِ | سنڌي لفظ عربيءَ ۾ | شموليت کان پوءِ |
|---|---|---|---|
| ٿوم | ثوم/ فوم | کنڊ | قند[52] |
| سڙهہ | شرعه | کک | ڪخ |

---

[51] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: حوال ڏنل آهي، ص ص 74_75

[52] سيد سليمان ندوي: 30_1929ع عرب و هند کي تعلقات، هندوستان اڪيڊمي، ص 69 ۽ پڻ ڏسو بزرگ بن شهريار: عجائب الهند، اردو ترجمو ص 202

| | | | |
|---|---|---|---|
| جت | زط | گج | قز |
| ڪاٻارو/ ڪاٻالو | قباله | ڪپور | ڪافور |
| ڦردو | فرضه | نيل | نيلج |
| ڪرمچ | ڪرمز | ڪرڻ ڦل | قرنفل |
| پوتي/ پوتو | فوطه | جاءِ ڦل | جائفل |
| هندورو | هندول | ٽِڦلو | آطرفل |
| ٻيانو | بعيافه | مِک | مخ |
| ڇيٽ | شِيٽ | | |

اهڙيءَ طرح هيٺ مثال طور اهي سنڌي لفظ ڏجن ٿا، جيڪي سنڌ ۾ رهندڙ عربن جي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا، جن کي هنن جيئن جو تيئن قائم رکيو. اهڙن لفظن مان ڪي هي آهن:

| سنڌي | عربيءَ ۾ شموليت کان پوءِ | سنڌي | عربيءَ ۾ شموليت کان پوءِ |
|---|---|---|---|
| انب | انبه، انبج | سڪاڻ | سُڪان |
| ٻت | بهطه، بهطا | ڪات | قاطع |
| ڪاسو | ڪاسه | مُترڪو | مطرقه |
| سنداڻ | سندان[53] | هليلا | هليله |
| آڪرو | عاڪره | | |

مٿي ڏنل لفظن توڙي اهڙن ٻين لفظن کي عربي حروف تهجيءَ ۾ لکڻ لاءِ ڪيترن ئي سنڌي آوازن کي، عربي اکرن ۾ لکيو ويو يا عربي اکرن ۾ واڌارو ڪري نوان اکر جوڙيا ويا، جو تہ عربي رسم الخط ۾ اُنهن سنڌي آوازن لاءِ حروف هئا ئي ڪون، مثلاً:

[53] جاحظ: رساله فخر السودان علي البيضان، اردو ترجمو حوالو ڏنل آهي، ص 55

| سنڌي آواز | عربي_ سنڌي حروف | سنڌي آواز | عربي_ سنڌي حروف |
|---|---|---|---|
| ڦ | ف | ک | ڪ |
| ڙ | ر | پ | ف |
| ڻ | ن | گ | ق/گ |
| ڀ | ٻھ | ڳ | نگ |
| ٿ | ف/ث | چ | نج |
| ٻ | ب | | |

سنڌيءَ جا اُهي لفظ جيڪي 'او' پڇاڙيءَ وارا هوندا هئا، اهڙن لفظن کي عربي_ سنڌي رسم الخط ۾ لکڻ لاءِ 'او' کي 'ه' ۾ تبديل ڪيو ويو. مثلاً:

| سنڌي | عربي |
|---|---|
| مترڪو | مطرقه |
| ڪاسو | ڪاسه |
| ٻيانو | بيانه |
| ڪاٻارو | قباله |
| ڦڙدو | فرضه |
| توتيو | توتيه |

اٺين صدي عيسويءَ ۾ بغداد جي خليفن سنڌ مان ڪيترائي پنڊت، ودوان، طبيب ۽ ويد گهرايا، ۽ کين تعليمي ۽ طبي عهدن تي مقرر ڪيو.[54]

انهن مان ڪن جا نالا هئا: پنڊت ماڻڪ، پنڊت ڀلو پنڊت ڌنو پنڊت بکر ۽ پنڊت گنگو وغيره هئا. انهن پنڊتن، ودوانن، ويدن ۽ حڪيمن بغداد ۾ رهي، عربي زبان ۾ ويد، طب، ستارن جي علم ۽ ٻين علمن جا ڪتاب ترجمو ڪرڻ ۾، عرب ماهرن جي مدد ڪئي. هنن جڙين ٻوٽين، پسارڪي

---

[54] بزرگ بن شهريار: 1960ع، عجائب الهند. حوالو ڏنو ويو آهي، ص 101 ۽ پڻ ڏسو سيد سليمان ندوي: حوالو ڏنو ويو آهي. ص ص 67 ۽ 69

وڏن ۽ وڪرن توڙي دوائن جا ڪيترائي سنڌي لفظ ۽ نالا، جيئن جو تيئن عربيءَ ۾ قائم رکيا. اهڙن لفظن جا نالا اڳ ۾ ڏنا ويا آهن. ۽ اڳتي پڻ مثال طور ڏنا ويندا. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو خيال آهي ته:

"عربن ۽ سنڌين جي مسلسل ميل جول ۽ عرب عالمن جي سنڌي داني ۽ علمي تصنيفن جي اضافي سان، لفظن جي اُچارڻ جي صحت ۽ صورتخطيءَ تي توجهه ٿيو. سنڌ ۾ ٿي اڪثر سنسڪرت ڪتابن جا ترجما شهر منصوره ۾ ٿيا، جيڪي قابل عالم ۽ اديب موجوده هئا، ۽ 'سنڌيءَ' سان گڏ 'هندي'، ٻولين جا پڻ ڄاڻو هئا. تن يقيني طور ترجمن وقت لفظن جي صحت کي صحيح صورتخطيءَ مطابق لکيو جنهن ڪري اڄ به سنڌي لفظن جي ذريعي اصلي پراڪرت لفظن جو پتو لڳائي سگهجي ٿو. سنڌي ٻولي پهريون ڀيرو عربي رسم الخط ۾ لکجڻ لڳي."[55]

سنڌ جي عالمن ۾ ابوعطا سنڌي ٻيءَ صديءَ هجريءَ ۾ هڪ وڏو سنڌي عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. هن پنهنجي دور ۾ سنڌي لفظن کي عربي- سنڌي حروف تهجيءَ ۾ لکيو هوندو. اهڙيءَ طرح ابومعشر سنڌي، تاريخ جو وڏو راوي ٿي گذريو آهي. هن به سنڌي ٻوليءَ جا لفظ عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ لکيا هوندا. ساڳيءَ طرح ابو ضلع سنڌي ۽ ٻيا سنڌي عالم به سنڌي ٻوليءَ جا لفظ عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکندا هوندا. هڪ طرف سنڌي نسل جي عالمن عربي علوم ۾ شهرت حاصل ڪئي ته ٻئي طرف وري عربي نسل جي عالمن، سنڌ ۾ سنڌي ۽ هندي ٻولين جي مطالعي ۾ مهارت حاصل ڪئي. سنڌ ۾ هڪ طرف منصوره علم ادب جو مرڪز هو ته ٻئي طرف ديبل به پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽربلوچ صاحب لکي ٿو:

"سرزمين سنڌ ۾ نه صرف عربيءَ جي اپياس لاءِ درسگاهون هيون،

---

[55] نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 49

مگر سنڌي بلڪ هند جي زبانن جي مطالعي لاءِ بہ جوڳو بندوبست ٿيل هو. سنڌ ۾ سنڌي توڙي عربي ٻنهي ٻولين کي وڏي اهميت هئي، ڇو تہ عربن ۽ سنڌين جي گڏيل رهڻي ڪهڻيءَ سبب ٻئي، هڪٻئي جي ٻولي سمجهندا ۽ ڳالهائيندا هئا. سيني عرب سياحن جو بيان آهي تہ سنڌ ۾ سنڌي توڙي عربي ٻولي، ٻئي رائج هيون، جنهن مان ثابت آهي تہ عرب حڪومت، سنڌي ٻوليءَ کي، وڏي اهميت ٿي ڏني ۽ ان جي ترقيءَ ۽ واڌاري جو باقاعدي انتظام هو."[56]

سيني محققن جو هي بہ رايو آهي تہ 'سنڌي زبان' جي هڪ شاعر، سنڌي زبان ۾ بغداد جي برمڪي وزيرن جي تعريف ۾ هڪ قصيدو ٺاهيو. هي قصيدو، يحيٰ برمڪيءَ جي دربار ۾ پڙهيو ويو. ڊاڪٽربلوچ صاحب جو خيال آهي تہ:

"جيئن تہ هارون الرشيد، جعفر بن يحيٰ برمڪيءَ کي 187 ھ ۾ ماريو هو انهيءَ ڪري ان مان ظاهر آهي تہ هي بيت 187ھ کان اڳ قلمبند ڪيو ويو هوندو."[57]

اهو بيت هو:

ارہ برہ کنکرہ کرا کري مندرہ.

هن مصرح مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ کي عربي- سنڌي رسم الخط ۾ پهريون ڀيرو 187 ھ کان بہ اڳ لکيو ويو هو يعني تہ سنڌي زبان ۾ چيل هن شعر جي عربي- سنڌي رسم الخط ۾ هيءَ پهرين لکٽي آهي، جيڪا هاڻ اهڙي صورت اختيار ڪري چڪي آهي، جو اصل لفظن جي مفهوم جو پتوئي نٿو پوي. انهيءَ هوندي بہ بقول ڊاڪٽربلوچ صاحب تہ:

"هيءَ آڳاٽو حوالو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لاءِ هڪ قيمتي وٿ

[56] نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 60

[57] ايضاً، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 60

آهي. هي سنڌي ٻوليءَ جو عربي ـ سنڌي صورتخطيءَ ۾ سڀ کان پهريون لکيل نمونو آهي."[58]

چوٿين صديءَ هجري (ڏهين صدي عيسويءَ) جي وچ ڌاري، يعني ته عربي حڪومت جي قائم ٿيڻ کان پڻ اڍائي سون سالن واري عرصي ۾، سنڌي ۽ عربي ٻنهي ٻولين کي اهميت حاصل هئي. هن دور ۾ عرب سياح ۽ جاگرافيدان سنڌ ۾ آيا، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن سنڌ ۽ سنڌي زبان جي باري ۾ اکين ڏٺا احوال قلمبند ڪيا. انهن جي احوالن مان ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌ کان ملتان تائين، سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. هنن سنڌي زبان جي مختلف محاورن ۽ رسم الخطن جو به ذڪر ڪيو آهي. البيرونيءَ ته پنهنجي ڪتاب، 'ڪتاب الهند' ۾، 1017ع کان 1030ع تائين واري عرصي ۾ پشاور کان وٺي ملتان ۽ منصوره تائين، هند ـ سنڌ جي ماڻهن جي تهذيب ۽ ثقافت جو مطالعو ڪيو ۽ ان جو ذڪر به ڪيو. البيرونيءَ کان اڳ آيل سياحن ۽ جاگرافيدانن، پنهنجن سفرنامن ۾ جابجا اصل سنڌي، هندي ۽ سنسڪرت وارا لفظ ۽ فقرا، جدولون، ماڻهن، ماڳن، مڪانن، دريائن ۽ جڙين ٻوٽين جا نالا، ان وقت ۾ رائج مقامي ٻولين جا لفظ عربي ـ سنڌي رسم الخط ۾ ڏنا آهن. البيرونيءَ سميت سڀني ماهرن خالص سنڌي حروف، عربي رسم الخط جي فن ۾ تبديليون آڻي، جوڙيا. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جا ڪي لفظ، ان وقت عربي حروف تهجيءَ جي مدد سان جنهن نموني جوڙي لکيا ويا اُن نموني کي عربي ـ سنڌي حروف تهجي چئي سگهجي ٿو ۽ اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته عربي ـ سنڌي رسم الخط جي ابتدا 187 هه کان اڳ ٿي چڪي هئي، جنهن جو هڪ نمونو 'اره بره ڪنڪره، ڪراڪري منڌره' مان ته ملي ٿو پر ٻيا نمونا ابو عطا سنڌي، ابومعشر سنڌي ۽ ابو ضلع سنڌيءَ جي لکڻين ۾ به ڳولڻ کپن. ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

---

[58] نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر حوالو ڏنو ويو آهي، ص 63

## علائقن/ ملڪن جا نالا

| سنڌي | عربي | حروف سنڌي | حروف عربي |
|---|---|---|---|
| مڪران | مڪران | م ڪ ر ن | م ک ر ن |
| توران | طوران | ت | ط |
| سبي | سيوي | س ب | س و |
| پنج آب | بنج آب | پ | ب |

## ڳوٺن، ماڳن، مڪانن ۽ شهرن جا نالا

| سنڌي | عربي | حروف سنڌي | حروف عربي |
|---|---|---|---|
| ٻڏا | بده | ٻ | ب |
| ڪيچ | کيز | چ | ز |
| ڪنزپور | قنزبور | ڪ پ | ق ب |
| برهمڻ آباد | برهنا باد | ڻ | ن |
| ڀرج | بهرج | ڀ | بھ |
| اروڙ | الرور | ڙ | ر |
| مهراڻ | مهران | ڻ | ن |
| بلڙي | بلري | ڙ | ر |
| مستونگ | مستنج | گ | ج |
| گنگ/گنگو | کنک | گ | ک |
| ڪنيات | کنبايه | ک | ک |
| بڪار | بکار | ڪ | ک |
| بکر | باکهر | ک | کھ |

## ماڻهن جا نالا

| سنڌي | عربي | حروف سنڌي | حروف عربي |
|---|---|---|---|
| راسڪ | راسک | ڪ | ک |
| ـ | بلهرا | ـ | ـ |

## ميون جا نالا

| سنڌي | عربي | حروف سنڌي | حروف عربي |
|---|---|---|---|
| ليمو | ليمونہ | ـ | ـ |
| انب | انبج | ـ | ـ |

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| رتن | رتن | – | – | نارنگي | نارنج | گ | ج |
| (رياضي | | | | ميوو | مهوا | – | – |
| دان جو | | | | | | | |
| نالو) | | | | | | | |
| گنگو | ڪنڪ | گ | ک | | | | |
| (طبيب | | | | | | | |
| جو نالو) | | | | | | | |
| سنجهر | سنجهل | جهہ | جهہ | | | | |
| (طبيب | | ر | ل | | | | |
| جو نالو) | | | | | | | |
| ڏاهر | داهر | ڏ | د | | | | |
| ماڻڪ | منڪ | ڻ | ن | | | | |
| (طبيب | | ڪ | ک | | | | |
| جو نالو) | | | | | | | |
| ڌنو | دهن | ڌ | دهہ | | | | |
| (طبيب | | | | | | | |
| جو نالو) | | | | | | | |
| ڀلو | ٻهل | ڀ | ٻهہ | | | | |
| (طبيب | | | | | | | |
| جو نالو) | | | | | | | |
| جوڙو | جودر | ڙ | در | | | | |

| کاڌن، طعامن ۽ دالين جا نالا | | حروف | |
|---|---|---|---|
| سنڌي | عربي | سنڌي | عربي |
| سنبوسا | سموسک | - | - |
| (مختلف مغزن ۾ پڪل گوشت) | | | |
| مڇ | منج | ڇ | ج |
| کچڙي | ڪشري | ک<br>ڇ<br>ڙ | ک<br>ش<br>ر |

| جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جا نالا | | حروف | |
|---|---|---|---|
| سنڌي | عربي | سنڌي | عربي |
| ڪرڻقل | قرنفل | ڻ<br>ق | ن<br>ف |
| دارچيني | دار صيني | چ | ص |
| چندن | صندل | چ | ص |

فتح نامو (چچنامو) اصل عربي ٻوليءَ ۾ لکيو ويو هو جنهن کي پوءِ علي ڪوفيءَ نالي هڪ عالم سن 613هه (1216ع) ڌاري فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اُن ۾ نج سنڌي لفظن کي عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ هيٺ موجب لکيو ويو:

| موجوده سنڌي صورتخطي | عربي سنڌي رسم الخط | حروف<br>عربي | سنڌي |
|---|---|---|---|
| ٻڌرکو | بده رکهو | ب<br>ده<br>کهه | ٻ<br>ڌ<br>ک |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڀاٽيا | ڀهاتيہ | ڀه<br>ت | ڀ<br>ٽ |
| ڀٽي | ڀهتي | ڀه<br>ت | ڀ<br>ٽ |
| ٽاڻو | تانہ | ت<br>ن | ٽ<br>ڻ |
| جهر | جهيم | جه | جه |
| راوڙ | راؤر | ر | ڙ |
| ٻيٺ | بيت | ب<br>ت | ٻ<br>ٺ |
| ٺڪر | تکر | ک<br>ت | ڪ<br>ٺ |
| ڪاڪاراڄ | کاکاراج | ک<br>ج | ڪ<br>ڄ |
| ڊنڊ | دندھ | دھ | ڊ |
| ڏاهر | داهر | د<br>د | ڏ<br>ڌ |
| جوڻو | جونہ | ن | ڻ |
| چڱي | چنگي | گ | ڱ |

مرحوم عبدالڪريم لغاريءَ، چچنامي ۾ نج سنڌي آوازن لاءِ ڪم آيل جيڪو عربي- سنڌي حروفن جو چارٽ ڏنو آهي، سو هيٺ نقل ڪري ڏجي ٿو:

| نج سنڌي آوازن لاءِ موجوده سنڌي صورتخطيءَ ۾ حرف | ڇپنامي ۾ ڪم آندل حرف |
|---|---|
| ٻ يا ڌ | ب + دهہ |
| ڀ يا ڍ | ٻهہ+ د |
| ٻ يا ڊ | ب+ د |
| ٿ يا ڏ | ت+ دهہ |
| ٽ يا ڙ | ت+ ر |
| ٺ يا ڪ | ت+ ک |
| ڦ يا ڳ | ؟+ ک |
| ڃ يا گهہ | ج+ گهہ |
| جهہ يا ڱ | جهہ+ نگ |
| ڄ يا ڻ | نج+ ن |

لغاري صاحب لکي ٿو تہ: "مٿئين چارٽ کي ڌسڻ کان پوءِ هيءَ ڳالهہ البت ڏيان ۾ رکڻي پوندي تہ ان وقت جي انهن عربي فارسيءَ جي مصنفين سنڌي لفظن کي لکڻ وقت سنڌي الف۔ ب ناهڻ جو قصد ڪري نج سنڌي اُچارن لاءِ مٿيان حرف مقرر نہ ڪيا. محض پنهنجي مقصد کي ظاهر ڪرڻ خاطر انهن اهي حرف مقرر ڪيا ۽ لکيا. تاهم اڳتي هلي ٻين فارسيدانن بہ اهائي واٽ ورتي ۽ نج سنڌي اُچارن کي انهن ئي حروف ۾ تحرير ڪيو."[59]

مٿي ڏنل لفظن جي لڙهين جي جائزي کان پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ عرب ماهرن، سنڌيءَ جي خاص آوازن لاءِ عربي حروفن جي مدد ورتي ۽

[59] عبدالڪريم لغاري: "سنڌي الف۔ ب جي ارتقا"، ڄامشورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، 1976ع، ص ص 32 ۽ 33.

انهن ۾ تبديليون آڻي سنڌي آوازن لاءِ عربي- سنڌي حروف جوڙيا. هنن اهي نوان ناهيل حروف ڪم آڻي، انهن جي مدد سان نج سنڌي آواز لکيا ۽ حروفن جون چارئي صورتون- ابتدائي، وچين، آخري ۽ سالم- ڪم آنديون، مثلاً: "ب" جو مثال وٺو:

| ابتدائي صورت | وچين صورت | آخري صورت | سالم صورت |
|---|---|---|---|
| بـ | ـبـ | ـب | ب |

حاصل مطلب تہ عرب ماهرن، محققن ۽ مؤرخن سنڌي ماڻهن، ماڳن، مڪانن، جڙين ٻوٽين وغيره لاءِ عربي- سنڌي حروف تهجيءَ لاءِ 28 عربيءَ جا حروف ڪم آندا، جن ۾ 16 حروف اُهي هئا، جيڪي عربي ۽ سنڌي زبانن ۾ عام طور ڪم ايندا هئا، 13 حروف اُهي هئا، جيڪي خالص عربي آوازن لاءِ ڪم ايندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح نج سنڌي آوازن لاءِ 22 حروف عربي حروفن ۾ واڌارا يا ڦيرڦار آڻي ٺپڪا ڏيئي جوڙيا ويا، تفصيل هن ريت آهي

**عربي ۽ سنڌيءَ ۾ هڪجهڙن آوازن لاءِ حروف:**

ا، ب، ت، ج د، ر، ز س، ش، ل، ڪ، م، ن، و هـ ء ي= جملي 16 حروف، عربن "ک" حرف، "ڪ" لاءِ ڪم آندو.

**عربيءَ جي خالص آوازن لاءِ حروف:**

ث، ح، خ، ذ، ص، ض، ط ظ، ع، غ، ف، ءَ ۽ ق = 13 حروف.

خالص سنڌي آوازن لاءِ جوڙيل عربي- سنڌي حروف:

| نج سنڌي آواز | نوان جوڙيل حرف | نج سنڌي آواز | نوان جوڙيل حرف |
|---|---|---|---|
| ٻ | ب | ڄ | ج |
| پ | ف | جه | جه |
| ڀ | به | ڃ | نج |
| ٿ | ف/ت | چ | ش |
| ٺ | تر | ڇ | — |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٺ | ٽ | ڏ | ڌ |
| ڦ | ڦ | ڏ | ڊ |

| نج سنڌي آواز | جوڙيل حرف |
|---|---|
| ڊ | ڊر |
| ڍ | ڊر |
| ڙ | ر |
| ک | ک |
| ڳ | گ |
| ڳ | گ |
| گهه | گهه |
| ڱ | نگ/ نج |
| ڻ | ن |

جملي 23 حروف

اهڙيءَ طرح عربي ـ سنڌي حروف تهجيءَ لاءِ جملي 52 حروف ڪم آندا ويا، جن جي مدد سان عرب سياحن، مؤرخن، ماهرن ۽ محققن سنڌي ٻوليءَ جا لفظ لکي، ٻهريون پيرو عربي ـ رسم الخط جي شروعات، عربن جي ابتدائي دور ۾ ڪئي. هنن جي لکت مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌيءَ جي سُر صوتين لاءِ ڏهہ حروف ڪم آندا ويا، اُهي آهن:

اَ، آ، اِ، اِي، اُ، اوُ، اي، ايَ، ۽ او، اوَ

**چچنامي ۾ لکيل سنڌي لفظ:**

هن سلسلي ۾ سڀ کان وڏي مدد 'چچنامي'، البيرونيءَ جي تحقيق 'ڪتاب الهند' ۽ ٻين عرب عالمن ۽ ماهرن جي تذڪرن ۽ سفرنامن مان ملي ٿي. چچنامي ۾ تہ هزارين نج سنڌي لفظ ڪم آندل آهن، جن ۾ ماڻهن جا نالا، ملڪن، ماڳن، مڪانن، ذاتين، قومن، قبيلن، دريائن، ڍنڍن، واهن ۽

شين جا نالا اچي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح عرب سياحن ۾ جاحظ، اصطخري، ابن حوقل، مسعودي، بزرگ بن شهريار ۽ ابن نديم بہ گهڻائي تہ سنڌي لفظ عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکيا آهن، جيڪي هن ڏس ۾ ڪا راءِ قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا. چچنامي ۾ جيڪي لفظ ڪم آندل آهن، اُنهن مان ڪي هي آهن:

| چچنامي جو صفحو | لفظ | |
|---|---|---|
| 21 | راءِ | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| 21 | راءِ سيهرس | (راجا جو نالو) |
| = | ساهسي راءِ | (راجا جو نالو) |
| = | اروڙ | (شهر جو نالو) |
| = | ديبل | (شهر جو نالو) |
| = | مهراڻ | (دريا جو نالو) |
| 22 | چچ پور | (شهر جو نالو) |
| 23 | نيرون ڪوٽ | (شهر جو نالو) |
| 24 | رام | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| 25 | چندر | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| 27 | سونهن ديو (سونهن ديوي) | (عورت جو نالو) |
| 54 | وڪيو (ڪاڪي جو پٽ) | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| = | متو | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| = | ڪاڪا راڄ | (ڪاڪن جو راڄ) |
| 55 | لاکا | (ذات جو نالو) |
| = | سهتا | (ذات جو نالو) |
| = | اگهم لُوهاڻہ (لوهاڻو) | (ماڻهوءَ ذات جو نالو) |

| | | |
|---|---|---|
| = | برهمناباد (برهمڻ آباد) | (شهر جو نالو) |
| 56 | اگهم | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| 58 | ٻڌ رکو | (لقب، صفت) |
| = | ٻڌ نووهار | (جاءِ جو نالو) |
| 251 ,64 | ڄَٽ | (ذات جو نالو) |
| 189 ,72 | راوڙ | (شهر جو نالو) |
| 58 | مابيرَ | (شهر جو نالو) |
| = | ڏاهر | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| = | ڏاهرسين | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| = | پيمن | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| = | سُندر | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| 130 | ناله ساڪره (ساڪري جو نالو) | (نهر جو نالو) |
| 162 | سيسم (شيشم ڪاري) | (ڪاريءَ جو نالو) |
| 168 | بجهراء بن چندر | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| 170 | ڪاڪو پٽ ڪوتل | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| 171 | ڳنبپ | (مقام جو نالو) |
| 173 | چنا | (ذات جو نالو) |
| 181 | راسل | (ماڻهوءَ جو نالو) |
| = | ڪشها (ڪڇ) | (ملڪ جو نالو) |
| = | ٻيٽ | (مقام جو نالو) |
| 189 | اشبهار | (شهر جو نالو) |
| = | پني | (ذات جو نالو) |
| 191 | موڪو | (ماڻهوءَ جو نالو) |

| | | |
|---|---|---|
| = | وسايو | (ماڻھوءَ جو نالو) |
| = | جيور (جيوَر) | (شهر جو نالو) |
| = | وجورتہ (وڄوٺو) | (ديھہ جو نالو) |
| = | هالا | (ذات جو نالو) |
| = | چندرام هالو | (ماڻھوءَ جو نالو) |
| 209 | جهم | (دريا جي شاخ جو نالو) |
| 210 | کوتکه (کُتکو) | (دريا جي شاخ جو نالو) |
| = | ڪرهل | |
| 249 | ڍول | (ماڻھوءَ جو نالو) |
| 250 | جوڻو | (ماڻھوءَ جو نالو) |
| 251 | ٻجهاري | (ماڻھوءَ جو نالو) |
| = | اسرهيل | (ماڻھوءَ جو نالو) |
| 268 | لاڏي | (عورت جو نالو) |
| 291 | جلوالي | (نهر جو نالو) |
| 321 | سانودي | (نهر جو نالو) |
| = | ڍنڍ وڪربهار* | (ڍنڍ جو نالو) |
| 338 | چڱي | (عورت جو نالو) |
| = | نگامره، نڪامره | (ذات جو نالو) |

**البيروني‌ءَ جي ڪتاب ۾ ڏنل سنڌي لفظ:**

چچنامي کان پوءِ گهٽي ۾ گهٽ ٽيھ سنڌي لفظ محقق البيروني‌ءَ بيان ڪيا آهن. هن جو ڪتاب، 'ڪتاب الهند' تہ سنڌ ۽ هند جي سماجي ۽ ثقافتي تاريخ آهي، جنهن ۾ ڳاڻيٽي جي انگن کان سواءِ، ڏينهن، هفتن،

---

*'وڪر' شايد وڪر بندر ڏانهن اشارو ڪري ٿو جو انگريزن جي دور تائين بہ آباد هو ۽ ڪيٽي بندر وٽ هو.

مهينن ۽ رنگن جا نالا، علم هيئت جا لفظ، گرهن ۽ سيارن جا نالا، طرفن ۽ ڏسين جا نالا، مهل ۽ گهڙيون، جدولون، مفاصلي جي ماپ لاءِ لفظن جون لڙهيون وغيره ڏنيون آهن، انهن مان ڪي هي آهن.[60]

| سخاؤجي ڪتاب جو صفحو | البيرونيءَ جا لفظ | موجوده سنڌي لفظ | البيروني | سنڌي |
|---|---|---|---|---|
| 19 | مليج | مليڄ | ج | ڄ |
| 40 | دهرم | ڌرم | ده | ڌ |
| 42 | وديت | وڄ | ڌي | ڄ |
| 42 | رُوپ | روپ | پ | پ |
| 70 | موڪش | موک | ڪش | ک |
| 101 | ڪشتري | کتري | ڪش | ک |
| 116 | وِتستي | وِٽي | ست | ٽ |
| 117 | چيتَر | چيٽ | تر | ٽ |
| 117 | جيشت | ڄيٺ | ج | ڄ |
| | | | شت | ٺ |
| 117 | باگن | ڦڳڻ | ب | ڦ |
| | | | گ | ڳ |
| | | | ڻ | ن |
| 165 | سموند | سمنڊ | در | ڊ |

[60] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: 1969ع سنڌي صورتخطي، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد: سنڌي زبان پبليڪيشنس، ص ص 93 ۽ 98

۽ پڻ ڏسو: نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، حوالو ڏنل آهي، ص 71

اهڙيءَ طرح البيرونيءَ جي ڪتاب ۾ ڏنل بين لفظن جي فهرست، جيڪي سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان بہ اڳ، رواجي طرح ڪم ايندا هئا، اُنهن مان ڪن لفظن جي هاڻوڪي صورت سامهون ڏني وئي آهي:

| البيرونيءَ جي ڪتاب جو صفحو | البيرونيءَ طرفان لکيل لفظ | موجوده لفظ |
|---|---|---|
| 19 | مليج | مليڇ |
| 31 | اِيشوَر | آيشوَر |
| 40 | دَهرمَ | ڌرمہ |
| = | بده | ٻُڌ |
| = | پُرش | پُرش |
| 42 | وديَت | وِجُ |
| = | دوِيْ | ٻہ |
| = | شَبْدَ | شبد |
| = | روپَ | روپُ |
| = | پنْچ ماترَسَ | پنج ماترون |
| = | گَندَہ | گند |
| = | رَسَ | رَس |
| 45 | وشنو پراڻ | – |
| 52 | واسوُ ديوَ | واسو ديوَ |
| 54 | لڪشمِيْ | لڪشمي / لڪمي |
| = | ڪلپْ | ڪلپ |
| 59 | لوڪَ | لوڪَ |
| = | سوُرلوڪَ | – |
| = | ناگَ لوڪَ | ناگ لوڪَ |
| 69 | شوْاسَ | ساهہ |

| البيروني؞ جي ڪتاب جو صفحو | البيروني؞ طرفان لکيل لفظ | موجوده لفظ |
|---|---|---|
| 70 | وويڪ | وويڪ |
| = | موڪش | موڪش/موڪ |
| 89 | پرجاپتي | پرجاپتي |
| 89 | راڪشس | راڪاس |
| = | پشاچ | پشاچ |
| = | آشور | آشور |
| = | بوُت | ڀوت |
| = | ديۆ | ديو |
| 100 | ورڻ | وَرَڻ |
| 101 | ڪشتري | ڪتري |
| = | شودر | شوڏر |
| = | چندال | چنڊال |
| = | پدم | پَدَم |
| 116 | وِتستي | وِتي |
| 117 | جيتر | چيٽ |
| = | جيشٽ | جيٺ |
| | بالگن | ڦڳڻ |
| 120 | ڪتار | ڪتار/ ڳهاڙي |
| 127 | شلوڪ | سلوڪ |
| 135 | وياڪرڻ | وياڪرڻ |
| 136 | ڇندس | ڇند |
| 139 | ماترا | ماترا |
| 140 | جولن | جَوَلّ> جوڙ> جَڙ |

| البيروني جي ڪتاب جو صفحو | البيروني طرفان لکيل لفظ | موجوده لفظ |
|---|---|---|
| = | پَروَتَ | پربت |
| 156 | لوَڻ | لوڻ |
| = | مُشتي | مُٺ |
| 156 | لَوَڻ مُشتِي | لوُڻ مُٺُ |
| 160 | سوَرَڻ | 1 ⅓ تولو |
| = | تولا | تولا |
| = | ماشا | ماسا |
| 165 | ٿلا | تور |
| 172 | آڪشَرَ | اَکَرَ |
| = | پاوَڪ | پاوَڪ |
| = | دَهَن | ڏَن |
| = | اَگني | آگني |
| = | تپن | تپڻ |
| = | سمونڊَرَ | سمونڊ/ سمنڊ |
| = | ساگر | ساگر |
| = | ماشَ | ماس > ماهہ |
| = | وِسَرُگَ | وسرگ |
| 173 | مَلواڙي | (لکت جو نمونو) |
| = | سِنڌوَ | سنڌي |
| = | لاڙي | لاڙي (لکت جو نمونو) |
| 174 | انگَّ | آنگ |

| البيرونيءَ جي ڪتاب جو صفحو | البيرونيءَ طرفان لکيل لفظ | موجوده سنڌي لفظ |
|---|---|---|
| | | **علم هيئت جا لفظ** |
| 178 | گگن | گگن |
| = | آڪاش | آڪاش/ آڪاس |
| = | آمبْرَ | آمبر |
| = | اَبْرَ | ابر |
| = | چندْرَ | چنڊ |
| = | لوچَنَ | – |
| = | لَڪشْ | لَکُ |
| | **ڏينهن جا نالا:** | |
| 213 | ادتيہْ بار | آرتوار/ آچرُ |
| = | سومَ بار[61] | سومار/ سُومَرُ |
| = | منگل بار | منگل، اڱارو |
| = | بدبار[62] | ٻُڌوار/ ٻُڌر |
| = | برْهسپتي بار[63] | وسپت |
| = | شُڪرْبار | شڪر وار |
| = | شنئشچَرَ بار[64] | ڇنڇر |
| | **گرهن ۽ سيارن جا نالا:** | |
| 215 | آدتيہْ | آچر |

[61] سومَ بار > سوم وار> سومار> سومر
[62] بدبار> ٻڌ وار> ٻڌر
[63] برهسپتي بار >ورهسپت >وسپت
[64] شنئشچر > ڇنڇر

| | | |
|---|---|---|
| = | شوڙيہ | سورج |
| = | سومَ | سومَ |
| = | چندرَ | چنڊ |

**مهينن جا نالا:**

| | | |
|---|---|---|
| 217 | چيترَ | چيٽ |
| = | ويشاک | وساک/ ويساک |
| = | جيشٽَ | جيٺ |
| = | آشاڍ | آکاڙ |
| = | شرُوانڙ | سراوڻ/ سانوڻ |
| = | ڀاڌرَ ڀدَ | ڀڊو |
| = | آشوِجَ | آسو |
| = | ڪاڙتڪ | ڪتي |
| = | مارگ شيرَش | ناهري/ نهاري |
| = | پوش | پوهہ |
| = | ماگهہ | ماگهہ |
| = | ڀالگن | ڦڳڻ |

**طرفن ۽ ڏسين جا نالا:**

| | | |
|---|---|---|
| 290 | دڪشڻ | ڏکڻ |
| = | اُترَ | اُتر |
| = | پشچم | پڇم |
| = | پوڙوَ | پورب |
| = | آپر | پر/ متي |
| = | تَل | تر |

**مهل ۽ گهڙيون:**

| | | |
|---|---|---|
| 334 | پراڻ | پراڻ |

| | | |
|---|---|---|
| 357 | رِٿُ | رُت |
| 359 | ڪُشٽِ | ڪَن |
| = | راتڙي | رات |
| = | ماسُ | ماهہ |
| = | پڪش | پک |
| = | ٻڙش | برس /> ٻرهہ> ورهہ |

**پاڱو 2:**

| | | |
|---|---|---|
| 20 | آدرَ | آڌن آڌ، آڌڪ |
| = | يُگ | يُگ/ جُگ |
| = | چَڪر | چَڪر |

**تور ۽ ماپ جون جدولون:**

| | | |
|---|---|---|
| 161 | هڪ ماش (ماسو) | = 4 آنڊي (ورُ جو ٻجھہ) |
| | هڪ آنڊي | = 4 يَوَ (جَوَ) |
| | هڪ يَو | = 6 ڪلا |
| | هڪ ڪلا | = 4 پاد |
| | هڪ پاد | = 4 مُدري |
| 163 | 4 آنڊي | = هڪ ماشُ (ماسو) |
| | 8 ماش | = هڪ چٽو |
| | 2 چٽا | = هڪ ڪَرش، سُوَرڻَ |
| | 4 سوَرڻَ | = هڪ پَل |
| | 4 پل | = هڪ ڪُڊوَ (ڪوڏي) |
| | 4 ڪُڊوَ | = هڪ پرست |
| | 4 پرست | = هڪ آڍڪ |

4 آڌَڪَ = هڪ دَروڻ

2 دروڻ = هڪ سوريِ

2 سوريِ = هڪ چِٺا

2000 پل = پارَ

2000 پلَ = هڪ ڍِگو (برابر آهي 8 مڻ)

**مفاصلي جي ماپ:**

166 8 جَوَ = هڪ اڱگل (آڱر)

14 اڱگلَ = هڪ لامَر

14 اڱگلَ = هڪ هَٿُ

4 هَٿَ = هڪ ڏَنُ

40 ڏَنَ = هڪ نلُوَ (نري)

25 نَلُوَ = هڪ ڪروش

(ڪروش> ڪروھ>

ڪوھ)

هڪ ڪروش = 4000 هٿ

**آڱوٺي جي چيڙي کان وِٿي چيچ تائين ماپ:**

آڱوٺي جي چيڙي کان چيچ جي چيڙي تائين = وِتَستي (وِٿي)

آڱوٺي ۽ ڏسٽي آڱر جي چيڙي تائين = گوڪلَ

آڱوٺي ۽ ٻاچ جي چيڙي تائين = ڪَرَتِ

آڱوٺي ۽ وچينءَ آڱر جي چيڙي تائين = تال

اهڙيءَ طرح عرب سياحن ۽ ٻين مؤرخن جي ڪتابن ۾ ڏنل ڪن

شين جا نالا ۽ اسم جيڪي سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ کان به اڳ ڳالهائبا هئا،
مثال طور:

| لفظ | لفظ |
| --- | --- |
| سنڌڻ[65] | سنڌاڻ[66] |
| چندن[67] | مُشڪ (عربي مسک)[68] |
| ڪنڊ[69] | جَتَ |
| واٽيا[70] | سِڙهه |
| ڏبڪي | آڪرو |
| ڪپور[71] | ڇيٽ (ڪپڙي جو قسم)[72] |
| ڏنگي[73] | |
| هنڊول (هندورو)[74] | |
| پٽ[75] | ڪرمچ[76] |

---

[65] John Marshall, 1931, Mohen-jo-Daro & the Indus Civilization, London: P. 33

[66] سنڌ لوهارڪي ڪم ۾ شهرت رکندڙ هئي. سنڌ مان ٻئي سامان سان گڏ، سنڌ جون تلوارون به عربستان ڏانهن وڪري لاءِ روانيون ڪبيون هيون. ڏسو: جاحظ: رساله فخرالسودان علي البيضان. حوالو ڏنو ويو آهي، ص 5

[67] سيد سليمان ندوي: 29_1930ع. عرب وهند ڪي تعلقات، هندستان اڪيڊمي الهه آباد: ص69

[68] ايضاً

[69] ايضاً

[70] ايضاً

[71] ايضاً ۽ پڻ ڏسو بزرگ بن شهريار: عجائب الهند. جلد اول، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 201

[72] ايضاً، ص 70

[73] ايضاً، ص 63

[74] سيد سليمان ندوي: عرب و هند ڪي تعلقات. ۽ پڻ ڏسو: بزرگ بن شهريار. عجائب الهند. جلد اول، ص 202

[75] سيد سليمان ندوي: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 69. ۽ پڻ ڏسو: بزرگ بن شهريار. عجائب الهند. جلد اول، ص 202

| | |
|---|---|
| بجاج | نير (رنگ)[77] |
| انب[78] | اوج (اوچو عربي اوج)[79] |
| ايلاچي[80] | ڪرڙ قول[81] |
| جاءِ ڦل[82] | توتيو[83] |
| نيلوڦر، نيلوڦل[84] | مِڪَ |
| ڪک (طب جو لفظ) | ٻَت[85] |
| ليسوڙا[86] | ايريو[87] |
| هريڙ[88] | آنئورا [89] |
| سُنڍ[90] | |

---

[76] سيد سليمان ندوي: 'عرب و هند کي تعلقات' ۾ پڻ ڏسو بزرگ بن شهريار عجائب الهند، جلد اول، ص 70

[77] ايضاً

[78] ايضاً، ص 152

[79] ايضاً، ص 142

[80] ايضاً

[81] ايضاً، ص 69

[82] ايضاً

[83] ايضاً

[84] ايضاً، ص 69.

[85] ايضاً، ص 152

[86] ممتاز حسين پٺاڻ ڊاڪٽر: مقالو سامي (عرب) تهذيب جي ارتقا ۾ سنڌ جو حصو قسط ماهوار نئين زندگي، مارچ 1969ع، ص 46

[87] ايضاً

[88] سيد سليمان ندوي: "عرب و هند کي تعلقات"، ص 69

[89] ممتاز حسين پٺاڻ ڊاڪٽر: مقالو قسط ٻي، ماهوار نئين زندگي، مارچ 1969ع، سامي (عرب) تهذيب جي ارتقا ۾ سنڌ جو حصو حوالو 12، ص 46

[90] حوالو 14، ص 69

اهڙن سنڌي لفظن جي فهرست جن سان هڪجهڙائي رکندڙ ڪيترائي لفظ رگويد ۾ به ملن ٿا:

| **رگويدڪ لفظ** | **سنڌي لفظ** |
|---|---|
| وَستِي | وستي |
| ديوَرَ | ڏير |
| پَڪُوَ ڦَلَمَ | پڪو ڦل، پڪل ڦل |
| مانَ | ماڻ |
| ڪَشِيرِ | کير (ڪش> ک) |
| چَرُ | چَروڙي، چؤنري |
| مُنجَ | مُڃَ |
| ڪُنبِ | ڪُنب (وڏو پيالو) |
| چَڪرَ | چَڪرو |
| پرِٿِوِي | پرِٿوي |
| داسَ | داسَ |
| آپو | آب |
| يوڪتَر | جوٽو |
| سنيهَ | نيهه> نيهن |
| وَڏ ويوَ | وڏِ وا |
| مانسَ | ماسِ |
| ڪانچِي | ڪانچَ (سُٽڻ) |
| يَوَ | جَوَ |
| وَتسَ | وَڇَ |
| گئو | ڳئون |
| سَمُندرَ | سَمونڊ، سمنڊ |
| ستيَ | سَچ |

| | |
|---|---|
| آرِتَ | آرتُ |
| رَتَ | رَتُ |
| جھُوَ | جِيَ |

**جپسي ٻوليءَ جا لفظ جيڪي سنڌي ٻوليءَ سان هڪجهڙائي ڏيکارين ٿا**[91]:

جپسين کي 'ٻنجارا' بہ چوندا آهن. 'ٻنجارا' لفظ سنڌي لفظ 'وڻجارا' جي بدليل صورت آهي. ماهرن جو رايو آهي تہ اها جپسي (وڻجارا) قوم، اوائل ۾ برصغير جي اتر- اولهہ (پنجاب- سنڌ) واري حصي جي رهواسڻ هئي، ۽ اُتان لڏي پهرين ايران ۽ ميسوپوٽيميا ايراضين ۾ اچي رهي، ۽ اتان پوءِ مصر ڏانهن وئي.

جپسي ٻوليءَ ۽ سنڌيءَ ۾ جيڪي هڪجهڙايون ثابت ٿيون آهن، تن مان ظاهر آهي تہ هيءَ قوم اصل سنڌ جي رهاڪو هئي. ليلو رچنداڻي لکي ٿو تہ: "هيءَ قوم يورپ جي ڪن حصن ۾ پاڻ کي 'زنگنلي' تہ ڪٿي 'رومي'، تہ ڪٿي وري 'سِنتي' سڏائيندي آهي. 'سِنتي'، سنڌيءَ جي بدليل صورت آهي. خود جپسي بہ هڪٻئي کي مخاطب ٿيڻ وقت 'سنتي' چوندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي 'ساٿي'".

ليلو رچنداڻي پنهنجي دعويٰ جي ثبوت لاءِ هيروڊوٽس جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ: "سنڌي نالي هڪ ننڍڙي هندي قوم، ڪاري سمنڊ جي ويجهو ٿامن نالي ٻيٽ ۾ رهندي هئي. اهو سمو عيسوي صديءَ کان ڇهہ –اٺ سؤ سال اڳ جو آهي".

چمن لال جو حوالو ڏيندي ليلو لکي ٿو:

"پنجاب جي هڪ ايراضيءَ ۾ 'جنگر'[92] نالي هڪ پنتي پيل قوم

---

[91] هن معلومات جو مدار مسٽر ليلي رچنداڻيءَ جي اُن مقالي تي آهي جيڪو سماهي مهراڻ، نمبر 3، سال 1967ع ۾ 39 صفحي کان 44 تي ڇپيل آهي.

هن وقت بہ رهندي آهي. جا هڪ 'سنڌوئي'[93] قوم جو جزو آهي، ۽ جنهن جي ٻولي 'سنڌي ٻوليءَ' سان رشتو رکندڙ آهي، اها قوم ٿي ايران جي اندروني ايراضين تائين وڃي ٿي ڏسجي".

مٿئين دليل مان هي نتيجو ٿو نڪري تہ جپسي قوم دراصل سنڌي وڻجارا هئا، جيڪي عيسوي سن کان ڇهہ- اٺ صديون اڳ، ڪاري سمنڊ تائين پهچي چڪا هئا. هن دليل مان هي بہ نتيجو ٿو نڪري تہ سنڌي ٻوليءَ جا اُهڃاڻ ۽ آثار 800- 600 ق. م ۾ بہ ملن ٿا، جيڪي جپسي ٻوليءَ جي بدليل صورتن ۾ موجود آهن. هيٺ اهڙن لفظن جون لڙهيون ڏجن ٿيون، جيڪي ثابت ٿيون ڪن تہ سنڌي ٻولي 800- 600 ق. م. ۾ بہ معياري ٻولي هئي، جنهن جو هاڻوڪو ڍانچو بلڪل انهيءَ زماني واريءَ ٻوليءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿو. مثال طور:

| جپسي لفظ | سنڌي لفظ | جپسي لفظ | سنڌي لفظ |
|---|---|---|---|
| ڇُري | ڇُري | نڪ | نڪ |
| بال | وار | ڪارو (ڪالو) | ڪارو |
| يڪ | اک | راءِ | راءِ |
| ڪن | ڪن | | |
| برو | ٻڙو (وڏو) | نڻ | ننهن |
| ٿان | ٿان | ميل | ميل، مر، مٽي |
| تون | تون | متو | متو ست |
| تتو | تتو | لوو | لوپ |
| مانس | ماڻهو | جوو | جوُن |

[92] پنجاب جي جهنگ واري علائقي ۾ جنگلي قوم هن وقت آباد آهي، هن جي ٻوليءَ کي جنگلي ٻولي سڏيندا آهن.

[93] ممڪن آهي تہ سنڌي لفظ سنڌوئي> سنڌُئي> سنڌوي> سنڌي ٿيو هجي.

| | |
|---|---|
| بڪرو | ٻڪرو ٻڪر |
| مک | مُک |
| ڪير | ڪولي |
| سنگ | سگ |
| تر | ڏونهون |
| انکر | آگر |
| ٹد | ڏُڏ |
| ماس | ماس |
| پاني | پاڻي |
| پس | پوسو |
| بڑھو | ٻڍو |
| چوري | چوري |
| رَت | رَت |
| چِڪ | چِڪ |
| سِگو | سگھو |
| شڪو | شڪو |
| پير ننگو | پير ننگو (پيرين اگھاڙو) |
| جَوَ | جَوَ |
| درياو | درياءُ |

| | |
|---|---|
| ڪندو | ڪنڊو |
| پينگ | پينگ |
| ڪوو | ڪوھ |
| راني | راڻي |
| چور | چور |
| ارو | اڻو |
| سوانگ | سانگ ٻهروپي، ٻهروپي |
| اوچو | اُچو |
| سُوتو | سٽو سمهيل |
| ست | ست، سار |
| شنو | سٽڻ، ٻڏڻ |
| پَٽ | پَٽ، ڪپڙا |
| اوتيہ | اُتي |
| مڑس | مڙس، مرد |
| ميلالو | ميرو |
| مارو | ماڙهو |
| ڪِر | ڪر |

**مٿن مائٽن جا نالا:**

| جپسي لفظ | سنڌي لفظ | جپسي لفظ | سنڌي لفظ |
|---|---|---|---|
| فين | پيڻ | فرل | ياءُ |
| سسرو | سهرو | سسئہ | سس |

| | | | |
|---|---|---|---|
| موڪش | ڪش | ڪ+ ش | ک |
| ڪشتري | ڪش | ڪ+ ش | ک |
| سمونڊر | ڊر | ڊ+ر | ڊ (اُترادي لهجي ۾ در/ ڊر به استعمال ٿيندو آهي.) |
| جيٿر | ٿر | ٿ+ ر | ٿ |
| جيشٽ | شٽ | ش+ ٽ | ٺ |
| وتشي | شت | ش+ ت | ٿ |

سنڌي ٻوليءَ ۾ ’سنڌيءَ وارو مطالعو‘ ڏاڍو دلچسپ آهي، جنهن جي باري ۾ ’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘ ڪتاب، پڙهي سگهجي ٿو.[94]

ڊاڪٽر بلوچ صاحب البيروني طرفان ڏنل لفظن مان ڪن جي فهرست ڏيندي لکي ٿو:

"مٿين مثالن مان ڏسبو تہ محقق البيروني خالص سنسڪرت لفظن کان سواءِ ٻيا جيڪي عام مروج مڪاني نالا ۽ الفاظ استعمال ڪيا آهن، تن مان اڪثر موجوده سنڌيءَ سان ملن ٿا. ايڊورڊ سخاؤ جنهن ’ڪتاب الهند‘ کي ايڊٽ ڪيو آهي، تنهن پنهنجي مقدمي ۾ البيرونيءَ جي استعمال ڪيل مڪاني لفظن، خصوصاً ڳالهين جي انگن بابت لکيو آهي تہ اُهي جنهن ٻوليءَ جا آهن، سا بنسبت ٻين جديد هند- آريائي ٻولين جي، سنڌيءَ سان وڌيڪ مناسبت رکي ٿي، ۽ ملي ٿي.[95] اهي ڳالهين جا انگ هن ريت آهن:

---

[94] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: 1987ع، ’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘ ڇاپو ٽيون: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1987ع

[95] نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: حوالو ڏنل آهي، ص 71

| عدد قطاري البيروني | موجوده سنڌي | عدد قطاري حروف البيروني | سنڌي |
|---|---|---|---|
| برقه | برک، برکت | ق | ک/ڪ |
| بيه | ٻيو | ب | ٻ |
| تريه | ٽيو | تر | ٽ |
| چوت | چوٿون | ت | ٿ |
| پنجيِ | پنجون | – | – |
| ست | ستون | س | ڄ |
| اتين | اٺون | ت | ٺ |
| نوين | نائون | – | – |
| دهين | ڏهون | د | ڏ |
| يارهِي | يارهون | – | – |
| دواهي | ٻارهون | دوَ | ٻ |
| تروهي/ترهي | تيرهون | تر | ٽ |
| چودهي | چوڏهون | – | – |
| پنچاهي | پنجاهون | – | – |

مٿي پيش ڪيل مثالن کان پوءِ هي سوال ٿو پيدا ٿئي ته عربي–سنڌي رسم الخط جي شروعات ڪڏهن ٿي، ڪٿي ٿي ۽ پهرين پهرين هيءُ رسم الخط ڪنهن شروع ڪيو؟ هن ڏس ۾ ڊاڪٽربلوچ صاحب پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو:

> پنهنجي هن ڪتاب، 'ڪتاب الهند' ۾ بيروني ڪم از ڪم ٽن صورتخطين جو پتو ڏنو آهي، جيڪي 1020ع–1030ع واري عرصي ۾ سنڌ اندر رائج هيون. ڀاٽيه (جيسلمير) ۽ سنڌ جي ڪن ڀاڱن، يعني ته جيسلمير واري سرحد لڳ سنڌ جي اُپرندين ڀاڱن ۾ 'اڌ– اکري

ناگري‘ هلندڙ هئي. انهيءَ مان پاڻئجي ٿو تہ اندازاً موجوده سکر، خيرپور، سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر ضلعن جي اُپرندين ڀاڱن ۾ ’اڌ- اکري ناگري‘ هلندڙ هئي. ساموئيءَ ڪناري، يعني موجوده ٺٽي ضلعي جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾، ’ملقاري‘ رسم الخط رائج هئي. تاريخي اعتبار سان درياء ڪان اولهہ طرف ميرپور ساڪري واري علائقي ۾ آڳاٽي وقت کان ’نگامرا قوم آباد هئي، ۽ ٿي سگهي ٿو تہ انهن جي صورتخطي، ’نگامري‘ ڏانهن اشارو هجي. وچ – سنڌ واري علائقي ۾، گاديءَ واري شهر ٻهمنوا يا منصوره ۾، ’سينڌب‘ يعني ’سينڌوُ‘ يا ’سنڌي صورتخطي‘ هلندڙ هئي. اها عربي- سنڌي، صورتخطي هئي، جيڪا ڦهريائين منصوره واري علائقي ۾ استعمال ٿي، ۽ اُتان آهستي آهستي سڄيءَ سنڌ ۾ رائج ٿي.“[96]

هي هڪ اهڙو رايو آهي جنهن تي بحث ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو قبول ڪري نٿو سگهجي تہ سئندوَ رسم الخط عربي- سنڌي رسم الخط جو نالو هو. برهمڻ آباد (المنصوره) مان جيڪو ديسي رسم الخط نڪرين تي لکيل مليو آهي، اهو لوهاڻڪي رسم الخط جهڙو آهي ۽ اهوئي ’سئندوَ رسم الخط‘ هو.

’سئندوَ‘، ’عربي- سنڌي رسم الخط‘ جو نالو نہ هو جنهن منصوره ۾ اها شڪل اختيار ڪئي، پر جيڪڏهن اهو قبول بہ ڪٽي ڪجي تہ سئندوَ عربي- سنڌي رسم الخط جو نالو هو تہ اهو قبول ڪري نٿو سگهجي تہ هي رسم الخط ڪو البيرونيءَ ايجاد ڪيو هو ڇوتہ البيرونيءَ کان گهڻو اڳ، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي تہ جاحظ اصطخري، المسعودي، ابن حوقل ۽

---

[96] نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: حوالو ڏنل آهي.

بين عرب سياحن جي تاريخي ڪتابن ۾، ڪيترن ئي نج سنڌي لفظن کي عربي سنڌي حروفن ۾ تبديليون آڻي، اُن عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. اهي تاريخون، جن جا نالا مٿي ڏنا ويا آهن، البيرونيءَ جي آمد کان ٽي- چار سؤ سال اڳ لکيون ويئون هيون. انهن ۾ عربي- سنڌي رسم الخط ڪم آندو ويو هو ۽ عربي حروفن جي مدد سان نج سنڌي آوازن لاءِ حروف- تهجي جوڙي وئي هئي. انهيءَ دليل جي آڌار تي قابل احترام شخصيت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ سان، گهڻي معذرت سان،اتفاق نٿو ڪري سگهجي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

"عربي- سنڌي صورتخطيءَ جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو نمونو خود محقق بيرونيءَ جي لکت ۾ ملي ٿو. هن 'ملقاري' لفظ ۾ 'ق' حرف آندو آهي. 'مگر' (منگر) ۽ اگل (آگر) لفظن ۾ 'گ' جي اُچار لاءِ 'گ' حرف آندو اٿس، يعني تہ خود محقق بيروني، سنڌ جي مقامي اُچارن کي ادا ڪرڻ لاءِ عربي حرفن تي ٽبڪا ڏيئي نوان اکر ڪڍيا. اُن مان ظاهر آهي تہ 'سنڌي- عربي صورتخطي' جيڪا اسان تائين پهتي آهي، اُن جا لکت ۾ تاريخي آثار 1025ع- 1030ع واري عرصي ۾ ملن ٿا."[97]

انهيءَ حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ محقق البيرونيءَ ڪن نج سنڌي آوازن لاءِ نوان حروف گهڙيا. اُن لاءِ هن، عربي حرفن ۾ ٽبڪا ڏيئي يا ٻئي طريقي سان نج سنڌي آوازن لاءِ حرف جوڙيا، پر البيرونيءَ کان لڳ ڀڳ ٽي- چار سؤ سال اڳ، عرب ۽ مقامي ماهرن، نج سنڌي آوازن لاءِ حرف ناهڻ لاءِ، عربي حروفن ۾ تبديليون آنديون، يا اُن نج سنڌي آواز جي ويجهو عربي ٻوليءَ جا حروف مقرر ڪيا. منهنجيءَ هن راءِ کي خود ڊاڪٽر

[97] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: حوالو ڏنل آهي، ص 24

بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ اڳتي هلي، صفحي 75 تي قبول ڪيو آهي. هو فرمائي ٿو:

"عرب۔ اسلامي دور ۾ نئين علمي، ثقافتي، سماجي ۽ سياسي ماحول جي زير اثر، سنڌي ۽ عربيءَ جو پاڻ ۾ گهاٽو رشتو عمل ۽ ردعمل پيدا ٿيو جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي لساني انفراديت مضبوط ٿي ۽ پڻ اها بين الاقوامي سطح تي تسليم ڪئي وئي. انهيءَ انفرادي حيثيت ۽ اهميت سببان، سنڌي ٻوليءَ بابت بين الاقوامي سطح تي تحقيق شروع ٿي، جنهن ۾ جاحظ، ابن حوقل ۽ ٻين عالمن سنڌي ٻوليءَ متعلق حوالا قلمبند ڪيا. چوٿين صدي هجريءَ جي ٻئي نصف ۾، اسحاق ابن النديم انهيءَ تحقيق ۾ اڳتي وک وڌائي ۽ پڻ ساڳئي دور ۾ بشر بن عبدالوهاب الفزاري، سنڌي لغت جو وڏيڪ گهرو مطالعو ڪيو. ان بعد پنجين صدي هجريءَ جي پهرئين اڌ ۾، بيرونيءَ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت وسيع پيماني تي معلومات قلمبند ڪئي."

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو:

"ٻين ٽين صدي هجريءَ کان وٺي عرب عالمن، 'علم طب' تي تحقيق شروع ڪئي، ۽ دوائن ۾ استعمال ٿيندڙ معدنيات، جڙين ٻوٽين ۽ پسارڪي وکر بابت ڪتاب لکجڻ لڳا.

جدا جدا ملڪن ۾ جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جي سمجهه ۽ سڃاڻپ خاطر ضروري هو تہ انهن جا نالا ٻين اهڙين ٻولين ۾ ڏنا وڃن، جن جي ان دور ۾ بين الاقوامي حيثيت تسليم

ٿيل هئي، يا جن ۾ جڙين ٻوٽين ۽ پسار جي ڄاڻ جو علم، ڪافي ترقي ڪري چڪو هو.

سنڌ نہ فقط ان وقت بين الاقوامي حيثيت رکندڙ هئي، پر سنڌ ۾ پسارڪي وکر جو واپار ايترو تہ وڏيل هو جو هند جي ٻين ڀاڱن جون جڙيون ٻوٽيون پڻ سنڌ مان ٿي اولهہ طرف ٻين ملڪن ڏانهن موڪليون وينديون هيون. انهيءَ ڪري ٻين معاصر ٻولين سان گڏ، سنڌي ٻوليءَ ۾ جڙين ٻوٽين ۽ پسارڪي وکرن جا نالا ڏيڻ ضروري سمجهيو ويو."[98]

ڊاڪٽرصاحب ساڳئي صفحي تي، اڳتي لکي ٿو:

"اهو چئي نٿو سگهجي تہ سڀ کان پهريائين ڪڏهن کان وٺي پسارڪي وکر جا نالا سنڌيءَ ۽ هنديءَ ۾ ڏنا ويا. غالباً اهو سلسلو ٻي صديءَ هجريءَ ۾، سنڌ ۾، منصوره جي عالمن کان شروع ٿيو ۽ پوءِ بغداد تائين پهتو."[99]

ڊاڪٽرصاحب جي، هن راءِ جي آخري پئراگراف مان صاف ظاهر آهي تہ محقق البيرونيءَ کان لڳ ڀڳ ٻہ سئو سال اڳ، سنڌي زبان ۾ پسارڪي وکرن، دوائن ۽ جڙين ٻوٽين جي نالن کي عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکڻ شروع ڪيو ويو هو ۽ نج سنڌي آوازن لاءِ عربي حروفن ۾ ڦيرڦار ڪري، موزون حروف جوڙيا ويا هئا. ڊاڪٽرصاحب جي حوالي مان معلوم ٿئي ٿو تہ:

---

[98] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: حوالو ڏنل آهي، ص 76

[99] البيرونيءَ جو سن ولادت 973ع ۽ وفات 1048ع بيان ڪيل آهي، انهيءَ حساب سان هي ڪتاب 1050- 1051ع کان اڳ لکيو هوندائين، ممڪن آهي تہ 1050- 1051ع ۾ شايع ٿيو هجي.

"چوٿين صدي هجريءَ جي آخر ۾ بشر بن عبدالوهاب الفزاري، پنهنجي ڪتاب 'تفاسير الادويه' ۾ پسارڪي وکر ۽ دوائن جا سنڌي ۽ هندي نالا وڏيڪ تفسير سان درج ڪيا. ان کان پوءِ محقق البيرونيءَ سن 1050_1051ع ۾ پنهنجو ڪتاب، 'الصيدنه في الطب' لکيو جنهن ۾ جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جا نالا يوناني، سرياني، عربي، فارسي، سنڌي ۽ هندي توڙي ٻين مقامي ٻولين ۾ قلمبند ڪيائين. بيروني منصوره پڻ آيو هو.[100]

"بيرونيءَ پنهنجي ڪتاب، 'ڪتاب الصيدنه في الطب' ۾ مني سئو کن جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جا نالا سنڌيءَ ۾ ڏنا آهن، جن مان اڌ کان وڌيڪ، بشر جي ڪتاب، 'ڪتاب تفاسير الدويه' جي حوالن سان ڏنا اٿس ۽ باقي پنهنجي طرفان تحقيق ڪري لکيا اٿس. اهي نالا سنڌي ٻوليءَ جي انفرادي اهميت ۽ بين الاقوامي علمي حيثيت بابت هڪ تاريخي دستاويزي حيثيت رکن ٿا."[101]

هيٺ، بشر ۽ البيرونيءَ جي ڪتابن ۾ ڏنل انهن دوائن ۽ جڙين ٻوٽين جا نالا، ڊاڪٽربلوچ صاحب جي ڪتاب مان، سندن ئي حوالي سان ڏجن ٿا تہ جيئن انهن لفظن جي صورتخطين جي باري ۾ خبر پوي:

---

[100] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: حوالو ڏنل آهي ص 78

[101] ايضاً

| بشر جي ڪتاب تفاسير الادويه ۾ سنڌي لفظن جي لکت | البيرونيءَ جي ڪتاب ڪتاب الصيدونه ۾ لکت | موجوده سنڌي لفظ | حرفن ۾ ڦيرڦار ۽ تبديل | |
|---|---|---|---|---|
| | | | عربي- سنڌي حرف | سنڌي لکت |
| لِمُ | لِمُ | لِمر/ نِمُ | – | – |
| – | قَنُ | قَڻُ | ن | ڻ |
| – | جاماها | جاماهو/ ڊراماهو/ ڊاماهو | ڊر | ڊ |
| بنج | دهطورا | ڀنگ/ ڌاتورو | ب<br>نج<br>ده | ڀ<br>گ<br>ڌ |
| توتيه | توتيه | توتيو | – | – |
| – | منيهل | ميڻ ڦل | به | ڦ |
| حَرمَل | هملو | هرملو/ هرمرو | ل<br>ح | ر<br>هـ |
| – | هين | هڱ | ن | ڱ |
| – | رفاقُطي | رپاڪتي (چانديءَ جي ڪٽ) | ف<br>ط<br>ق | پ<br>ت<br>ڪ |
| – | بولو | ٻلهڻ | ب | ٻ |
| – | سند | سنڌ | د | ڌ |
| – | ڪتوره | ڪٽوري | ڪ<br>ت | ک<br>ٽ |
| – | شنکر | سگر | نک | گ |

مٿين مثالن مان ثابت ٿو ٿئي تہ عربي- سنڌي رسم الخط جي ابتدا، 187 ھہ (لڳ ڀڳ 898ع) کان بہ اڳ، 864ع ڌاري، عرب سياح جاحظ ڪئي ھئي، جنھن جا مثال جاحظ جي ڪتاب 'رسالۃ فخرالسودان علي البيضان' مان ملن ٿا، يعني البيرونيءَ جي آمد (پنجين صدي ھجريءَ) کان وٺي سؤ کن سال اڳ ٿي چڪي ھئي، البت اھو تسليم ڪرڻو پوندو تہ محقق البيرونيءَ اُن ۾ تبديليون آنديون ۽ اُن کي وڌيڪ مناسب ۽ معياري بنايو جنھن کي نستعليق توڙي نسخ رسم الخطن ۾ لکيو ويندو ھو. سنڌيءَ جي انھن ٻنھي قسمن جي لکت جا نمونا، ڪيترن ئي عربي ۽ فارسي ڪتابن توڙي ڪتبن، تختين ۽ تحريرن ۾ ملن ٿا.

حاصل مطلب تہ عربي- سنڌي رسم الخط جا سڀ کان آڳاٽا مثال 864ع ۾ جاحظ جي ڪتاب، 'رساله فخرالسودان علي البيضان' ۾ ملن ٿا.

جاحظ سنڌي حرفن لاءِ ويجھي ۾ ويجھا عربي حرف ڪم آندا:

'ڻ لاءِ ن' جيئن: 'سنداڻ لاءِ سندانِ'. ھو لکي ٿو تہ: "سنڌ لوھارڪي ڌنڌي ۾ شھرت رکندڙ ھئي. سنڌ مان ٻئي سامان سان گڏ تلوارون پڻ عربستان موڪليون ھيون" (ص 5).

ٻيا مثال آھن:

| | |
|---|---|
| 'ڇ' لاءِ 'ش' ۽ 'ٽ' لاءِ 'ت' | ڇيٽ= شيت |
| 'چ' لاءِ 'ص' | چندن = صندل |
| 'و' لاءِ 'ب' | واڻيا= بنيانيه |
| 'ڪ' لاءِ 'ڪ' ۽ 'پ' لاءِ 'ف' | ڪپور= ڪافور |
| 'گ' لاءِ 'ج' | دنگي= ڈونيج |
| 'ڊ' لاءِ 'د' | ھنڊول= ھندول |

اُن کان پوءِ ترت عربي- سنڌي رسم الخط جو نمونو اُن قصيدي ۾ ملي ٿو جيڪو 187 ھہ (898ع) کان اڳ قلمبند ڪيو ويو جيڪو يحيٰ بن خالد برمڪيءَ جي دربار ۾ پڙھيو ويو ھو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن پڻ اھائي

دعوي ڪئي هئي ۽ لکيو هو تہ:

"سنڌي زبان جي هڪ شاعر، سنڌي زبان ۾ بغداد جي برمڪي وزيرن جي تعريف ۾ هڪ قصيدو ڻاهيو. هي قصيدو يحيٰ برمڪيءَ جي دربار ۾ پڙهيو ويو هو. جيئن تہ 187 هہ ۾ هارون الرشيد جعفر بن يحيٰ برمڪيءَ کي مارايو هو انهيءَ مان ظاهر آهي تہ هي بيت 187 هہ کان اڳ قلمبند ڪيو ويو هوندو. اهو بيت هو:

اره بره کنکره کراکري مندره

ڊاڪٽر صاحب اڳتي فرمائي ٿو:

"سنڌي زبان ۾ چيل بيت جي، عربي رسم الخط ۾ هيءَ پهرين لکت آهي، جيڪا هاڻ اهڙي صورت اختيار ڪري چڪي آهي جو اصل لفظ جو پتو ئي نٿو پوي، انهيءَ هوندي بہ هيءَ آڳاٽو حوالو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لاءِ هڪ قيمتي "وٿ" آهي. سڀ کان اول تہ هي سنڌي ٻوليءَ جو عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ سڀ کان پهريون لکيل نمونو آهي."[102]

بهرحال مٿي ڏنل دليل جي روشنيءَ ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي- سنڌي رسم الخط جي ابتدا 864ع ۾، جاحظ جي ڪتاب، 'رساله فخرالسودان في علي البيضان' ۾، نج سنڌي لفظن کي عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکڻ سان ٿي. انهيءَ عرصي کي سنڌ ۾ عربن جي حڪومت شروع ٿيڻ ۾ (93هہ ۾ عربن جي حڪومت سنڌ ۾ شروع ٿي هئي). هڪ سؤ کن سال گذريا هئا. هن رسم الخط ۾ اڳتي هلي چچنامي جي مصنف، البيروني ۽ ٻين ماهرن ۽ محققن پنهنجي نموني سڌارا ۽ واڌارا آڻي، اُن کي وڌيڪ معياري بنايو.

---

[102] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: حوالو ڏنو ويو آهي.

### 5_ مخدوم ابوالحسن جي سنڌي:

مٿي موجوده عربي_ سنڌي رسم الخط تي ڪيل بحث کان پوءِ اهو ثابت ٿو ٿئي تہ عربي_ سنڌي رسم الخط جو بنياد وجھندڙ مخدوم ابوالحسن نہ هو. هي بزرگ (مخدوم ابوالحسن)، ڪلهوڙن واري دور جي وڏن عالمن مان هڪ هو جڏهن تہ عربي_ سنڌي رسم الخط جو بنياد 864ع ڌاري وڌو ويو هو. هن (مخدوم ابوالحسن) سنڌي زبان لاءِ جيڪو رسم الخط تيار ڪيو سو عام طرح 'ابوالحسن جي سنڌيءَ' جي نالي سان مشهور آهي. هن جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ ڪيترن ئي ماڻهن اسلام قبول ڪيو هو. جيئن تہ انهن ۾ اڪثريت بالغن جي هئي، انهيءَ ڪري هن ضروري سمجهيو تہ اهڙن عمر رسيده، نو مسلم ماڻهن لاءِ اسلامي اصول، سندن مادري زبان ۾ لکيا وڃن. مخدوم صاحب، عربي ۽ فارسيءَ ۾ مهارت رکندو هو. سندس سامهون اهي سڀ ڪتاب موجود هئا، جن ۾ سنڌي زبان جا ڌار ڌار لفظ لکيا ويا هئا، البت انهن ۾ ڪم آندل اکرن جي ڪا مناسب ۽ باقاعدي پٽي ڪانہ هئي، ان ڪري هن، سنڌيءَ لاءِ عربي رسم الخط جي نموني تي پٽي ٺاهڻ جو ويچار ڪيو. سنڌي آوازن سان برابري ڏيکاريندڙ عربي رسم الخط جا 28 ئي حرف ڪنيائين،[104] جيڪي ڪاٺئس اڳ وارن عالمن پڻ ڪم آندا هئا. ٽي حرف

---

[104] عربيءَ جي اَ، ب، ت، ج، د، ر، ز، س، ش، ڪ، ل، م، ن، و، ه ۽ ي صورتن وارا آواز سنڌيءَ ۾ اڳي ئي موجود هئا. باقي صورتون_ ث، ذ، ح، خ، ص، ض، ط، ظ ۽ ع، غ، ف، ق سنڌي پٽيءَ ۾ قائم رکيائين، جي عربي لفظن کي درست لکڻ ۾ ڪم اچن ٿيون. خ، غ ۽ ق جيتوڻيڪ سنڌي آوازن جون صورتون نہ آهن. پر انهن صورتن وارا آواز سنڌ ۾ عربي صوتيات مطابق نہ پر عربي مخرج کان اڳيرو يعني ڪاڪڙي (uvula) کان اڳيرو نرم تارونءَ (velum) جي پويان (post_velar) اُچارجن ٿا. عربي صوتيات موجب انهن جو مخرج ڪاڪڙو (uvula) آهي.
'ذ' ۽ 'ف' عربي اثر جي ڪري سنڌيءَ ۾ مروج ٿي ويا. اهي بئي آواز ديسي نہ آهن.

پارسيءَ مان کنياائين،[105] ۽ باقي سنڌي آوازن لاءِ فارسي ۽ عربي حرفن جي پيچ- گهڙ ڪري ۽ عرب سياحن ۽ البيرونيءَ طرفان ٺاهيل نون حرفن تان نوان نشان ۽ حرف ڪڍي، اهي ئي مقرر ڪياائين. هن (مخدوم ابوالحسن) جي صورتخطيءَ ۾ ڪل حرف هن ريت آهن:

**عربي حرف:**

ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ل م ن و ھ ء ي

**پارسي حرف:**

پ چ گ

**باقي سنڌي آوازن لاءِ ٺاهيل نوان حرف**

| **ابوالحسن جي صورت** | **ابوالحسن کان اڳ ڪم ايندڙ صورت** | **موجوده صورت** |
|---|---|---|
| ٻ | ب | ٻ |
| ڀ | ف | پ |
| ڀ، بھ | بھ | ڀ |
| ٿ، تھ | ت، تر | ٿ |
| ت، تر | ت | ٽ |
| ث | ت، تر | ٺ |
| ف، پھ | ف | ڦ |
| ج | ج | ڄ |
| ج | جھ | جھ |
| ڇ | ش | ڇ |
| نج | نج | ڃ |

---

[105] پ، چ ۽ گ حرفن وارا آواز سنڌيءَ ۾ موجود هئا. صرف انهن جي تحريري صورت لاءِ پارسيءَ جا حرف کنيا ويا.

| | | |
|---|---|---|
| د، دھ | دھ | ڌ |
| د | د | ڏ |
| د، در | د | ڊ |
| ڊ | دھ | ڍ |
| ر | ر | ڙ |
| کھ ڪ | کھ | ڪ |
| ک، کھ | ک | ک |
| گ | کھ | ڳ |
| ڳ | ق/گ | گ |
| گ | گھ | گھ |
| نگ | نگ | ڱ |
| ن | ن | ڻ |

هنن مثالن مان ائين ٿو واضح ٿئي تہ مخدوم صاحب گھڻو ڪري اهي ئي حرف مقرر ڪيا جيڪي اڳيئي رائج هئا.

مخدوم صاحب عربي رسم الخط ۾ سُرن (vowels) لاءِ ڪم ايندڙ سڀ حرف (vowel letters) ۽ اعرابون (diacritical marks) زير، زبر، پيش، جزم ۽ شد ڪم آنديون، جيڪي اڳئي رائج هيون. البت سنڌيءَ جي ڊگھي گھڻي (long-nasal vowel) ۽ ڇوٽي گھُڻي (Short-nasal vowel) سُر کي 'تنوين' جي وسيلي تحريري صورت ڏنائين. مثلاً:

" سيئي سڀ اڏايً ڪَٿُوريً ۽ زَعْفَران جي متي سِن هوليٰ
۽ ٻِيً نُهرٌ اهِينِ جي ڪنآ تِه سِواء "

هن مثال ۾ اڏايً، سِن، ٻيٌ ۽ نهرٌ لفظن ۾ يً، سِن، ۽ رٌ لاءِ موجوده صورتخطيءَ ۾ ئون، سِين ۽ رُون صورتون ڪم آڻيندا آهن.

مخدوم ابوالحسن واري صورتخطي نہ فقط ننڍي ۾ پر سنڌ جي بين

بستين جي مدرسن ۾ بہ تحرير جو وسيلو بڻي. ڪيترن ئي عالمن اسلامي نظرين ۽ اصولن، توڙي سنڌي نظر کي ان وقت، هن ئي خط ۾ لکي، ڪتابن جي صورت ۾ آندو مطلب تہ 1853ع تائين هيءَ رسم الخط ئي ڪم ايندو رهيو[106] پر جيئن تہ سرڪاري طور ڪابہ مقرر صورتخطي ڪانہ هئي، انهيءَ ڪري ڌار ڌار مصنف، ساڳئي سنڌي آواز لاءِ، ڌار ڌار صورتون (graphemes) پيا ڪم آڻيندا هئا. اُهي مصنف جيڪي عربيءَ کان زياده متاثر هئا، سي مخدوم ابوالحسن وارو رسم الخط پيا ڪم آڻيندا هئا، ۽ جيڪي فارسيءَ ڏانهن وڌيڪ مائل هئا، اُهي هيٺيون ڌار ڌار صورتون پيا ڪم آڻيندا هئا:

ٻ لاءِ ٻ ۽ ٻھ
ٽ لاءِ ٽ ۽ ٽھ
ٿ لاءِ ٿ ۽ ٿر
ڇ لاءِ ڇ ۽ ڇھ
ڙ لاءِ ر ۽ ڙ
ڏ لاءِ ذ ۽ د
ڻ لاءِ ن ۽ ڻ
ک لاءِ ک ۽ کھ

**6۔ رسم الخط لاءِ سرڪاري ڪميٽي:**

1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. 1845ع ۾ بمبئيءَ جي بورڊ آف ايڊيوڪيشن، سنڌ ۾ ايڊيوڪيشنل ايجنسيءَ جي ٺاهڻ جو سوال هٿ ۾ ڪنيو. ساڳئي وقت اها تحريڪ بہ هلي رهي هئي تہ سنڌيءَ کي صوبي جي سرڪاري زبان بنائجي. انهيءَ تحريڪ نيٺ مادري زبان (vernacular

---

[106] ميمڻ محمد صديق: 1954ع، سنڌ جي ادبي تاريخ، ڀاڱو پهريون، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد: ص ص 15، 159۔162

(language ۾ تعليم ڏيڻ جو سوال پيدا ڪيو.[107] انگريز عملدارن مان ڪي سنڌي ڳالهائي سگهندا هئا. پر سنڌن عملي مان ڪو به ماڻهو سنڌي لکي پڙهي نٿي سگهيو. ملڪ جو نظام ترجمانن (interpreters) ذريعي هلندو هو ۽ سرڪاري دفتر، پارسي زبان ۾ رکيو ويندو هو.[108]

1848ع ۾ بمبئي صوبي جي گورنر، سر جارج ڪلرڪ، هڪ حڪم نامو ڪڍيو جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي بنايو وڃي. انهيءَ حڪم نامي جا لفظ هي آهن:

"We should introduce the language of the country (namely Scindhee) as the medium of official intercourse. I do not see in what way our revenue and judicial officers (however their offices and courts may be continued) can work effectually through a foreign medium of communication, such as Persian or English. A period of 18 months should, therefore, be allowed to the officers in civil employ to qualify themselves for an examination in the Scindhee language. I believe their doing so will be facilitated by the publication of the dictionary and grammar which I proposed Lieutenant Stack should be allowed to have printed.

The recommendation of the Commissioner that "early measure to education, as in our other provinces," is no doubt judicious, but it were premature to take any measure for farming educational establishments, before our own European administration have obtained a complete knowledge of the country and before we have trained up persons, fitted to impart knowledge in the Vernacular tongue."[109]

1851ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر، سر بارٽل فريئر (Sir Bartle Frere)،

[107] Aitken. E.H. Op. Cit. p. 472
[108] Ibid.
[109] James C. Melvill, 1854, Scinde, A copy of a report of Sir George Clerk, Governor of Bombay,on the Adminstration of Scindhe East India House, 1854, PP. 15. Paras 68 & 69, under the heading: 'Sir George Clerk's minutes on Scindhe'.

هڪ اطلاع نامو ڪڍيو جنهن ۾ سرڪاري عملدارن (Civil officers) کي هدايت ڪيل هئي تہ هو سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن.[110] هن جي فرمان نامي ۾ ڄاڻايل هو:

(الف) آئيندي سڀ سرڪاري لکپڙهہ سنڌيءَ ۾ هلي.

(ب) يورپي ۽ ٻيا پرڏيهي آفيسر، سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن تہ جيئن سنڌي ماڻهن کان پنهنجي سِر حال احوال وٺي سگهن، ۽ سنڌي لکپڙهہ بہ سمجهي نيڪال ڪن.

(ٻ) سنڌي اسڪول کلن.

پر سنڌي ٻوليءَ کي جيستائين ڪا مقرر صورتخطي نہ هئي تيستائين اها سرڪاري لکپڙهہ ۾ ڪم اچي نٿي سگهي، انهيءَ ڪري مسٽر ايلس (Ellis)، اسسٽنٽ ڪمشنر، جي صدارت هيٺ، اٺن مقامي ۽ٖن يورپي ميمبرن تي مشتمل هڪ ڪميٽي مقرر ٿي، انهيءَ ڪميٽيءَ تي هيٺيان ميمبر هئا:

راءِ بهادر نارائڻ جڳنناٿ (N.J.V هاءِ اسڪول ڪراچي، هن جي نالي پٺيان ڪوٺجي ٿو)، خان بهادر مرزا صادق علي بيگ، ديوان پريداس آنندرام رامچنداڻي، ديوان اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي، ديوان ننديرام سيوهاڻي، ميان محمد حيدرآبادي، قاضي غلام علي ٺٽي وارو ميان غلام حسين ٺٽي وارو. انهيءَ ڪميٽيءَ تي هيٺيان ٻہ انگريز عملدار بہ کنيا ويا هئا:[111] ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن ايف. برٽن.

---

[110] Ellis B. H., 1855, Report on Education in Sindh, Education Society press, Bombey, P. 5

[111] ڪميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا خان بهادر محمد صديق ميمڻ، پنهنجي ڪتاب، سنڌي ادب جي تاريخ، ڀاڱي ٻئي ۾ ڏنا آهن، جڏهن تہ ڪن عالمن جو رايو آهي تہ مرزا صادق علي بيگ ان وقت اٺا ورهن سالن جو نوجوان هو. هن راءِ مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ مرزا صاحب هن ڪميٽيءَ جو ميمبر نہ هوندو پر ڪو ٻيو صادق علي هوندو پر اُن جي باري ۾ ڪتان بہ ڪا تصديق ٿي نہ سگهي آهي.

انگريز ميمبر ان لاءِ نامزد ڪيا ويا هئا تہ اهي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪنهن رسم الخط جي مقرريءَ تي پنهنجا مشورا ڏيئي سگهن. هن ڪميٽيءَ جي ميمبرن جا رايا متضاد هئا، جنهن ڪري صورتخطيءَ تي سخت بحث ٿيو. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن، جيڪي لسانيات جا ماهر هئڻ سبب مشوري ڏيڻ لاءِ ڪميٽيءَ تي کنيا ويا هئا، تن ۾ بہ اختلاف ٿي پيو. ڪئپٽن اسٽئڪ جو رايو هو تہ سنڌيءَ لاءِ ديوناگري رسم الخط مقرر ڪيو وڃي. پنهنجيءَ دعويٰ جي دليل ۾ هو پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي گرامر' ۾ بيان ٿو ڪري تہ:

"هن ڪم جي شروع ڪرڻ وقت، اول سوچڻو پيم تہ ديسي لفظ ڪهڙي خط ۾ لکان. پنهنجي انتخاب لاءِ، منهنجي نظر ۾ سنڌي خط رومن خط پارسي خط گرمکي خط ۽ ديوناگري خط هئا.[112] پارسي خط کي انهيءَ ڪري ترڪ ڪيم، جو منهنجي اڳيان 'وادن جو گرامر' (Wathaen's Grammar) ۽ ٻيا سنڌي ڪتاب موجود هئا. پارسي خط مقرر ڪرڻ ڪان اڳ ڪيترن ئي نج سنڌي آوازن لاءِ نئيون صورتون مقرر ڪرڻيون پون ها، جن جا آواز پارسي خط لاءِ انوکي حيثيت رکندڙ هئا. مون محسوس ڪيو تہ اهو خط سنڌين لاءِ بلڪل ائين ٿيندو جيئن رومن خط، جنهن ۾ صورتن جا اضافا ڪجن ها يا تبديليون ڪجن ها، جيڪي پارسيدانن کي جيڪر عجيب لڳن ها.[113]

ڪئپٽن اسٽئڪ انهيءَ ڪري ديوناگري خط اختيار ڪرڻ تي زور

---

[112] Stack, G. A Grammar of Sindhi Language; Op. Cit. Cit P.I
[113] Ibid

ڏنو ۽ اُن لاءِ هيٺيان ٻه دليل ٻه ڏنائين:

(الف) هن خط کان يورپي عملدار بخوبي واقف آهن.

(ب) هيءُ خط سنڌي زبان لاءِ بنيادي خط آهي.

ڪئپٽن اسٽئڪ، ديوناگري حرفن ۾ ڪي نشان گڏي، سنڌي آوازن لاءِ صورتون به مقرر ڪيون هيون.

ٻئي طرف ڪئپٽن برٽن زور آندو ته سنڌي زبان لاءِ عربي سنڌي خط ئي زياده موزون ٿيندو.[114] پنهنجيءَ دعوي جي دليل ۾ هو لکي ٿو ته: "سنڌي زبان جي لکڻ لاءِ ديوناگري توڙي ٻيا ڪيترائي خط چونه هجن، پر اُهي سڀ انهن جي موجوده صورت جي ڪري بيڪار آهن."[115] هن، ان لاءِ هيٺيان سبب ڄاڻايا آهن:

(1) ديوناگري خط يقيناً عالماڻو خط آهي، انهيءَ ڪري هيءُ خط لغت، گرامر ۽ اهڙن ٻين ڪمن لاءِ بهتر ٿيندو جيڪي غيرسنڌين (Europeans) کي سنڌي زبان سيکارڻ جي مراد سان لکيا ويا هجن؛ پر، ساڳئي وقت، ديوناگري خط ۾ ڪيتريون اوڻايون به آهن. گهڻ ۾ گهڻ اهڙا ويهه حرف آهن جن کي اعرابن (diacritical marks) ڏيڻ جي ضرورت ٿيندي، جيئن مختلف آوازن جي حرفن[116] کي ڌار ڌار سمجهي سگهجي. ازان سواءِ هيءُ خط دفتري ڪاروبار لاءِ گهڻي قدر ڏکيو ثابت ٿيندو. انهيءَ کان سواءِ ماڻهو هيءُ خط آسانيءَ سان لکي به نه سگهندا، ڇو جو هي بلڪل غيرمانوس خط آهي.

---

[114] Burton, R.F., Sind and races that inhabit the Valley of River Indus, Op. Cit., P. 147

[115] Ibid

[116] سنڌي عالمن، آوازن ۽ حرفن کي هڪ ڪري لکيو آهي، ۽ اُنهن ۾ فرق نه سمجهيو آهي. دراصل حرف يا اکر (grapheme)، آواز (sound) جي لکيل صورت (symbol) کي چئبو آهي.

(2) خداوادي (خدا آبادي) خط لاءِ ڪيل سفارش جي مخالفت ۾ برٽن صاحب دليل ڏيندي لکيو آهي تہ حالانڪ هيءَ خط هندن جي بااثر حلقي ۾، يعني واپارين ۾، عام طور استعمال ٿئي ٿو پر ان جي موجوده صورت عام فهم نہ آهي.

(3) گرمکي خط لاءِ لکي ٿو تہ جيتوڻيڪ گرمکي خط ديوناگريءَ جو هڪ آسان نمونو آهي، پر اهو پنجابيءَ لاءِ ئي موزون آهي، پر سنڌيءَ لاءِ موزون ٿي نٿو سگهي. هن خط جي مقرر ڪرڻ لاءِ، ديوناگريءَ وانگر، حرفن ۾ گهٽيون ئي تبديليون آڻيون پونديون.

(4) ڪئپٽن برٽن، ڪميٽيءَ تي زور آندو تہ عربيءَ جو نَسخ رسم الخط[117] سنڌ جي حالتن جي لحاظ کان نهايت ئي موزون ٿيندو. هن خط جي خوبي ان مان ئي ظاهر آهي تہ الجيريا کان وٺي گنگانديءَ تائين، بخارا کان سلون تائين، هيءَ خط پکڙيل آهي. صدين تائين هن خط کي آزمايو ويو آهي، ۽ ٿوريءَ ڦيرگهير سان مختلف زبانن لاءِ ڪارگر سمجهيو ويو آهي. هن خط جي خاص خوبي هيءَ بہ آهي جو ٿوريءَ ئي تبديليءَ سان، هندستان (برصغير هند _ پاڪ) جي مورڌني (cerebrals)، ايران جي روان (liquids) ۽ عربستان جي نڙيءَ وارن (gutturals) آوازن لاءِ عربي رسم الخط جون صورتون مقرر ڪيون ويون آهن. هن

---

[117] ڪئپٽن برٽن جي راءِ موجب، سنڌي ماڻهو ڪتابت جي هنر ۾ مشهور رهيا آهن. هو لکي ٿو تہ "موجوده وقت سنڌ ۾ ٽي عربي خط عام آهي: نسخ خط نستعليق خط يا چٽا اکر (Plain writing) ۽ شڪستہ خط (broken writing). مون نسخ خط جا بهترين نمونا ڏٺا آهن. منهنجي خيال ۾ نسخ خط سنڌ ۾ بهترين نموني لکيو وڃي ٿو." ڏسو:

Burton, R. F., Sind and races that inhabit the Valley of River Indus Op. Cit. P. 147

خط کي ايشيا جو اعليٰ ترين (par excellence) رسم الخط چئي سگهجي ٿو.

نَسخ خط جي سفارش لاءِ، ڪئپٽن برٽن، ڪميٽيءَ اڳيان وڌيڪ هيٺيان دليل پيش ڪيا:

(1) سنڌ جو سمورو علم ادب، قديم زماني کان وٺي هن ئي رسم الخط ۾ مِلي ٿو.

(2) سيئي پڙهيل مسلمان هيءَ رسم الخط پڙهي سگهن ٿا، ۽ منجهانئن اڪثر لکي به سگهن ٿا.

(3) جيتوڻيڪ هندو عامل هيءَ رسم الخط پڙهي نٿا سگهن، پر اها تسليم شده حقيقت آهي ته سنڌي عامل، نستعليق خط (پارسي خط) مان چڱيءَ طرح واقف آهن، تنهن ڪري هيءَ خط انهن لاءِ به مشڪل نه ٿيندو.

**7_ ايلس واري صورتخطي:**

بنهي انگريز عملدارن (ڪميٽيءَ جي ميمبرن) جي راين ۾ اختلاف جو نتيجو هيءُ نڪتو جو حڪومت ڪنهن به هڪ رسم الخط جي مقرر ڪرڻ لاءِ ڪوبه قدم کڻي نه سگهي. وقت جا عملدار منجهي پيا، ۽ 1853ع تائين سرڪاري طور سنڌيءَ ۾ هڪ به ڪتاب ڇپجي نه سگهيو. انهيءَ وچ ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ، ديوناگري لپيءَ ۾ پنهنجون انگريزي ۽ سنڌي ڊڪشنريون ۽ گرامر ڇپائي، سنڌي زبان جي شاگردن لاءِ لکڻ جون سهولتون مهيا ڪيون، پر مسٽر ايلس (Ellis)، اسسٽنٽ ڪمشنر، ۽ رسم الخط ڪميٽيءَ جي صدر، پنهنجيءَ رپورٽ ۾ ڄاڻايو ته: "منهنجي خيال موجب اهي ڪتاب سنڌين جي نظر ۾ سنڌي نه آهن، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ جيڪا صورتخطي (ديوناگري) ڪم آندي وئي آهي، سا ڪن ٿورن ماڻهن کان سواءِ، اڪثريت وٽ ڄاتل

سجاتل ڪانهي.“[118]

گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ، ايلس هن مسئلي جو حل ڪڍيو ۽ فيصلو ڪيائين تہ سنڌي زبان لاءِ عربي- سنڌي صورتخطي اختيار ڪئي وڃي. هن اهڙي قسم جي هڪ رپورٽ سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر کي موڪلي ڏني.[119] پنهنجيءَ راءِ لاءِ هن هيٺيان سبب ڄاڻايا:

(1) ڏار ڏار صورتخطين لاءِ گهُر- هڪ هندن لاءِ ۽ ٻي مسلمانن لاءِ- بلڪل ائين آهي، جيئن هندستان جي اتر- اولهہ علائقي ۾ هنديءَ ۽ اردوءَ لاءِ. اهڙي قسم جو حل ممڪن آهي تہ سنڌ جي ٻنهي قومن يعني هندن ۽ مسلمانن کي خوش ڪري، ۽ ائين ڪرڻ سان اسين شايد ٻنهي وڪيلن (ڪئپٽن اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن) جي ضد کي پورو ڪري سگهون. هيءَ فيصلو شايد ثابت ڪري تہ ڪئپٽن اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن ٻئي بلڪل درست هئا، پر ’خداوادي خط‘ ۾ ايترا ڪتاب نہ لکيا ويا آهن، ۽ نہ ئي وري انهيءَ خط کي فني لحاظ سان سڌاريو ويو آهي، جو اهو عام استعمال لاءِ ڪم اچي سگهي. هن خط ۾ جيڪي تبديليون ضروري آهن سي عربي خط جي مقابلي ۾ وڌيڪ آهن.

(2) هندو- سنڌي، اسڪولن جي پوئتي پيل حالت ۽ اُستادن جي پاڙهڻ جو عجيب طريقو ڏسي، اهو محسوس ڪيو ويو آهي تہ مسلمانن جي مقابلي ۾ هندن جو توجهہ علم جي تحصيل ڏانهن گهڻو گهٽ آهي.

(3) جيڪڏهن سنڌي زبان لاءِ خداوادي خط اختيار ڪيو ويو تہ مسلمان ٻار پنهنجا اسلامي نالا درست لکي نہ سگهندا. اهڙي

---

[118] Ellis, B.H..1855, Report on the Education in Sind. Bombay. P.8
[119] Ellis. B.H, Op. Cit. P.8

قسم جي رسم الخط کي هو هرگز قبول نہ ڪندا.

(4) پارسي زبان جنهن خط ۾ لکي ويجي ٿي سو هوبهو عربي- سنڌي خط جهڙو آهي. پارسي جيئن تہ سرڪاري دفتري زبان رهي آهي، تنهن ڪري ڪوبہ سنڌي عملدار هندو خواهہ مسلمان، عربي- سنڌي خط سکڻ ۾ گھڻا ڏينهن نہ لڳائيندو.

(5) سنڌيءَ جا اهڙا ڪيترائي ڪتاب آهن، جيڪي عربي- سنڌي خط ۾ لکيل آهن. انهيءَ خط ۾ ڪن آوازن جي صورتن لاءِ عربي رسم الخط جي صورتن کي نقطا ڏيئي، سنڌي آوازن لاءِ نيون صورتون قائم ڪيون ويون آهن.

(6) سنڌ ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي، جيئن مسلمانن جي مقابلي ۾ هڪ هندو آهي. انهن سببن ڪري عربي- سنڌي رسم الخط جنهن لاءِ مسلمانن شروع کان گھُر ڪئي آهي، سو سنڌيءَ لاءِ سرڪاري طور قبول ڪيو وڃي.

1853ع ۾ سر بارٽل فريئر جي سفارش تي، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن فيصلو ڪيو تہ عربي- سنڌي رسم الخط کي آزمائش طور اختيار ڪيو وڃي.[120]

**8_ ايلس جي ٺاهيل صورتخطيءَ جون خصوصيتون:**

ايلس صاحب گھڻيءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان، سنڌي ماهرن تي مشتمل ڪميٽيءَ جي مدد سان، سنڌي زبان لاءِ صورتخطي مقرر ڪئي. مٿي بيان ڪيل نج سنڌي آوازن جون صورتون عربي ۽ پارسي رسم الخطن مان مخدوم ابوالحسن ورتيون هيون، سي قائم رکيائين.[121] باقي رهيل نج

[120] Aitken, E.H., Op. Cit. P. 472

[121] ب، ت، ج، د، ر، س، ش، ڪ، ل، م، ن، و، ه ۽ يہ توڙي پ، چ ۽ گ صورتون، نج سنڌي آوازن جون لکيل صورتون آهن. ڏسو ص 98

سنڌي آوازن لاءِ عربي حرفن ۾ ڦيرگهير ڪري يا انهن کي زائد نقطا ڏيئي يا ڪي نوان نشان بنائي، سنڌيءَ لاءِ موزون صورتخطي مقرر ڪيائين. مخدوم ابوالحسن واري اڳوڻي صورتخطي، جيڪا سنڌ ۾ عام طور ڪم آندي ٿي ويئي، ايلس اُن کي بنيادي صورتخطيءَ طور ڪم آڻي، انهيءَ رسم الخط جي آڌار تي ئي هن پنهنجي صورتخطي ٺاهي.[122] هن عربيءَ جا 28 ئي حرف، ۽ پارسيءَ جا 3 حرف ان ۾ شامل ڪيا، جيئن مخدوم ابوالحسن ڪيو هو. پارسيءَ جي ٽنهي حرفن وارا آواز سنڌيءَ ۾ موجود هئا. صرف صورتون پارسي خط جون استعمال ڪيون ويون، ڇاڪاڻ جو اهي صورتون عربي رسم الخط ۾ موجود نہ هيون. عربيءَ جي 28 صورتن مان ڪن جا آواز تہ سنڌي زبان جا پنهنجا آواز هئا، باقي جيڪي نج عربي صورتون سنڌي رسم الخط ۾ شامل ڪيون ويون هيون، تن جو اڳئين صفحي ۾ ۽ 108 صفحي تي هيٺ حاشيءَ ۾ تفصيل ڏنو ويو آهي. اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ عربي ۽ پارسي صورتن ۾ نج سنڌي آوازن مان ڪن جون صورتون اچي ويون هيون، ڇاڪاڻ تہ اُهي آواز عربي يا پارسيءَ ۾ موجود هئا، باقي اُهي آواز جيڪي عربي يا پارسيءَ ۾ موجود نہ هئا، اُهي ڪل ويهہ (ڪن وسرگن کان سواءِ) هئا، جن لاءِ مخدوم ابوالحسن وارن سنڌي حرفن ۾ تبديليون ڪري، نوان حرف يا هڪ حرف مقرر ڪيائين، جيڪي هن ريت آهن:

| ايلس | ابوالحسن |
| --- | --- |
| ٻ | ب |
| ڀ | ٻ، ڀھ |
| ٽ | ٽ، تھ |

---

[122] عربي آواز جيڪي سنڌي صوتيات جي صورت ولي چڪا آهن، انهن جون صورتون ساڳيون رکيائين. انهن آوازن واريون صورتون آهن: خ، غ، ف، ز ۽ ق (ڏسو ص 100). ث، ح، ع، ذ، ص، ض، ط ۽ ظ صورتن وارا آواز ڪوبہ سنڌي پڙهيل خواهہ اڻپڙهيل اُچاري نٿو سگهي. اهي صرف لکت ۾ ڪم اچن ٿا.

| | |
|---|---|
| ت، تر | ٽ |
| ث، ٿھ | ٺ |
| ف، پھ | ڦ |
| ج | ڄ |
| ج | جھ |
| نج | ڃ |
| چھ | ڇ |
| د، دھ | ڌ |
| ذ | ڏ |
| د، در | ڊ |
| ڊ | ڍ |
| ر | ڙ |
| ک، کھ | ک |
| گ | ڳ |
| گ | گھ |
| نگ | ڱ |
| ن | ڻ |

حاصل مطلب تہ ايلس، سنڌي صورتخطيءَ کي جيڪو نئون 'روپ' ڏنو سو اڄ ڏينهن تائين ڪم اچي رهيو آهي. هيءَ صورتخطي 52 حرفن تي مشتمل آهي.[123] عربيءَ وارو 'ء' بہ جيتوڻيڪ سنڌي صورتخطيءَ ۾ وينجن

[123] سنڌي صوتيات جي اصول موجب، سنڌيءَ ۾ وسرگ آواز ايلس جي مٿي ڄاڻايل آوازن کان زياده آهن، پر صورتخطيءَ ناهڻ وقت ڪن وسرگ آوازن جون صورتون الائجي ڪهڙي سبب نظرانداز ڪيون ويون. اُهي ڇڏي ڏنل آواز هي آهن:

[مھ] ٻن چپن وارو وسرگ گهڻو وينجن (bilabial aspirated nasal)

[نھ] ٻهارن وارو وسرگ گهڻو وينجن (alveolar aspirated nasal)

2_ پارسي[127] ۽ اردوءَ[128] وانگر سيني حرفن جا ڏار ڏار چار روپ (Shapes)_ ابتدائي يا مُنڍ وارو (initial)، وچيون (medial)، آخري (final) ۽ سالم (independent) آهن. جن جو مدار لفظ ۾ ير واري حرف سان ڳنڍجڻ يا نه ڳنڍجڻ تي آهي. مثلاً:

| سالم | مُنڍ وارو | وچيون | آخري |
|---|---|---|---|
| ا | ا | _ | ـا |
| ب | بـ | ـبـ | ـب |
| ٻ | ٻـ | ـٻـ | ـٻ |
| ڀ | ڀـ | ـڀـ | ـڀ |
| ت | تـ | ـتـ | ـت |
| ٿ | ٿـ | ـٿـ | ـٿ |
| ٽ | ٽـ | ـٽـ | ـٽ |
| پ | پـ | ـپـ | ـپ |
| ڦ | ڦـ | ـڦـ | ـڦ |
| ج | جـ | ـجـ | ـج |
| جھ | جھـ | ـجھـ | ـجھ |
| د | د | _ | ـد |
| ر | ر | _ | ـر |
| س | سـ | ـسـ | ـس |
| ص | صـ | ـصـ | ـص |
| ط | طـ | ـطـ | ـط |
| ع | عـ | ـعـ | ـع |

---

127 Paper, H. H., 1955, The Writing System of Modern Persian, American Council for Learned Societies, Washington: P.2

128 William Bright, Urdu Writing System, Ibid, P.2

| | | | |
|---|---|---|---|
| غ | غـ | ـغـ | ـغ |
| ف | فـ | ـفـ | ـف |
| ڪ | ڪـ | ـڪـ | ـڪ |
| ک | کـ | ـکـ | ـک |
| گ | گـ | ـگـ | ـگ |
| ل | لـ | ـلـ | ـل |
| م | مـ | ـمـ | ـم |
| ن | نـ | ـنـ | ـن |
| ڻ | ڻـ | ـڻـ | ـڻ |
| ھ | ھـ | ـھـ | ـھ |
| ي | يـ | ـيـ | ـي |

3ـ ا، د، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ذ، ر، ڙ، ز، ۽ و ڪنهن به لفظ ۾ پوئين حرف سان ملايا نه ويندا آهن. اهي حرف اڳئين حرف سان ڳنڍجي سگهجن ٿا. بشرطيڪ، اڳيون حرف به ڳنڍيندڙ هجي. مثال طور:

اُپ الف پوئين حرف سان مليل نه آهي.

اُس الف پوئين حرف سان مليل نه آهي.

پاسو ايضاً

رات ر ۽ ا پهرئين يا پوئين حرف سان ملائبا نه آهن.

رَسَڻ ر پوئين حرف سان ملائبو نه آهي.

ڪرت ايضاً

دري د ۽ ر اڳئين ۽ پوئين حرف سان مليل نه آهن.

رُڏَل ر ۽ ڏ اڳ ۾ آيل يا پوئين حرف سان ملائبا نه آهن.

ٻُڌ ڌ پهرئين حرف سان مليل آهي.

چوڻ و پوئين حرف سان مليل نه آهي.

هيٺ ڏنل لفظن ۾ حرف، ڪنهن بہ روپ ۾ هڪٻئي سان بہ ڳنڍجي نٿا سگهن. مثلاً:

| | |
|---|---|
| واڍو | ڍور |
| دوا | رِڍ |
| ڌار | آڌ |
| واڙ | زَور |

(4) ڪن حرفن جي بنيادي صورت هڪ ئي آهي، پر ڌار ڌار آوازن جي ٺاهڻ لاءِ، اُن هڪ ئي صورت ۾ نقطن جي گهٽ وڌ ترتيب سان، ڌار ڌار صورتون ٺاهيون ويون آهن. مثلاً:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ب | (ب) | هيٺان هڪ نقطو | (.) | [ب] | (ڳرو اوسرگ ٻن چپن وارو ڌوڪڙو آواز) |
| ٻ | (ٻ) | هيٺان اُڀا ٻہ نقطا | (:) | [ٻ] | (ڳرو ٻن چپن وارو چوسڙو آواز) |
| ڀ | (ڀ) | هيٺان چار نقطا | (::) | [ڀ] | (ڳرو وسرگ ٻن چپن وارو ڌوڪڙو آواز) |
| ت | (ت) | مٿان ٻہ پاسيرا نقطا | (..) | [ت] | (هلڪو اوسرگ ڏندن وارو ڌوڪڙو آواز |
| ٿ | (ٿ) | مٿان چار نقطا | (::) | [ٿ] | (هلڪو وسرگ ڏندن وارو ڌوڪڙو آواز) |
| ٽ | (ٽ) | مٿان ٽي نقطا | (∵) | [ٽ] | (هلڪو اوسرگ مورڌني ڌوڪڙو آواز) |
| ٺ | (ٺ) | مٿان ٻہ اُڀا نقطا | (:) | [ٺ] | (هلڪو وسرگ مورڌني ڌوڪڙو آواز) |
| پ | (پ) | هيٺان ٽي | (∵) | [پ] | (هلڪو اوسرگ ٻن چپن وارو |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | نقطا | | | ڏوڪڙو آواز) |
| ج | (ح) | وچ ۾ هڪ نقطو | (.) | [ج] | (ڳرو اوسرگ سخت تارونءَ وارو ڏوڪڙو آواز) |
| ڄ | (ح) | وچ ۾ ٻه اُڀا نقطا | (:) | [ڄ] | (ڳرو سخت تارونءَ وارو چوسڙو آواز) |
| ڃ | (ح) | وچ ۾ ٻه نقطا | (..) | [ڃ] | (ڳرو سخت تارونءَ وارو گهڙو آواز) |
| ڇ | (ح) | وچ ۾ چار نقطا | (::) | [ڇ] | (هلڪو وسرگ سخت تارونءَ وارو ڏوڪڙو آواز) |
| د | (د) | نقطن کان سواءِ | (ــ) | [د] | (ڳرو آوسرگر ڏندن وارو ڏوڪڙو آواز) |
| ڏ | (د) | مٿان ٻه پاسيرا نقطا | (..) | [ڏ] | ڳرو وسرگ مورڏني ڏوڪڙو آواز) |
| ڎ | (د) | مٿان ٽي نقطا | (∴) | [ڎ] | ڳرو مورڏني چوسڙ وارو آواز |
| ڊ | (د) | هيٺان هڪ نقطو | (.) | [ڊ] | ڳرو اوسرگ موڏني ڏوڪڙو آواز) |
| ڍ | (د) | هيٺان ٻه پاسيرا نقطا | (..) | [ڍ] | (ڳرو وسرگ مورڏني ڏوڪڙو آواز) |
| ڳ | (گ) | هيٺان ٻه اُڀا نقطا | (:) | [ڳ] | (ڳرو نرم تارونءَ وارو چوسڙو آواز) |
| ڱ | (گ) | مٿان ٻه پاسيرا نقطا | (..) | [ڱ] | (ڳرو نرم تارونءَ وارو گهڙو آواز) |

**سنڌي ٻوليءَ جا سُر:**

آ آ اِ اِي اُ اوُ اي ايَ او اوَ

انهن سرن يعني حرف علتن جا ڌار ڌار روپ ـ يعني ابتدائي (مُنڍ

---

سرن جو ظاهر ظهور استعمال نٿو ٿئي، يعني ته ڇوتا سُر ڪيترن ئي لفظن جي لکيل صورتن ۾ استعمال نٿا ڪجن. ليڪن ان ڪري ائين ڪونه چئبو ته ڪو لفظن ۾ سر آهن ئي ڪونه. يعني ته اهي لفظ وينجنن جا ميڙ آهن.

ياد رهي ته ڪوبه لفظ، سواءِ ڪنهن سُرجي هرگز ٺهي نٿو سگهي، لفظ جي سٽاء ۾ سر جو هجڻ نهايت ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته سر ئي وينجن کي حرڪت ۾ آڻي ٿو. ڊاڪٽر صاحب پاڻ، جويي صاحب سان گڏ، جيڪو ڪتاب (سنڌي پرائمر) ايڊٽ ڪيو آهي اُن ۾ به هنن لفظن جهڙوڪ: مک (سنڌي پرائمر ص 4)، ڪُڪڙ (سنڌي پرائمر ص 24)، ته (سنڌي پرائمر ص 5)، نَہ (سنڌي پرائمري ص 10)، تي زيرون، زبرون ۽ پيش ڏنا آهن، تڏهن اهي ڇا آهن؟ اَهي ڇوٽن سرن جون لکيل صورتون ۽ نشانيون نه آهن ڇا؟ خود ڇچنامي (ڊاڪٽر صاحب ڇچنامي جو تصحح ڪيل آهي) ۾ ڏنل ديسي لفظن ۾، اٺ سنڌي حرف علت ته ملن ٿا، جيڪي ڊاڪٽر صاحب جن جي ڪتاب ۾ موجود آهن.

ڏسو: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص 21، مثلاً:

(اَ) سر نَڪرِ جَتَ، سَمر (سما) ۽ سَهتہ (سَهتا) لفظن ۾

(آ) سُر لاڪا، پاٽيہ (پاٽيا) ۽ ڏاهر لفظن ۾

(اِ) سُر وِڪِيو، ڇَنڊِ ۽ جِهم لفظن ۾

(اي) ساوَندي ۽ جَلَوالِي لفظن ۾.

(اُ) سُر نَڪرَ ڇنڊُ ۽ ڪُنب لفظن ۾

(اُو) سُر لوُهانہ (لوهاڻو) لفظ ۾

(اي) سُر بيٽ، لفظ ۾

(او) سُر وِڪيو موڪو ۽ ڪاڪو لفظن ۾

۾ /يَ/، [اِ] جي استعمال سان تحرڪ ڪري ٿي.

3ـ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻن ٻين ڊگهن سرن، [اَي] ۽ [اِي] جي تحريري صورت، 'ي' حرف جي مدد سان ظاهر ڪئي ويندي آهي. انهيءَ حرف مان ائين سمجهڻ نہ گهرجي تہ [ي] آواز ڪو سر آهي. 'ايـ' يا 'ايِ'، ٻنهي ڊگهن سرن جي ابتدائي روپ جون لکيل صورتون آهن، پر وچئين ۽ آخري سرن جي حالت ۾ 'يـ' جي اڳيان 'ا' لکڻ جي ضرورت ڪانہ ٿيندي آهي. مثلاً:

| | |
|---|---|
| پِيرُ | پـ + يِـ + رُ |
| پيرُ | پـ + يـ + رُ |
| چَرِي | چـ + ـر + يِ |
| چري | چـ + ـر + ي |

4ـ سنڌي ٻوليءَ جا ڇوٽا سر، ڊگهن سرن وانگر، جڏهن بہ ڪنهن لفظ جي مُنڍ ۾ ايندا آهن، تڏهن 'ا' جي مدد سان ظاهر ڪيا آهن، مثلاً اَٿو اُٺ، اِٽي، پر جڏهن لفظن جي وچ يا پڇاڙيءَ ۾ ايندا آهن. تڏهن 'زبر، زير ۽ پيش' ذريعي تحريري صورت وٺندا آهن. جيئن:

| | | |
|---|---|---|
| پَلو | پ مٿان زبر، | ڇوٽي سر (اَ) جي صورت آهي. |
| پِتو | پ هيٺان زير، | ڇوٽي سر (اِ) جي صورت آهي. |
| پُٺُ | پ مٿان پيش، | ڇوٽي سر (اُ) جي صورت آهي. |

مٿين سيني سرن جي هِجي هيٺئين نموني ڪئي ويندي آهي:

| ويـنجن سُر | هِجي |
|---|---|
| بَ | بي زبر بَ |
| با | بي، الف با[131] |

[131] سنڌي ڪتابن ۾ 'با' جي بدران 'بَا' هوندو آهي، يعني 'ب' مٿان زبر، ۽ پوءِ ڊگهي سُر جي آخري صورت 'ا' شامل ڪئي ويندي آهي. ٻارن کي هِجي سيکاري ويندي آهي: ب الف زبر با. مٿي چيل

| | |
|---|---|
| بِ | بي زير بِ |
| بِي | بي يي زير بِي |
| بُ | بي پيش بُ |
| بُو | بي وا پيش بُو |
| بي | بي يي بي |
| بِي | بي يي زير بِي |
| بو | بي وا بو |
| بَو | بي وا زير بَو[132] |

## 11_ شد

ساڳئي وينجن جي ٻٽي آواز کي تشديد (gemination) چئبو آهي. اهڙي ٻٽي آواز مٿان شد جو نشان (ـّ) ڏنو ويندو آهي. هيءَ نشان صوتيات جي ڄاڻن جي رهبري ڪري ٿو ته جنهن حرف مٿان شد جو نشان ڏنل هجي اُن جو اُچار ٻٽو ڪبو آهي. مثلاً: عربي لفظ نقاشُ ۽ ستار.

مٿين لفظن ۾ 'ق' ۽ 'ت' حرفن مٿان شد ڏنل آهي، جنهن جي مراد آهي ته انهن حرفن وارا آواز 'ٻٽا' (geminated) ڪبا آهن. سنڌي صورتخطيءَ ۾ سواءِ عربي لفظن جي، شد جو نشان نہ ڏبو آهي، موجوده زماني ۾ ڇپيل ڪتابن ۾ ڪن سنڌي لفظن ۾ حرفن تي شد ڏني وئي آهي، پر ڪن لفظن ۾ شد جو استعمال ڏيکاري ٿو ته ڪتاب لکندڙن کي، سنڌي صوتياتي قانونن

---

آهي ته سنڌيءَ ۾ 'زير' ۽ 'ا' ڌار ڌار سرن جون صورتون آهن. انهيءَ لحاظ سان چئبو ته 'ٻا' ۾ ٻہ سُر ٿيا: هڪ ـَ (زير) ۽ ٻيو آ. صوتيات جي اصول موجب (ٻا) مٿان 'زير' ڏيڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي، ۽ صرف 'ٻا' ئي موزون آهي ڇاڪاڻ ته وسرگ آوازن جي صورت ۾ 'زير' غلط فهمي پيدا ڪندي آهي. مثلاً: 'ڄَها' ۾ 'زير' منجهائيندڙ آهي، انهيءَ ڪري 'ڄها' لکڻ درست آهي.

[132] سنڌي ڪتابن ۾ 'بوَ' جي بدران 'بوْ' لکيل آهي يعني بَ ۾ جزم جو استعمال زائد آهي. (وڌيڪ ڏسو جزم جي بيان ۾ ص 121 ۽ 144 کان 152 تائين)

موجب شد جي ڪم آڻڻ جي، يعني ٻٽن آوازن جي نظام جي ڪاٻه خبر ڪانهي.[133]

**12 ـ جزم:**

ڪنهن ٻه وينجن جي لکيل صورت يعني حرف مٿان، جزم ( ^ ) ڏيڻ مان مراد هيءَ هوندي آهي تہ اهو حرف ساڪن آهي، يعني انهيءَ حرف وارو آواز بغير سر (vowelless) جي آهي. جزم، ٻن ڏار ڏار آواز وارن وينجنن جي 'ميڙ' (cluster of two consonants) جي لکيل صورت ڏيکارڻ لاءِ، ساڪن آواز مٿان ڏبي آهي، مثلاً:

| سنڌي لکيل صورت | عربي لکيل صورت |
|---|---|
| عِلْمُ | عِلم |
| جِسْمُ | جِسم |
| صَدْرُ | صَدر |

مٿي لکيل عربي لفظن ۾ 'ل'، 'س' ۽ 'د' مٿان ڏنل جزم ڏيکاري ٿي تہ انهن صورتن وارا آواز ساڪن (vowelless) آهن، ۽ پر واري پوئين آواز (second component of the cluster) سان شامل ٿي متحرڪ ٿين ٿا.

**13 ـ تنوين:**

(i) ٻن زبرن، ٻن زيرن ۽ ٻن پيشن واري نشان ( ً، ٍ ۽ ٌ ) کي تنوين چئبو آهي، اهو نشان ڪن ظرفن ۾ 'الف' مٿان ڏنو ويندو آهي. مثلاً: قريباً، فوراً ۽ حقيقتاً.

(ii) مخدوم ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ ۽ ڪانئس پوءِ ايلس واريءَ عربي- سنڌيءَ صورتخطيءَ ۾ 'ً'، 'ٍ' ۽ 'ٌ'[134] نشان، ڪن

---

[133] ڏسو صفحي 158 تي شد جي بيان ۾.

[134] سنڌيءَ ۾ (ٌ) کي عربيءَ وانگر 'اُن' ڪري ڪونہ اُچاريندا آهن. پر ڏکهي گهڻي ٽڙ (اوڻ) لاءِ ڪم آڻيندا آهن، مثلاً: آءٌ.

لفظن ۾ سر جي آخري روپ، يعني ڇوٽي يا ڏگهي گهٽي، آخري سر [اَن]،[اِين]،[اين]، ۽ [اُون] لاءِ ڪم آندا ويا آهن.
هيٺ هاٺوڪي صورتخطيءَ جا ڪي مثال پيش لاءِ ڏجن ٿا:

(i) **آخري ڇوٽو گهٽو سر [اَن]** (final short nasal vowel)

| **ايلس** | **هاٺوڪي صورت** |
| --- | --- |
| ڀارهنَ | ڀارهَن |
| ٻارهنَ | ٻارهَن |

(ii) **آخري ڏگهو گهٽو سر [اِين]** (final long nasal vowel)

| **ايلس** | **هاٺوڪي صورت** |
| --- | --- |
| سداءِ | سدائِين |
| اسِ | آسِين |
| آهِ | آهِين |

(iii) **آخري ڏگهو گهٽو سر [اِين]** (final nasal long vowel

| **ايلس** | **هاٺوڪي صورت** |
| --- | --- |
| ۾ | ۾ |
| توسِ | توسين |

(iv) **آخري ڏگهو گهٽو سر [اُون]** Final nasal long vowel

| **ايلس** | **هاٺوڪي صورت** |
| --- | --- |
| آڪيُ | آڪِيُون |
| ڏواءُ | ڏوائُون |
| ڀياسُ | ڀياسُوَن |

**14۔ همزو:**

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو تہ سنڌي الف ـ ب جي تختيءَ ۾ 'ء' کي وينجن طور شامل ڪيو ويو آهي، پر اڄ ڏينهن تائين همزي جي درست استعمال کي سمجهيو ئي نہ ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هرهڪ ڄاڻوءَ کي اها

(diphthongs) جهڙوڪ: 'اَيَ' ۽ 'اَوَ' جي بدران 'يَ' ۽ 'وَ' بہ لکيا ويندا آهن. مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| پَيسو | جي بدران | پئسو |
| چوَ | جي بدران | چؤ |

2_ مٿين مثالن ذريعي اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ ٻن سرن جي جوڙ ۾ پوئين سر جي آواز کي، همزي جي روپ ۾، تحريري صورت ڏني ويندي آهي، پر هيٺ ڄاڻايل لفظن ۾ سرن جي جوڙ جو ٻيو جز (second component)، مٿين لفظن وانگر، همزي جي صورت ۾ ظاهر نہ ڪيو ويو آهي، پر 'ٻئي جز' جون ڌار ڌار صورتون مقرر ڪيون ويون آهن. مثلاً:

| اُچار | لکيل صورت |
|---|---|
| جوُئارِي | جُواري |
| هوُئا | هُوا يا هُئا |
| ڪوُئا | ڪُئا |
| وَئيل | وَيل |

انهن مثالن ۾ 'و' حرف، نيم_ سُر طور ڪم آندو ويو آهي.

## 15_ گهڻا سر:

1_ مٿي 'تنوين' جو بيان ڪندي اُهو ذڪر ڪيو ويو آهي تہ مسٽر ايلس پنهنجيءَ صورتخطيءَ ۾ مخدوم ابوالحسن واري طريقي کي جاري رکيو ۽ لفظن جي آخر ۾ آيل 'گهڻن سرن' کي، تنوين جي مدد سان تحريري صورت ۾ آندائين، پر لفظن جي وچ وارن گهڻن سرن کي تنوين جي مدد سان تحريري صورت ڪانہ ڏنائين. اهڙيءَ حالت ۾ سرن جي پٺيان 'ن' حرف ملائي، سر جي 'گهڻي خاصيت' لکت ۾ ظاهر ڪيائين. اهڙيءَ طرح گهڻي سر ڏيکاريندڙ 'ن' کي 'نون غنو' يا 'گهڻو نون' چيو ويو.

2_ هيءَ ڳالهہ بہ قابل ذڪر آهي تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾ وينجن [ن]

۾ سر واري گهٽي خاصيت کي ظاهر ڪندڙ حرف 'ن' ۾ لکت ڪوبہ فرق ڏيکاريل نہ آهي.[135] مثلاً:

| گهٽي نون کي ظاهر ڪندڙ 'ن' | [ن] وينجن جو استعمال |
|---|---|
| مَنجو | مَنِجو |
| ڪائين | ڪائِين |
| ڪانڊيرو | ڪانيرو |
| ڄنڊ | ڄِنڙي |

مٿين لفظن ۾ 'گهٽي نون' وارن مثالن هيٺ 'ن'، سرن جي گهٽائڻ جي نشاني آهي. ايلس جي اصول موجب گهٽن سرن جي 'هِجي' هيٺ ڏجي ٿي:

مَنجو: ميم نون زير[136] مَن، جيم وا جو... مَنجو

ڪائين: کي الف ڪا، همزويي نون زيرِ اين... ڪائين

ڪانڊيرو: ڪاف الف نون ڪان، ڊي يي ڊي، ري وا، رو.... ڪانڊيرو

ڄنڊ: جيم نون زير ڄِن، دال زير ڊِ... ڄِنڊِ

3ـ ڪابي طرف وارن مثالن ۾ [ن] گهٽو وينجن آهي، اهڙن گهٽن وينجنن جي هجي هيٺينءَ ريت ڪئي ويندي آهي:

مَنِجو: ميم زبر مَ نون زير نِ، جيم وا جو... مَنِجو

ڪائِين: کي الف ڪا، همزويي نون زير اِين، نون زير نِ... ڪائِين

ڪانيرو: ڪاف الف ڪا، نون يي ني، ري وا، رو... ڪانيرو

---

[135] سنڌي ڪتابن ۾ 'گهٽي نون' کي 'ساڪن' 'ن' سمجهي، اُن جي مٿان جزم ڏني ويندي آهي. جزم جو اهڙي حالت ۾ استعمال سراسر غلط آهي (وڌيڪ ڏسو ايلس جي صورتخطيءَ ۾ اوٽايون)

[136] منهنجي خيال موجب، گهٽن سُرن جي اها هجي درست نہ آهي (ڏسيل 'هجي' لاءِ ڏسو اڳتي گهُٽي سُر جو بيان).

جِنڙِي: جِيم زير جِ، نون زير نِ، ڙي ي. زير ڙِي... جِنڙِي

## 16 ـ وسرگائي (Aspiration)

ايلس صاحب، پنهنجي الف ـ ب واريءَ پٽيءَ ۾، وسرگ آوازن جي صورتن لاءِ ڪن حرفن جي پويان 'ھ' حرف ملائي، وسرگ آوازن جون صورتون مقرر ڪيون آهن، تہ وري ڪن حالتن ۾ وسرگ آوازن لاءِ حرفن ۾ زائد نقطا (diacritical points) ڏنا ويا آهن. مثلاً:

[ج] ۽ [گ] جي وسرگ آوازن لاءِ، 'ج' ۽ 'گ' جي پويان 'ھ' حرف ڳنڍي، انهن کي 'جھ' ۽ 'گھ' جي صورت ڏنائين[137] ليڪن [پ، ب، ت، ٽ، چ، د ۽ ڊ] جون وسرگ صورتون، زائد نقطن جي مدد سان، 'ڦ، ڀ، ٿ، ٺ، ڇ، ڌ ۽ ڍ' مقرر ڪيائين، اهڙيءَ طرح [ڪ] جي وسرگ صورت 'ک' مقرر ڪيائين.

حاصل مطلب تہ ايلس جي صورتخطيءَ ۾، تورن وسرگ ۽ مورڌني (retroflex) آوازن [ٽ]،[ڊ] ۽ (ڙ) کان سواءِ، اهي سڀ صورتون اهي ئي آهن، جيڪي مخدوم ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ نظر اچن ٿيون. حرفن جا مختلف روپ (shapes)ـ يعني منڍ وارا، وچيان، آخري ۽ سالم حرف ـ انهن کي لفظن ۾ هڪبئي سان ملائي لکڻ جا طريقا، سمورا حرف علت، تنوين، جزم، شد، وغيره، سڀ هن ابوالحسن جي سنڌيءَ مان ڪنيا. مخدوم صاحب وري اهي صورتون ڪانئس اڳ لکيل عربي ۽ فارسي نسخن تان ورتيون، هيٺ مخدوم ابوالحسن ۽ ايلس جي صورتخطين جا مثال ڏجن ٿا:

---

[137] ڪن صاحبن جي خيال موجب [جھ، گھ] مرڪب آواز آهن جن کي 'ج' ۽ 'ھ' ذريعي نمايان ڪيو ويو آهي. اها راءِ صحيح نہ آهي، اهي مرڪب آواز نہ، پر وسرگ آواز آهن، مثلاً: [سُمهي] لفظ ۾، [مھ] وسرگ آواز آهي، مرڪب نہ آهي، پر 'تمهيد' ۾ لفظ [م ۽ ھ] مرڪب آواز [مھ] جو مثال آهن.

however, the Arabic character, though ill- adapted to express Sindhi sounds, has come into common use, and a modification of the Devanagari is proposed for adoption, though. I believe it is not actually employed by any class of Sindhians".[140]

(ب) ايلس جي صورتخطيءَ تي سڀ کان زياده تنقيد ڊاڪٽر ٽرمپ ڪئي آهي. حالانڪ مقامي ماهرن، ديوان ڀيرومل[141] ۽ مرزا قليچ بيگ[142] به ايلس تي تنقيد ڪئي آهي، پر انهن جون تنقيدون ٽرمپ جي تنقيد جو ئي ترجمو آهن. ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجيءَ تنقيد ۾ لکي ٿو ته: "سنڌيءَ لاءِ سنسڪرت ۽ پراڪرت واري خط کان سواءِ ڪوبه خط موزون ٿي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻولي سنسڪرت ۽ پراڪرت جي لائق ڌيءَ آهي."[143] ٽرمپ اڳتي لکي ٿو ته: "عربي رسم الخط ڪيترن ئي سنڌي آوازن لاءِ نامڪمل آهي، انهيءَ ڪري اهڙن سنڌي آوازن لاءِ عربيءَ جي حرفن کي هڪ خاص نموني نقطا ڏيئي، سنڌي آوازن لاءِ صورتون قائم ڪيون ويون آهن، سو غيراطمينان بخش آهي، مثال طور، وسرگ آوازن لاءِ ڪيترن ئي حرفن تي زائد نقطا ڏنا ويا آهن.[144] ٽرمپ جي راءِ موجب: "وسرگ آوازن جي صورتن سان 'ھ' هميشہ ملائڻ گهرجي. هن هيٺين تبديلين لاءِ سفارش ڪئي آهي."[145]

| آواز | ايلس واري صورت | ٽرمپ واري صورت |
|---|---|---|
| وسرگ | ڦ | پھ |
| | ٻ | بھ |

[140] John Beames, 1872, Comparative Grammar of the Modern Aryan Languages of India, Vol: I, P. 55, Footnote

[141] آڏواڻي ڀيرومل: 1956ع، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد: ص 266

[142] مرزا قليچ بيگ: 1960ع، سنڌي وياڪرڻ جلد 3، ايضاً، ص ص 74_69

[143] Trump. P.E., O Cit, P.I

[144] Ibid., PP 2 and 3

[145] Ibid., P. 3

| | | |
|---|---|---|
| وسرگ | ٿ | تھ |
| | ڌ | دھ |
| | ٺ | ٽھ |
| | ڍ | ڈھ |
| | ڇ | چھ |
| | ک | کھ |
| مورڌني | ٽ | ٽ |
| | ڊ | ڈ |
| | ڻ | ٺ |
| گھٽا وينجن | ڃ | نج |
| | ڱ | نگ |
| نرم تارونءَ وارا[146] | ڪ | ک |
| چوُسٹا | ڏ | ڏ |
| | ڄ | ڄ |
| | ڳ | گ |

درحقيقت ٽرومپ جون ڏسيل ڪي صورتون تہ ايلس وارين صورتن کان بہ زياده مشڪل ۽ زائد نقطن واريون آهن. جيتوڻيڪ وسرگ آوازن [پھہ].[ٻھہ].[تھہ].[دھہ].[چھہ] ۽ [کھہ] جي صورتن لاءِ ٽرومپ جو اعتراض ۽ راءِ وزندار آهي، پر سندس ڏسيل صورتون 'ٿھہ' ۽ 'ڏھہ'، ايلس وارين صورتن 'ٺ' ۽ 'ڊ' کان وڌيڪ منجهائيندڙ ۽ مشڪل آهن. اُن کان سواءِ ٽرومپ جو رايو تہ: "ايلس وارين صورتن 'ٽ'، 'ڊ'، 'ڄ'، 'ڏ' ۽ 'ڳ' جي بدران 'ٽ'، 'ڏ' ۽ 'ڄ'، 'ڏ' ۽ 'گ' صورتون اختيار ڪرڻ گھرجن، ڇاڪاڻ تہ ايلس واريون صورتون،

[146] پراڻي نظريي موجب (ڪ ۽ ک) کي نڙيءَ وارا (gutturals) آواز چئبو آهي پر جديد لسانيت ۾ انهن کي نرم تارونءَ وارا (velar) آواز چئبو.

سندس خيال موجب منجهائيندڙ آهن.“ حقيقت ۾ ٽرومپ وارين صورتن کان ايلس واريون صورتون، وڌيڪ آسان ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ڇاڪاڻ ته نقطن جي لحاظ کان ايلس جي صورتن ۾ ٽرومپ جي صورتن کان نقطا گهٽ آهن.

ٽرومپ جو ’سخت تارونءَ واري گهڻي وينجن‘ (palatal nasal sound) [ڃ] ۽ ’نرم تارونءَ واري گهڻي وينجن‘ (velar nasal sound) [ڱ] جي صورت لاءِ ورتل اعتراض به ڪمزور آهي. ٽرومپ جو رايو آهي ته: ”سخت تارونءَ واري گهڻي وينجن لاءِ ’ڃ‘ جي بدران ’نج‘، ۽ نرم تارونءَ واري گهڻي وينجن لاءِ ’ڱ‘ جي بدران ’نگ‘ هئڻ گهرجن“. هن جو خيال آهي ته ”گهڻا آواز هميشه ’ن‘ حرف سان لکڻ گهرجن“[147]. پر صوتيات جي ڄاڻن کي هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح معلوم آهي ته بين الاقوامي صوتياتي الف- بي (International phonetic Alphabet) جي نقشي (Chart) ۾ به انهن آوازن ۽ ٻين گهڻ وينجنن، سواءِ [ن] جي، باقي ٻين آوازن جون تحريري صورتون ’ن‘ حرف سان مقرر ڪونه ڪيون ويون آهن، يعني [ڃ] ۽ [ڱ] لاءِ ’نج‘ ۽ ’نگ‘ صورتون مقرر نه ڪيون ويون آهن. اُن کان سواءِ اگر ’ڃ‘ ۽ ’ڱ‘ کي، ’نج‘ ۽ ’نگ‘ جي صورتن ۾ لکيو وڃي ها ته جيڪر ڪيترن ئي لفظن جي فرق ۽ سڃاڻپ ۾ دقت پيدا ٿئي ها. مثلاً، ٽرومپ جي صورتخطيءَ موجب ’سنج‘ ۽ ’سنج‘ ۾ فرق معلوم ڪرڻ مشڪل ٿئي ها، پر ايلس جي صورتخطيءَ موجب انهن ۾ تفاوت آسانيءَ سان ظاهر ٿئي ٿو. مثال طور:

| ايلس واري صورتخطي | ٽرومپ واري صورتخطي |
| --- | --- |
| سَنجِ | سَنجِ |
| سَڃِ | سَنجِ |
| ٻَنجَ | ٻَنجَ |
| ٻِڃَ | ٻِنجَ |

[147] Trumpp. Op. Cit: p.4

ساڳيءَ طرح، ’ڱ‘، ’نگ‘ کان زياده آسان ۽ موزون آهن. مثلاً:

| ايلس واري صورتخطي | ٽرمپ واري صورتخطي |
|---|---|
| سنگِ | سنگِ |
| سڱِ | سنگِ |
| آنگِ | آنگِ |
| آڱ | آنگِ |

حاصل مطلب ته سر بارٽل فريئر جي هيءَ راءِ بلڪل درست آهي ته: ”ٽرمپ جو اعتراض ٻن ٽن حرفن لاءِ بلڪل وزندار آهي، جن جو استعمال گهٽو گهٽ آهي. ۽ انهيءَ سبب ڪري ايلس واري صورتخطيءَ ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ سفارش اجائي آهي“.[148] هيٺ ڏنل نقشي ۾ ايلس ۽ ٽرمپ جي طرفان مقرر ڪيل الف- ب جي پٽي ڏجي ٿي، انهيءَ لاءِ ته ٻنهي ۾ جيڪو فرق آهي سو نمايان نظر اچي:

| ايلس واريءَ الف- ب جي پٽي | ٽرمپ واريءَ الف- بي جي پٽي |
|---|---|
| ب | ب |
| ٻ | ٻ |
| ڀ | ٻھ |
| ت | ت |
| ٺ | تھ |
| ٽ | ٿھ |
| ٿ | ٿ |
| ث | ث |

[148] Frere. B., Op. Cit., P.5

| | |
|---|---|
| پ | پ |
| ڦ | پھ |
| ج | ج |
| ڄ | ڄ |
| جھ | جھ |
| ڃ | نج |
| چ | چ |
| ڇ | چھ |
| ح | حْ |
| خ | خ |
| د | د |
| ڌ | دھ |
| ڎ | ڎ |
| ڊ | ڐ |
| ڍ | ڈھ |
| ذ | ذ |
| ر | ر |
| ڙ | ڙھ |
| ز | ز |
| س | س |
| ش | ش |
| ص | ص |
| ض | ض |
| ط | ط |

| | |
|---|---|
| ظ | ظ |
| ع | ع |
| غ | غ |
| ف | ف |
| ق | ق |
| ڪ | ک |
| ک | کھ |
| گ | گ |
| گھ | گھ |
| ڳ | ەگ |
| ڱ | گ (ليڪن وٽ ڪنڊي جهڙو نشان) |
| ل | ل |
| م | م |
| ن | ن |
| ڻ | ٿِ |
| و | و |
| ھ | ھ |
| ء | ـ |
| ي | ي |

**18_ ايلس جي صورتخطيءَ ۾ لفظن جي صورتن ۾ اختلاف:**

عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي مقرر ٿيڻ کان پوءِ اول اول تہ سنڌي لفظن جي هجي ۽ پڏن (Syllabication) تي ڪوبہ توجهہ نہ ڏنو ويندو هو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترائي لفظ ڌار ڌار نمونن ۾ پيا لکبا هئا. يعني مختلف ماهر ڪيترائي لفظ ڌار ڌار نمونن ۾ پيا لکندا هئا. انهيءَ اختلاف لاءِ

## 1۔ ننديرام[155]

(الف) لفظن جون ڌار ڌار صورتون:

| | | |
|---|---|---|
| جيئَن | ۽ | جئَن |
| تيئَن | ۽ | تئَن |
| هِيين | ۽ | هِنئي |
| پوئي | ۽ | پوءِ |
| اُنهِن | ۽ | اُنن |

(ب) ڏگهو گهٽو آخري سر [اين] ۽ [اوَن[156]]

| | | |
|---|---|---|
| چڱيءَ | ۽ | هُيوَن |
| ماجراءَ | ۽ | نُئُون |
| سداءِ | ۽ | ڪڏهين |

## 2۔ پريداس[157]

(الف) لفظن جون ڌار ڌار صورتون

| | | |
|---|---|---|
| چڱوُ | -- | چڱوَن ۽ چنگوَن |
| ڳنئون | -- | ڳنئو ۽ ڳنوُ |
| آءَ | -- | آئون ۽ آنوُ |
| ڪنهِ | -- | ڪِهِي، ڪَهِ ۽ ڪَنهِ |
| هِي | -- | ۽ هيءَ |
| پِي | -- | ۽ پيءَ |

(ب) ڏگهو گهٽو آخري سر [اوَن]،[اينِ] ۽ [اين[158]]

---

[155] ننديرام: باب نامو: ص 22 ۽ 27

[156] ننديرام: باب نامو: ص ص 22، 25 ۽ 28

[157] پريداس: 1828ع، سنڌي ٽيون ڪتاب، ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پرنٽنگ پريس، ڪراچي: ص ص 7، 14، 25، 26، 28، 34 ۽ 38

| | |
|---|---|
| ڏِناءُ | ڪَيائُون |
| جَماعت[1] | جماعِتونُ |
| اسِ | آسين |
| سَيَڪِهِ | سَيَڪَنهِ |

1888ع ۾ سنڌ جي ايجوڪيشن انسپيڪٽر ايچ. پي. جيڪب ڏار ڏار هِجي وارن لفظن جون صورتون مقرر ڪرايون. سندس حڪم سان اهڙن لفظن جا چارٽ تيار ڪرايا ويا.[159] جن مان ڪي لفظ هي آهن:

| **سرڪاري طور مقرر صورت** | **ڏار ڏار صورت** |
|---|---|
| جَڏِهن | جُڏَهْ، جَڏِهِ، جَڏِهِي، جَڏِهينْ، جَڏِينْ |
| ڪَڏِهن | ڪَڏَهْ، ڪَڏِهِي، ڪَڏِهينْ ۽ ڪَڏِينْ |
| ڪَنهن | ڪَهْ، ڪَه ڪَنهينْ، ڪَنهْنْ ۽ ڪَهِي، |
| جَنهن | جَهْ، جَہِڳ جَنهين، جَنهْنْ ۽ جَهِي |

اهڙن سيني لفظن جا چارٽ سڄيءَ سنڌ جي اسڪولن ۾ ورهايا ويا. انهيءَ هوندي بہ ڏگهو گهڻو سر ۽ ٻيا لفظ نظر چُڪ سبب رهجي ويا.

1913ع ۾ سنڌيءَ جي عالمن ضروري سمجهيو تہ اهڙن مختلف لفظن جون صورتون مقرر ڪيون وڃن، ۽ ان وقت جي تعليمي ماهرن ۽ سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن، 13 فيبروري 1913ع تي ٺهراءُ پاس ڪري، اخبار تعليم ۾ اهڙن مڙني لفظن جون فهرستون شايع ڪرايون، ۽ انهن جون درست صورتون بہ ڏنيون. اخبار تعليم ۾ ڇاپايل آهي:

”جن سنڌي لفظن جي هجي، انگريزي نالن ۽ لفظن جو سنڌيءَ ۾ تلفظ ڪم آڻڻ بنسبت مختلف رايا هئا، تن بابت سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن، تاريخ 13 فيبروريءَ 1913ع تي پاڻ ۾ گڏ ٿي هيٺئين ريت ٺهراءُ

---

[158] پريداس: ص ص 213، 224، 237، 238 ۽ 239

[159] ميمڻ محمد صديق: سنڌ جي ادبي تاريخ، ڀاڱو پهريون، ص ص 23 ۽ 24

ڪيو آهي:[160]

| غلط | صحيح | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| اونڌائي | اونداهي | سجون | سڄيون |
| ڏهائي | ڏهاڙي | پروا | پرواهہ |
| توٽي | توڙي | دريا | درياهہ |
| ٿيو | ٿيون | ويهڻ | وهڻ |
| ننويا ننون | ٿوَ | ويراهڻ | وراهڻ |
| ڪنٺوار | ڪنئار | ڇہ | ڇَهہَ |
| هُوا | هئا | ٿُل | ٿُلهہ |
| جُيوُن | جوُن | مُڪ | مُڪيہ |
| ايان | ايا | بجاج | بزاز |
| چٽان | چٽا | بدماش | بدمعاش |
| وڃين[161] | وڃي | بصل، بَسَرُ | بصر |
| ڪنيان | ڪنيا | بقل | بڪر |
| ڪٽين | ڪٽي | تادي | تعدي |
| جڄهو | جهجهو | تهمل | تحمل |
| محل | مهل | پڙدو | پردو |
| سَهِي | صحيح | جافران | زعفران |
| چاڪ | چاق | چهبڪ | چابڪ |
| مطرڪو | مترڪو | حوال | احوال |
| ضعيف | زائفان | خومچو | خونچو |

---

[160] اخبار تعليم، نمبر 1، جلد 12، اپريل 1913ع، ص ص 27_29

[161] ضمير حاضر واحد جي گردان ۾ وڃين لکڻ درست آهي_ ڪميٽي

| | | | |
|---|---|---|---|
| جثو | جسو | ڏارچيني | دالچيني |
| ايضاً | ايضاً | طبلو | دہلو |
| بالڪل | بلڪل | دستارخوان | دسترخانو |
| بالفعل | بلفعل | دنبورو | طنبورو |
| استعيفا | استعفا | دوفان | طوفان |
| املڌاس | املداس | سايو | سعيو |
| سرگشت | سرگس | نمازشام | نام شام |
| شگون | سگڻ | هاون دستو | همام دستو |
| سِلهه | سِلَ | حمام دستو | |
| شير پياز | سير پياز | يادگاري | يادگيري |
| فانوش | فانوس | رنگ | رڱ |
| ڪسر | ڪٿر | پاگون | پاڱو |
| قينچي | ڪئنچي | رنج | رڃ |
| گازي، گاجي | غازي | اسڪول | سڪول |
| | | ليمڪ | نمڪ |

(ب) هيئيان لفظ ٻنهي صورتن ۾ صحيح آهن:[162]

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مهنو | يا | مهينو | وَئي | يا | ويئي |
| چوي | يا | چئي | پئي | يا | پيئي |
| پوي | يا | پئي | توب | يا | توف |
| ڦل | يا | ڦر | ڪلف | يا | ڪرف |
| پليد | يا | پليت | مسجد | يا | مسيت |

(ب) نظر، پاڪي، مدعا، ناموس ۽ ڦيرگهير، اهي لفظ جنس مونث ۾

[162] اخبار تعليم، حوالو مٿي ڏنو ويو آهي، ص 29

۽ نہ ڪ جنس مذڪر ۾ ڪم آڻڻ گھرجن.[163]

(ت) ڪاليج ۽ سڪول جنس مذڪر ۾ ڪم آڻڻ گھرجن.[164]

(ج) ملائڪ، اسرار اولياءَ، قلوب، تواريخ ۽ احوال، اهي لفظ جمع جي صورت آهن، پر اِهي سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندا آهن.[165]

(ح) انگريزي نالن جي هجي سندن اُچارن موجب هئڻ گھرجي.

(خ) 'هہ' حرف جو اُچار ڪن لفظن ۾ صفا ظاهر آهي، ڪن ۾ نہ آهي. صفا اُچار ظاهر ڪرڻ لاءِ اعرابون ڪم آڻجن، مثلاً:[166]

| | | | |
|---|---|---|---|
| مهِنڙَ | گھَڻَ | (آنداز) | گھڻ |
| (ناداني) | جِهلَ | تلاش | جهل |

انهيءَ هوندي بہ ڪي صورتون رهجي وئيون. 1915ع ۾ اُن وقت جي ايجوڪيشن انسپيڪٽر، ديوان جڳننات، انهيءَ مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي. مرزا قليچ بيگ ان ڪميٽيءَ جي سرگرم ميمبرن مان هڪ هو. اُن ڪميٽيءَ ڌار ڌار صورتن ۾ لکيل ڪيترن ئي لفظن جون صورتون مقرر ڪيون، جن مان ڪي هي آهن:

| <u>ڌار ڌار صورتون</u> | <u>مقرر صورتون</u> |
|---|---|
| آءُ ۽ آئون | آءُ |
| ڪياءُ ۽ ڪيائُون | ڪيائُون |
| چاڪ ۽ چاق (چڱو ڀلو) | چاق |
| ڪُرف، ڪُلُف ۽ قُفِل | ڪُلف |
| قَئِنچي، ڪَئنچي | ڪَئِنچي |

---

[163] اخبار تعليم حوالو مٿي ڏنو ويو آهي، ص 29

[164] اخبار تعليم

[165] ايضاً

[166] ايضاً

صبحاڻي، سياڻي صبحاڻي

## 19_ هاڻوڪيءَ صورتخطيءَ ۾ عام خاميون:

(الف) لفظن جي صورتن جي چارٽ پڌري ٿيڻ جو چڱو اثر ٿيو ۽ گهڻن ئي لفظن جون يڪسان صورتون رائج ٿي ويون، پر تڏهن بہ ڪي لفظ اجا تائين ڊار ڊار نموني ۾ پيا لکجن[167]، ايتريقدر جو 1962ع ۾ ڇپايل سنڌي ٻاراڻي ۽ درسي ڪتابن ۾ بہ اهڙيون ڦريل گهريل صورتون نظر ٿيون اچن[168] جيڪي يا تہ ٻين ايڊيٽرن جي پنهنجن مختلف اُچارن سبب آهن، يا اڳوڻين مقرر صورتن کي بيخبريءَ سبب نظرانداز ڪرڻ جي ڪري آهن. انهن ڦيرين گهيرين مان ڪي هي آهن:

| مقرر صورت | درسي ڪتابن (ٻاراڻو ۽ پهريون) ۾ ڦريل گهريل صورتون |
|---|---|
| جَڏِهن | جَڏِهين[169]، جَڏِهن[170]، جَڏّهن[171] |
| تَڏِهن | تَڏِهن |
| ڪَڏِهن | ڪَڏِهڻ[172]، ڪَڏِهن[173] |
| ڪهڙو | ڪَهُڙو[174]، ڪهڙو[175] |
| آءٌ | آئُون[176]، آءٌ[177] ۽ آءَن |

---

[167] اهڙن ڪن لفظن جي فهرست 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾ ڏسو.

[168] سنڌي ٻاراڻي ۽ پهرئين ڪتاب جا ڇاپا، هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي شايع ٿيڻ کان پوءِ بہ ڇپيا آهن، جن جي مٿان لکيل هوندو آهي 'نظرثاني ٿيل'، پر حقيقت ۾ ايڊيٽر صاحبن انهن ڪتاب تي نظرثاني ڪرڻ طرف ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڏنو آهي.

[169] سنڌي پهريون ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد: 1962ع، ص 27

[170] ايضاً، ص 29

[171] ايضاً، ص 37

[172] ايضاً، ص 20

[173] ايضاً، ص 23

[174] ايضاً، ص 7

[175] ايضاً، ص 7

ڪپڙا ڪپڙا[178]، ڪَپڙا[179]

اهڙيءَ طرح ٻيا ٻه ڪيترائي لفظ آهن، جن جون ڦريل گهريل صورتون، سنڌي ٻاراڻي ۽ پهرئين ڪتاب ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. اُهي لفظ جيڪي اچا ٻه ڏار ڏار نمونا پيا لکجن اُنهن مان ڪي هي آهن:

لفظن جي درست لکڻين لاءِ سفارش

| ڪتابي صورت | درست صورت لاءِ سفارش |
| --- | --- |
| ٻاٻا | بابا |
| گهَاٽو | گهاٽو |
| ڪِچِرو، ڪِچرو | ڪِچرو |
| سُهِڻَا، سُهڻا | سُهِڻا |
| ڏِيَانُ | ڏْيانُ |
| پِريمُ | پْريمُ |
| پِيارُ | پْيارُ |
| گِيانُ | گْيانُ |
| تِيارِ | تْيارِ |
| ڏيَارِي | ڏْيارِي |
| گيٿُ | گِيتَ |
| گڏِجيءَ | گڏِجي |
| ساراهِيُون | ساراهِيُن |
| آهِ، آهيءَ | آهي |
| تيلِيءَ | تيلِي |

[176] ايضاً، ص 7
[177] سنڌي پهريون ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد: 1962ع، ص 27
[178] ايضاً، ص 7
[179] ايضاً، ص 7

| | |
|---|---|
| مُوڙِيَ | موڙي |
| ٿُورِيْ | ٿوري |
| ٻيرُ | ٻيِر |
| خَيْرُ | خَيرُ |
| بَيْتُ | بَيتُ |
| قَوْمَ | قومَ |
| فَوْجَ | فوجَ |
| آهِينَ | آهِين |
| اَسِينَ | اسِين |
| پَڙهِيُو | پَڙهيو |
| ڳالهِيُونْ | ڳالهِيُون |
| سُمِهِيَ | سُمهِي |
| ڳاڙها | ڳاڙها |
| ڏاڙهُونَ | ڏاڙهُون |
| ڳُوڙهِيَ | ڳُوڙهي |
| سَنهِي | سَنهِي |
| مَلُهُونْ | ملهُون |
| جُوارِي | جُوئارِي |
| هُوا ۽ هُئا | هُئا |
| ڪُئا | ڪوِئا |
| شَيْءِ، شئي | شي |
| مَيُ | مي |
| هِيَ | هِي |
| هِيءَ | هِيءَ |

| | |
|---|---|
| لَغَڙُ | لَغَڙ |
| ٿرِسُ | ٿڙَسُ |
| غَلَط | غَلَطُ |
| ماٺُهوءَ | ماٺهوءَ |
| چاقُو | چاقوُ |
| زَيْتُونُ | زَيتوُنُ |
| لآبارو | لابارو |
| سُهِڻو | سُهِڻو |
| ڳَهِڙو | ڳهِڙو |
| رَوْشَنُ | روشَنُ |
| مَهَلَ | مهِلَ |
| اَرِٿوارُ | آرتوارُ |
| ڇَنِڇرُ | ڇَنُڇَرُ |
| نِڪَرُو | نِڪرِرو |
| رَهجَي | رَهجي |
| رَڪجي | رَڪِجي |
| لهرَون | لَهِروُن |
| لِکِيَلُ | لِکيَلُ |
| مَکيُن | مکيُن |
| جَڏهِن، جَڏهِن | جَڏهِن |
| زبانُ | زبانُ |
| سَيْ | سيِ |
| ارچڪ | اِڙِچڪِ |
| مِرچڪ | مِڙِچڪِ |

| | |
|---|---|
| چَھَبَڪَ | چَھَبَڪَ |
| چَرچو | چَڙچو |
| جِنهِن | جَنهِن |
| ٻَرَنْ | ٻَرِنِ |
| اَصْلِ | اَصِلِ |
| اُپَرِيو | اُپِرِيو |
| ڏِسَبا، ڏِسِبا | ڏِسَبا |
| وَاٿُهَڙُو | واٿهڙو |
| سَيَڪو، سَپِڪو | سپڪو |
| ڳَڏلي | ڳڏلي |
| ٻَڪرِيْ | ٻڪِري |
| ٻُهَتِيوُنْ | ٻهُتيوُن |
| اُڪرِي | اُڪِري |
| ڪُوڙِڻُ | ڪوڙڻُ |
| ڏُوڪِڻُ | ڏوڪڻ |
| ڦُوڪِڻُ | ڦوڪڻُ |
| ٿُوڪِڻُ | ٿوڪڻ |
| پُوڄِڻُ | پوڄڻُ |
| ٻِيئي | ٻئي |

**(ب) جزم جو استعمال:**

<u>وچيان ڳڏيل آواز ۾ جزم</u>۔ 1853ع ۾ جڏهن سنڌيءَ لاءِ سرڪاري صورتخطي ٺهي تيار ٿي هئي، تڏهن ان وقت جا عالم ديوان ننديرام، ديوان اُڌارام، سيد ميران محمد شاهه، قاضي غلام علي ۽ ٻيا عربي ۽ پارسيءَ جا چڱا ڄاڻو هئا. هنن لفظن جي پدن تي گهڻو توجهه ڏنو. اهي صاحب، 'جزم' ۽

'شد' جي استعمال کان چڱيءَ طرح واقف هئا. انهيءَ کان سواءِ هو يا تہ عربي رسم الخط جي اصولن کان واقف هئا، يا تہ عربي لفظ بلڪل ائين ئي لکيائون، جيئن پارسي لفظن ۾ ڏنائون. مثال طور، ٻن وينجنن جي 'گڏيل آوازن' جي تحريري صورت ڏيکارڻ لاءِ، ٻنهي صورتن مان 'ساڪن وينجن' مٿان 'جزم' ڏيئي، 'گڏيل آوازن' کي تحريري صورت ڏنائون. جيئن:

| سنڌيءَ ۾ صورت | عربيءَ ۾ صورت |
|---|---|
| عِلمْ | عِلم |
| مڪتبْ | مُڪتب |
| مطلَبْ | مَطْلَب |

مٿين عربي لفظن ۾ 'ل'، 'ڪ' ۽ 'ط'[180] صورتن وارا آواز [لم]،[ڪت] ۽ [طل] گڏيل آوازن ۾ ساڪن آهن.

سنڌيءَ جا استاد ۽ ماهر، جيتوڻيڪ مٿيان لفظ ائين ئي لکندا آهن، جيئن مٿي ڏنل آهن، پر جزم جي اهميت ۽ استعمال کان غير واقف هجڻ سبب، انهن لفظن جي 'هجي' ۾ 'ساڪن وينجن' کي متحرڪ (syllabic) ڄاڻائيندا آهن. مثال طور، مٿين لفظن جي هجي هيئن ڪندا آهن:

عِلمُ: عين زير اِ، لام زير لِ، ميم پيش مُ.... عِلِمُ

فِڪرُ: في زير فِ، ڪاف زير ڪِ، ري پيش رُ... فِڪِرُ

سنڌيدان مٿيون نہ صرف عربي لفظن جي جزن ۽ پدن جي 'هجي' کان اڻواقف رهيا آهن، پر خالص سنڌي گڏيل آوازن کي بہ غلط پدن ۾ ورهائي، انهن جي غلط هجي ڪندا آهن، يعني ٻن پدن وارن لفظن (bisyllabic words) ۾ اُچاريل گڏيل آوازن کي، غلط 'هجي' سبب، سُرَ ذريعي توڙي، 'ٽن پدن وارو لفظ' (trisyllabic word) ڪري، هجي ڪندا آهن. مثال طور:

---

[180] سنڌ ۾ 'ط' جو آواز (ت) ڪندا آهن، ۽ 'ع' جو متبدل آواز نہ هئڻ ڪري، وينجن [ع] جي بجاءِ، حرف علت [ا، اِ، اُ، آ وغيره]، جو اُچار ڪندا آهن.

’هَلڪو‘، ’ڏرٽي‘ ۽ ’چَمڪو‘ ٽن پدن وارا لفظ آهن، جن ۾ [ل]،[ر] ۽ [م]، ساڪن آواز آهن. سنڌ جا ماڻهو پنهنجن اُچارن ۾ مٿيان آواز ساڪن ڪندا آهن، پر ’صوتيات‘ ۽ ’هجي‘ جي اصولن کان بيخبر هئڻ سبب، سنڌ جا اُستاد، مٿين لفظن جي هجي هيئن ڪندا آهن:

هَلِڪو: هي زبر هَه، لام زير لِ، ڪاف وا ڪو.... هَلِڪو

ڏَرِٽي: ڏال زبر ڏَ، ري زير رِ، ٽي يي زير ٽي... ڏَرِٽي

چَمِڪو: چي زبر چَ، ميم زير مِ، ڪاف وا ڪو... چَمِڪو

دراصل انهن جي هجي هيئن ٿيڻ کپي[181]:

هَلْڪو: هي لام زبر هَل، ڪاف وا ڪو... هَلْڪو

ڏَرْٽي: ڏال ري زبر ڏَر، ٽي يي زير ٽي.... ڏرٽي

اهڙيون اوڻايون سرڪاري درسي ڪتابن ۾ گهڻيون نظر اچن ٿيون. سنڌي پرائيمر ۽ پهرئين ڪتاب ۾ گڏيل آوازن کي يا تہ سُر ذريعي ڌار ڪيو ويو آهي، يا ڪن هنڌن تي انهن ساڳين گڏيل آوازن ۾ ساڪن وينجن مٿان جزم ڏني وئي آهي، انهيءَ مان اهو تہ ظاهر ٿئي ٿو تہ اهڙن لفظن جي تحريري صورت وقت، صوتياتي اصولن ۽ آوازن جي جوڙن (components) جي پابندي نہ ڪئي وئي آهي. مثلاً:

---

[181] سنڌي صورتخطيءَ جي ٻئي ڇاپي ۾ صفحي 50 تي، حاشيي ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ / هلْڪو/ لفظ جا پد ٿيندا/ هہ+لڪو/ ۽ /چَمْڪو/ جا پد ٿيندا /چَہ+ مڪو/، پر وڌيڪ تحقيق ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا ۽ پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب جي راين ۽ ساڻن ڪيل بحث کان پوءِ آءٌ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ پهرئين ڇاپي ۾ ڄاڻايل پدن جي تقسيم درست هئي، يعني:

| لفظ | درست تقسيم | غلط تقسيم |
| --- | --- | --- |
| هَلْڪو | هَل+ ڪو | هہ+ لڪو |
| چَمْڪو | چمَ+ ڪو | چَہ+ مڪو |

| سنڌي پرائيمر | سنڌي پهريون ڪتاب |
|---|---|
| ڪِڇرو[182] | ڪِڇُرو[183] |
| ڪَتِري[184] | ڪَٽري[185] |
| سُهِڻا[186] | سُهُڻا[187] |

مٿين لفظن ۾ [ڪِڇ]،[ڪَت] ۽ [سُه]، سنڌي صوتياتي نظام موجب ڳنڍيل آواز آهن، انهن جي سنڌي پهرئين ڪتاب واري صورتخطي درست آهي.

**منڍ وارا ڳنڍيل آواز ۽ جزم:**

لفظن جي وچ وارن ڳنڍيل آوازن کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي اُنهن لفظن جي منڍ ۾ به ڳنڍيل آواز سنڌي صوتيات جي اصولن موجب ممڪن ٿي نه آهن. انهيءَ ڪري سنڌي ڪتابن ۾، ڪن لفظن جي منڍ وارن ڳنڍيل آوازن کي بلڪل ترڪ ڪيو ويو آهي. انهن جي باري ۾ برابر خبر تڏهن پوندي، جڏهن اُنهن لفظن جي لکيل صورت کي پاسيرو ڪري، اُچاريل آوازن کي ٻڌبو ۽ انهن تي سوچبو. سنڌي ٻوليءَ ۾ هيٺ ڏنل لفظن جي منڍ ۾ آيل آوازن تي سوچيو اهڙن ڳنڍيل آوازن جي وچ ۾ ننڍيا سر ڪم آڻي، انهن جو اُچار ڪيو ويندو آهي. مثلاً:

| منڍ وارو ڳنڍيل آواز | لفظ جو اُچار |
|---|---|
| /پْرُ/ | پْرِيمُ |
| /ٻْرُ/ | ٻْرِهمَڻُ |

---

[182] ابراهيم جويو: "سنڌي پرائمر"، ص 38
[183] ابراهيم جويو: "سنڌي پهريون ڪتاب"، ص 15
[184] ايضاً، "سنڌي پرائيمر"، ص 32
[185] ايضاً، "سنڌي پهريون ڪتاب"، ص 15
[186] ايضاً، "سنڌي پرائيمر"، ص 25
[187] ايضاً، "سنڌي پهريون ڪتاب"، ص 20

## 20_ صاف سر ۽ جزم:

سنڌي ڪتابن ۾ صاف سُرن[191] جي تحريري صورت ۾ به 'جزم' کي ڪم آندو ويو آهي. جزم جو اهڙو استعمال درست نه آهي. مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته 'جزم'، جنهن کي 'سڪون' به چئبو آهي، ان جو ڪم آهي 'ڪن ساڪن وينجن آوازن کي تحريري صورت ۾ ڏيکارڻ'. ڀلا اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي ته سُر به ساڪن يعني غيرمتحرڪ هجن؟ جيڪڏهن سُرَ غيرمتحرڪ نٿا ٿي سگهن ته پوءِ سرن جي لکيل صورتن مٿان جزم لکڻ يا جزم جي نشان ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانه هوندي آهي. اها اوڻائي 'جامع سنڌي لغات' ۾ به جابجا نظر اچي ٿي.[192] سنڌي درسي ڪتابن ۾ لکت هن ريت آهي:

گِيْتَ[193]، گڏِجِيْ[194]، وَسائيْ[195]، سار اهِيُوْن.[196]

مٿين لفظن ۾ [اِي]،[اِي] ۽ [اُون] ڊگها سر آهن، ۽ انهن جي مٿان جزم ڏيڻ درست نه آهي. مثلاً: گِيتُ، لفظ ۾ [گ] وينجن آواز جي پٺيان [اِي] سُرَ آواز اُچارڻ سان [گِي] پد ٺهي ٿو. سر ته اصل ۾ وينجنن کي تحرڪ ۾ آڻين ٿا. ۽ اُهي خود هميشه متحرڪ هوندا آهن. انهن جو غيرمتحرڪ هئڻ ممڪن ئي نه آهي. انهيءَ ڪري اهڙن زائد 'جزمن' وارن لفظن جي درست صورت هيٺ ڏجي ٿي:

| سنڌي ڪتابن ۾ عام صورت | درست صورت جي سفارش |
|---|---|

[191] 'صاف' مان هت مراد اُهي سُر آهن، جيڪي گهُڻا نه هجن، يعني non_nasalised

[192] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1960، جامع سنڌي لغات، جلد اول، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

[193] ابراهيم جويو: سنڌي پهريون ڪتاب، ص 5

[194] ايضاً

[195] ايضاً

[196] ايضاً ۽ پڻ ڏسو: جامع سنڌي لغات ۾ حرف علتن مٿان جزم جو استعمال.

| | |
|---|---|
| آهيَ[197] | آهي |
| هِيُءَ[198] | هيءَ |
| تِيلِيَ[199] | تيلي |
| مُوڙِيَ[200] | مُوڙي |
| ٽُوڙِيَ[201] | ٽُوڙي |
| بِيڙ[202] | بير |

حاصل مطلب تہ سرن جي لکيل صورتن مٿان جزم جو استعمال غيرضروري آهي. اهڙيءَ طرح [اوُ] سر جي لکيل صورت 'اوُ' ۾ 'پيش'، 'و' جي مٿان اچڻ کپي، ۽ هت بہ جزم ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي، جيئن: 'مُورُي' لکڻ گهرجي ۽ نہ ڪ 'مُوڙِي'، جيئن سنڌي پرائيمر ۾ ڏنل آهي. هن ڏس ۾ گهٽن سرن جي بيان وقت، پروفيسر ملڪاڻي بہ صاف نظر نٿو اچي. هو لکي ٿو تہ پيش، 'ن' مٿان ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ 'ڇَتوُن' لفظ جي هجي ڪرڻ مهل ٻار چوندا آهن: "ڇي زبر ڇَ، تي وا نون پيش تون" . انهيءَ ڪري 'نون' کان پوءِ 'پيش' چوڻ سان، 'پيش' 'نون' مٿان ڏيڻ کپي."[203] دراصل 'ڇَتوُن' ۾ اهڙن

---

[197] ابراهيم جويو: سنڌي پرائيمر، ص_7
[198] ايضاً، ص _7
[199] ايضاً، ص 26
[200] ايضاً، ص 27
[201] ابراهيم جويو: سنڌي پرائيمر
[202] ايضاً، ص 28
[203] منگهارام ملڪاڻي: ماهوار سنڌو، ڊسمبر 1945ع، ص 11 ۽ پڻ ڏسو: مارچ 1946ع، ص ص 18، 19 ۽ 20

ٻين لفظن ۾ 'ن' صورت، گهٽي وينجڻ طور ڪم آندل نہ آهي، پر اهڙن لفظن ۾ 'ن'، صرف گهٽي سر جي نشانيءَ طور ڪم آندل آهي، جيئن اڳ ۾ چيل آهي، مثلاً:

| گهٽو ڊگهو سر | صاف ڊگهو سر |
|---|---|
| سائِين | سائِي |
| آسِين | آسِي |
| رَوان | روا |
| چَروُن | چَروُ |

مٿين لفظن ۾ [اِي]، [ا] ۽ [اوُ] 'صاف ڊگها سُرَ' آهن، ۽ [اين، آن ۽ اوُن] گهٽا ڊگها سُر آهن. انهيءَ ڪري 'زير' يا 'پيش' سرن جي لکيل صورتن جي هيٺان يا انهن جي مٿان ڏيڻ کپي. جيتريقدر ملڪاڻي صاحب جي بيان ڪيل 'هجي' جو سوال آهي، ان ۾ پڻ تبديليءَ جي ضرورت آهي. جيئن:

| درست هِجي جي سفارش | عام (ديوان ملڪاڻيءَ جي اصول واري هِجي) | لفظ |
|---|---|---|
| ـ ساڳي ـ | الف مد آ، هي يي زير، هِي | آهِي |
| الف مد آ، هي يي زير نون، 'هِين' | الف مد آ، هي ي نون زير، هِين | آهِين |
| ـ ساڳي ـ | ري زير رَ وا الف وا | رَوَا |
| ـ ساڳي ـ | ري زير رَ وا الف نون وان | رَوان |
| ـ ساڳي ـ | چي زير چَ، ري وا پيش، روُ | چَروُ |
| چي زير چَ، ري وا پيش | چي زير چَ، ري وا نوَن | چَروُن |

پيش "رڻُن"                نون، رڻُن[204]

اهڙيءَ طرح سنڌي يڪ- پدا ٻٽا سر [اَي] ۽ [اَو] بہ درست نٿا لکيا وڃن. مثلاً:

خَيرُ جي بدران لکن خَيْرُ

بَيتُ جي بدران لکن بَيْت

قوَمَ جي بدران لکن قَوْمَ

فوَجَ جي بدران لکن فَوْجَ

انهن سيني لفظن ۾ 'جزم' جي استعمال مونجهارو پيدا ڪيو آهي. هڪ غير سنڌي جڏهن سنڌي پڙهڻ ويهندو تڏهن 'و' واريءَ صورت کي وينجن سمجهندو ۽ نہ ڪ سُرَ. چاڪاڻ تہ سرن مٿان جزم ڪانہ ڏني ويندي آهي.

**گهٽا سر ۽ جزم:**

(الف) پراڻن سنڌي ڪتابن ۾ گهٽي سُرَ واري 'ن' مٿان بہ جزم ڏني وئي آهي. مثلاً: آهِيںْ، اَسِيںْ.

'آهِين' ۾ 'ن' مٿان جزم جو استعمال ڏيکاري ٿو تہ 'ن' ساڪن آهي، نہ ڪ نون غنون. جيتوڻيڪ ساڪن وينجن [ن] ۽ گهٽي سُرَ واري نشان 'ن' ۾ وڏو فرق آهي، مثال طور:

| ساڪن وينجن [ن] | گهٽي سر وارو 'ن' |
|---|---|
| سَنْتُ | آهِين |
| هَنْسِ | تَنهِن |
| گِهنْٽِي | تَڏهن |

[204] هجي ۾ تفاوت فقط 'اِين' ۽ 'اوُن' گهٽڻ ڏگهن سُرنَ جي صورت ۾ ڪيو وڃي ٿو. جنهن صورت ۾ 'آن' جي هجي ڪرڻ مهل سُر کان پوءِ 'ن' چيو وڃي ٿو (جيئن: آن) تنهن صورت ۾ 'اين' ۽ 'اوُن' جي هجي ڪرڻ وقت بہ ائين ڪرڻ گهرجي.

## 21_ وسرگ آواز:

انگريزن جي ابتدائي زماني ۾ ڇپيل ڪتابن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ان دور ۾ بہ ڇپيل سنڌي ڪتابن ۾ وسرگ آوازن جي صورتخطيءَ ۾ يڪسانيت جو خيال نہ رکيو ويو هو يعني تہ ان دور ۾ ڇپيل ڪتابن جي صورتخطيءَ ۾ بہ گهڻي ڦيرگهير نظر اچي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جا [ل]،[ڙ]،[م]،[ن] ۽ [ڻ] آواز هيٺين لفظن ۾ وسرگ آهن. 'ڪالهہ'، 'ڳاڙهو'، 'ٻانهوُن'، 'سامهوُن' ۽ 'ماڻهوُ' لکيا. پر لفظن جي پڙهن ۾ ڪيترن ئي مصنفن، [لهہ]،[ڙهہ]،[نهہ]،[مهہ] ۽ [ڻهہ] کي وسرگ آواز نہ سمجهي، [ل ۽ هہ]،[ن ۽ هہ]،[ن ۽ هہ]،[م ۽ هہ] ۽ [ڻ ۽ هہ] کي ڌار ڌار آواز ظاهر ڪيو ۽ انهن وسرگ آوازن کي سنڌي صورتخطيءَ ۾ سر جي ذريعي ڌار ڪري ڇڏيو گويا اُهي آواز وسرگ نہ آهن. مثلاً:

| ديوان اڌارام واري صورت[205] | درست صورت |
|---|---|
| پڙهِيوُ | پڙهِيو |
| ڳالهُيوُن | ڳالهيونُ |
| سُمِهي | سُمِهِي |

بلڪل ساڳيءَ طرح [ل]، [ڙ]، [م]، [ن] ۽ [ڻ] جي وسرگ آوازن [لهہ]، [ڙهہ]، [مهہ]، [نهہ] ۽ [ڻهہ] کان اڻڄاڻ هئڻ سبب سنڌيءَ جا ڪيترائي استاد وسرگ آوازن کي حرف علت ذريعي ڌار ڪندا آهن، ۽ 'هجي' ڪندا آهن:

(1) پَڙهِيو: پي زبر پَ، ڙي زير ڙِ هي زير هِ، ي وا يو= پڙهيو

(2) سُمهِي: سين پيش سُ، ميم زير مِ، هي ي زير هِي= سُمهِي

---

[205] منشي اڌارام: 'سنڌي پهريون ڪتاب'، ص ص 9، 13 ۽ 27

نوٽ: ڪن صاحبن 'پڙهيو' لفظ ۾ 'هہ' مٿان جزم ڏني آهي، جزم جو اهڙو استعمال درست نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ جزم مان ائين سمجهيو تہ [هہ] ڌار ساڪن وينجن آهي. انهيءَ لحاظ سان [ڙهہ] 'ڙ' ۽ 'هہ' جو گڏيل آواز سمجهيو، جو سنڌيءَ ۾ ممڪن نہ آهي.

پر انهن لفظن جي درست هجي ٿيندي:

(1) پڙهيو: پي زبر پَ، 'ڙهِ' زير ڙهِ، ي وا يو= پڙهِيو

(2) شمهي: سين پيش شُ، 'مهہ' ي زير، مهِي = شُمِهي

جويو صاحب جيتوڻيڪ مٿين آوازن جي وسرگ جوڙ کان واقف آهي[206]، تنهن هوندي هن صاحب به ڪيترن ئي لفظن جي صورتخطيءَ ۾ فرق ڏيکاريو آهي. مثلاً:

| آواز | جويي صاحب جو استعمال | جويي صاحب واري مقرر ڪيل صورتخطي | فرق |
|---|---|---|---|
| ڙهہ | ڙهہ[207] | ڳاڙهو | زير [اَ سر] ڪم آڻي، [ڙهہ] |
| ڙَهہ | ڙَهہ | ڳاڙَها | ڪي، [ڙ] ۽ [ھہ] ۾ ڏار ڪيو اٿس. |
| ڙهہ | ڙُهہ | ڏاڙُهونْ | پيش [اُ سر] ڪم آڻي، [ڙهہ] ڪي [ڙ] ۽ [ھہ] ۾ ڏار ڪيو اٿس. |
| ڙهہ | ڙِهہ | ڳوڙِهي | زير [اِ سر] ڪم آڻي، (ڙهہ) ڪي [ڙ] ۽ [ھہ] ۾ ڏار ڪيو اٿس. |

دراصل سندس لکيل سنڌي پرائيمر ۾ هيٺيون ڏسيل درستيون ٿيڻ کپن:

| جويي صاحب واري صورت | درست صورت لاءِ سفارش |
|---|---|
| ڳاڙَها | ڳاڙها |
| ڏاڙُهوَن | ڏاڙهوَن |
| ڳوڙِهي | ڳُوڙِهي |

---

[206] ابراهيم جويو: سنڌي پرائيمر، ص ص 36 ۽ 37

[207] ايضاً

| | |
|---|---|
| سَنِهي | سَنهي |
| مَلُهوُن | مَلهوُن |

**22_ شد:**

درسي ڪتابن ۾ 'شدّ' جي استعمال ۾ بہ يڪسانيت نہ آهي. مثلاً پهرئين ڪتاب ۾ 'اَنَ' ۽ 'ڪَنَ' لفظن تي 'شد' جو نشان (mark of gemination) ڪونہ ڏنو ويو آهي.[208] پر اڳتي هلي 'پَنَ' لفظ ۾ 'ن' تي 'شد' ڏيئي، 'پّن' لکيو ويو آهي.[209] عام طور سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'شد' جي نشاني ڪم ڪانہ آندي ويندي آهي. جيتوڻيڪ اچار ۾ ڪي آواز ڪن اصولن هيٺ (جن جو ذڪر سنڌي صوتيات ڪتاب ۾ ڪيو ويو آهي) مشدد (geminated) ٿين ٿا. اهو هڪ جدا بحث آهي.[210] جنهن جي هن ڪتاب ۾ گنجائش ڪانهي.

نتيجي طور چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾ فني لحاظ کان گهڻين ئي درستين جي ضرورت آهي.

---

[208] ابراهيم جويو: سنڌي پهريون ڪتاب، ص ص 5 ۽ 6

[209] ايضاً، ص 7

[210] هن نڪتي تي هڪ ڌار مقالي لکڻ جي ضرورت آهي.

## ببليوگرافي

سنڌي ڪتاب


1. مخدوم ابوالحسن: مقدمه الصلوات، برٽش ميوزيم ۾ رکيل قلمي نسخو.
2. آڏواڻي ڀيرومل: 1926ع، وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڀاڳو ڀيو هندو پريس، ڪراچي:
3. آڏواڻي ڀيرومل: 1956ع، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد:
4. جويو محمد ابراهيم: سنڌي پرائيمر، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد: 1962ع،
5. جويو محمد ابراهيم: سنڌي پهريون ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد: 1962ع،
6. سيد حسام الدين شاهه راشدي: 1961ع، مقالو منصوره جي تاريخ جو هڪ باب، سماهي، مهراڻ، نمبر1، جلد_10، حيدرآباد:
7. ديوان ننديرام: 1869ع، ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پرنٽنگ پريس، ڪراچي:
8. ديوان پريداس: 1866ع، سنڌي پهريون ڪتاب، ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پرنٽنگ پريس، ڪراچي:
9. دين محمد وفائي: 1964ع، مقالو سنڌي زبان جي مختصر تاريخ، مهراڻ جون موجون، پاڪستان پبليڪيشن، ڪراچي:
10. علي ڪوفي: 1954ع، چچنامو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
11. غلام علي قاضي: 1854ع، هندستان جي تاريخ، سنڌ نيوز پرنٽنگ پريس ڪراچي:

12. غلام علي الانا: 1967ع، سنڌي صوتيات، پهريون ڇاپو ادبيات پبليڪيشنز حيدرآباد:

13. غلام علي الانا: 1967ع، مقالو سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سماهي مهراڻ، نمبر_2.

14. لوڪناٿ: 1959ع، سنڌي ٻوليءَ جي لپي، مساني روڊ، بمبئي_19.

15. ليلو رچنداڻي: 1967ع، مقالو وڻجارا، سماهي مهراڻ، نمبر_3.

16. ميران محمد شاهه: 1855ع، سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه، سنڌي نيوز پرنٽنگ پريس، ڪراچي:

17. ميان محمد: 1860ع، سنڌي صرف و نحو گورنمينٽ آف سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪراچي:

18. مرزا قليچ بيگ: 1960ع، سنڌي وياڪرڻ، جلد_3، سنڌي ادبي بورڊ.

19. ميمڻ محمد صديق: 1954_55ع، سنڌ جي ادبي تاريخ، جلد اول، ڇاپو ٽيون، آر. ايڇ. احمد برادرز حيدرآباد:

20. منشي اُڌارام: 1877ع، سنڌي پهريون ڪتاب، ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پرنٽنگ پريس، ڪراچي.

21. ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ: 1969ع، مقالو سامي (عرب) تهذيب جي ارتقا ۾ سنڌ جو حصو نئين زندگي.

22. ملڪاڻي منگهارام: 1945ع، ماهوار "سنڌو"، ڊسمبر.

23. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: 1962ع، سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، حيدرآباد:

24. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: 1960ع، جامع سنڌي لغات، جلد اول، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد:

25. اخبار تعليم ـ ـ لڊ ـ 12، اپريل، 1913ع.

**اردو ڪتاب**

26. عبدالحق مولوي: قواعد اردو، انجمن اردو پريس، اورنگ آباد: 1926ع.
27. سيد سلمان ندوي: 29، عرب و هند ڪي تعلقات، هندستان اڪيڊمي، الهہ آباد: 1930ع.
28. ابوالحسن مسعودي: مروج الذهب و معاون الجوهر، اردو ترجمہ هندستان عربون ڪي نظر مين، جلد اول، دارالمصنفين، اعظم ڳڙهہ: 1960ع.
29. ابن نديم: 1962ع، الفهرست، ايضا، جلد دوم.
30. اصطخري 1962ع، المسالڪ الممالڪ، ايضاً.
31. بشاري مقدسي: 1960ع، احسن التقاسيم في مرفتہ، ايضاً، جلد اول.
32. بزرگ بن شهريار: عجائب الهند، ايضا، جلد اول. 1960ع.
33. جاحظ: 1960ع، "رساله فخرالسودان علي البيضان"، اردو ترجمہ، جلد اول.

**انگريزي ڪتاب**

34. Aitken, E. H., 1907, Gazetteer of the Province of Sind, Mercantile Steam Press, Karachi:
35. Bloomfield, L. 1961, Language, George Allen and Unwin Ltd, London:
36. Burton, R.F. 1851, Sind and the races that inhabit the Valley of river Indus, W.H. Allen & Co, London:
37. Daudpota M.U., Dr. 1955, An Article: Sindhi Literature, Published in

Cultural Heritage of Pakistan Oxford University Press, London:

38. Edward, C, Sachau, 1910, Alberuni's India, Kegan Paul and Trench, Trubner, London:

39. Ellis, B. H., 1855, Report on the Education of Sindh, Bombay:

40. Elliot, E. H., 1868, History of India, Vol-1, Trubner & Co, London:

41. Firth, J.R., 1957, Papers in Linguistics 1934-51, Oxford University Press, London:

42. Frere, B, 1855, Introductory Remarks on the Report on Education in Sindh. Bombay:

43. James C., Melvill. 1854, Scinde., Administration of Scinde, East India House.

44. Johan Marshal, 1931, Mohen-jo- Daro and the Indus Civilization, Arthur Publication, London:

45. John Beames. 1872, Comparative Grammar of the Modern Indo Aryan Languages of India. Vol-1.

46. Jairamdas, Daulatram, 1957, Ancestry of Sindhi Language, New Delhi:

47. Kubchandani, L. R., 1961, The Phonology and Morphophonemtics of Sindhi, M. A Thesis, Pensylvanina University.

48. Khan, F. A., 1963, Report on Bhambor Excavations, Department of Archaeology, Govt: of Pakistan, Revised edition, Karachi:

49. Paper, H. H, 1955, The writing System of Modern Persian, American Council of Learned, Societies, Washington:

50. Stack. G., 1849, A Grammar of sindhi Language American Mision Press, Bombay:

51. Trumpp, E., 1872, The Grammar of Sindhi Language, F. A. Brockhans, Leipzig:

52. William Bright. 1958, The Urdu Writing System, American Council for Learned Societies, Washington:

9 789696 250241